ڪَرِيو نَہ تنهن جو آيِرُ

منوهر بيلي • جگديش لچاڻي

کِريو نه تنهنجو کير

(اڏيري لعل، سنت ڪنور ۽ شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جي جيون ۽ ڪارنامن تي آڌارت ٽي- وي- ناٽڪ)

رچناڪار:

موهن بيدي - جگديش لڇاڻي

پرڪاشڪ:

وينا پبليڪيشن

٧٠١، راجيو اپارٽمينٽ، گول ميدان،

الهاسنگر - ٤٢١٠٠١ فون: ٧٠١٠٣

مهاڳ

سنڌي ساهت جي ڪيترن ۾ ڪي جوڙا مشهور آهن، جن مان هر هڪ جيون کي حاصلاتون آهن، خوشگوار ڳانڍاپن جي بڌل آهن ۽ ڪنهن خاص مهڪ کان مشهور آهن. پر ڏسندي ڏسندي هڪ نئين جوڙي وجود ۾ اچي ويئي آهي ۽ ٿوري ئي ڪيترن ۾ پڌرا ڏيا ڏيندي، اڳتي وڌندي پئي وڃي. اها جوڙي آهي پروفيسر جگديش لڌاڻي ۽ شاعر منوهر پيڊيءَ جي. سنگم پلي اتفاقي هجي پر ڏٺو پيارو ۽ اسان جي ساهتيڪ ڪيترن ۾ انوکو آهي، خاص ڪري انهيءَ لحاظ کان ته. هنن ٻنهي گڏجي رچنا جي انهيءَ ماڌيم کي پنهنجي سرجڻ ڪاريه لاءِ ڪنيو آهي، جنهن ۾ اڳ گهڻو ڪجهه نه ٿيو آهي. سندن ماڌيم جي چونڊ به پنهنجي ليکي هڪ ساهسي قدم آهي.

لڳي ائين پيو ته جڻ هنن همراهن اجوڪي زماني جو سڏ اونايو آهي؛ للڪار قبول ڪئي آهي. جن ڳالهه تي ڇپيو اٿن ته اڄ جو يگ پڙهڻ ۽ ڏسڻ جو يگ آهي، تنهنڪري نون ماڌيمن جو اپيوگ ڪري رچنا سنسار جو پين ڪي، خاص طور نئين نسل کي درشن ڪرائڻو آهي. ١٩٨٦ کان وٺي ڪيئن من اچل آئي ته. هو ويڊيو ۽ ٽي.وي لاءِ، هلڪيون ڦلڪيون نه، پر گنڀير اسڪرپٽون تيار ڪن، جن ۾ هو سنڌي پرسڌ شخصيتن کي اوڙي تاريخي سورمن کي شهادتي قد ۾ اڀاري، سندن شاندار ڪردار کي بلند پائي ۾ اظهارڻ ۽ احساس ۾ سندن سمپورڻ تصوير جوڙي ڇڏين. هن سلسلي ۾ پهرين هنن لوڪپاله گانڌي پروفيسر رام پنجواڻي تي اسڪرپٽ تيار ڪئي،

Khariyo Na Tunhinjo Kheer

By :
Manohar Bedee &
Jagdish Lachhni

●

Publisher:
Rajesh Lachhani
Veena Publication
701, Rajiv Apartment
Goal Maidan,
Ulhasnagar-421 001
☎ 70103

سلسلو

نمبر	نالو	صفحو
١-	جل ۽ جوتين وارو	٩
٢-	سنت کدور	٢٧
٣-	شهيد هيمون ڪالاڻي	٩٧

●

Printed by:
Sansar Samachar
Com. Art Printers
Shree Ganesh Apartment,
3/6, Station Road, Ulhasnagar-3

●

Year; 1990
Price: Rs. 46/- Only

حقيقت جو اڳـو هن اسڪرپٽ ۾ ڪٿي درشيه اچي وڃي
ها ته ٽاريخ جو هڪ خوبصورت باب اُڀري پوي ها. اِيءَ
طرح هيءَ چيز مڪمل آهي، جنهن جو ٽشن اٿودار ويڊيو فلم
تيار ٿي سگهي ٿي.

"سنت ڪنور" واري اسڪرپٽ مان خير ويڊيو ڪئسيٽ
ڊ سنڌر نموني تيار ٿي ويندي، پر هن اسڪرپٽ ۾ اِها پـ
قوت ۽ ڪوالٽي آهي، جو ان کي ٿورو ٿي سنوارڻ ۽ سونڻ
سان، هن جي آڌار تـي هڪڙو زوردار سنگيت ـ نـاٽڪ
(ميوزيڪل پلي) تيار ٿي سگهي ٿو، جنهن ۾ سنت شرومڻي
ڀڳت ڪنوررام جي وشال شخصيت جو درشن ٿيندو ۽ سندي
ڀڳت جي اِتهاسڪ ڊاڪيومينٽري پڻ تيار ٿي پوندي.

هن اسڪرپٽ ۾ ڪافي محنت ڪيل آهي. چڱي اوڪ
ڊوڪ سان ڀڳت ڪنوررام جـي ڀومڪي جيون جا اهم پهلو
نکارڻ جـي ڪامياب ڪوشش آهي. هـوَ درويش صورت ۽
سيرت جو صاحب آهي؛ سچي سون جـو ٺهيل آهي؛ انسان
لاءِ محبت سان سندس هردو ڀمڪار آهي. اِهو ٻاهرين پدو ته
آهي. دل جـي گهرائي مـان جاڳيل احساس آهي. جيڪي
ڪنور آهي، اُنـي لولا لنگڙا ۽ اپاهج آهن. اِهي سندس
ڀڳوان آهن. ڀورين ڀڳوان ڪانهيندا، پوءِ داس (ڪنور) ڪانهيندو؛
ڀورين هوُ سمهندا، پوءِ ڪنور سمهندو. هوُ هڪ ڪامل شخص
آهي. ڀڳوان (جي آهي) ته ڪنور ئي اُن جو سچو روپ آهي.
هن جوڙي پنهنجي تخليقي قوت جو درشن ڪرايو آهي، جو
ڪي ڪي درشيه دل کي لوڏي ٿا ڇڏين. اهڙا درشيه فلمايا
ويندا تـه زوردار اثر ڇڏيندا، جنهن تـه مٿل ٻار کي هنج ۾
وٺي، لولي ڏيئي جهارڻ وارو واقعو.

شهيد هيمون ڪالاڻي وارو اسڪرپٽ، ويـر هيمون جي

پوءِ لوڪ ٻولي شاعر پرسرام ضياء، آچاريه ماستر چندر ۽ سنگيت جي راڻي ڀڳونتي ناواڻي تي اهڙي نموني جو پرڀاوُ ڪيو، جنهن ڪانپوءِ مشهور ليکڪا پوپٽي هيرانندڻي جي هن ماڻهن ۾ جيون جهاتڪي تيار ڪيائون. ان سلسلي جي چوٿين ڪڙي هيءُ پستڪ آهي، جنهن جو سرو پڻ من موهيندڙ رکيو اٿن:
ڪر ڀلو ته ٿيندو ڪير.

هن مجموعي ۾ سنڌ جي شاندار اتهاس مان ٽن اعليٰ ۽ سورهيه ڪردارن کي کڻي آيا آهن، جن مان هرهڪ پنهنجيءَ جاءِ ۾ چمڪندڙ ستارو آهي. اُڏيرولال ڌرم جي مهان آدرش جو مجسمو آهي، ڪنور ڀڳت ڪلا جي کيتر جو درخشان تارو آهي ۽ هيمون ڪالاڻي سنڌ جي شهيدن جو سرمور آهي.

”جل ۽ جوتين وارو“ اسرڪپت اُڏيرولال جي چمتڪاري شخصيت کي چٽڻ تو ڪري. ڪهاڻي ته اسان سڀني جي ڄاتل سڃاتل آهي، پر هتي ليکڪ اُڏيرولال کي هڪ مهان شخص جي روپ ۾ اُڀاري سندس انسانيت سان ڀرپور پهلوءَ کي اُجاگر ڪيو آهي، جيڪو مرک شاهه جهڙي تعصبيءَ کي مذهب جي صحيح راهه ڏيکاري چڱي سيڪيولرزم جا پهريان سبق ته سيکاري. مون کي ته اِئين پيو لڳي ته ڀارت جي مهان ڌرتيءَ تي پهريون سيڪيولروادي سنت (راڄنيتي سطح تي) سنڌ ۾ ئي ڄائو هو، جو ڌرم جي پوئلڳي ڪري ئي انسانيت جي اعليٰ آدرش جو جهنڊو بلند ڪري آيو ۽ سنڌ ڌرتيءَ تي محبت جو پيغام آندائين. هندو توڙي مسلمان سندس پوئلڳ بڻيا، الڳ نالن سان. هڪڙن لاءِ اُڏيرولال ته ٻين لاءِ خواجا خضر. اهڙي قدر جو ٻنهي طرفان يادگار هڪڙي ئي هنڌ، ساڳي حالت ۾ آهي. هڪڙي اَڌ ۾ اُڏيري لال جي سماڌي ۽ ٻئي ۾ خواجا خضر جو مقبرو. اهڙي اهم ٽوان

پنهنجي پاران :

اڄ جو يڳ ٻڌڻ - ڏسڻ (*Audio_Visual*) جو يڳ آهي. نئين پيڙهيءَ جو ڪتاب پڙهڻ مان چاهه وڃي ٿو ڏينهن پوءِ ڏينهن نڪرندو. وڊيو ۽ تصويرن (*Images*) ڏسڻ ۾ هن جي روچي وڃي پيئي وڌندي. اهو ئي سبب آهي جو وديشي ملڪن ۾ ڪي ايجنسيز پنهنجي ساهت کي آڊيو ٽيپس ۽ وڊيو ڪئسيٽس ۾ **Convert** ڪرڻ لڳيون آهن. ڇو ته اهي ڄاڻن ٿيون ته نئين پيڙهيءَ کي پنهنجي ڪلچر ۽ ساهت ڏانهن موڙڻ لاءِ اهو ئي هڪ موزون واهڻ آهي. اسان سنڌين سان پڻ ائين ئي آهي. اسان سنڌين کي پنهنجو پرانت ڪونهي، پنهنجي زمين ڪانهي. اسان سنڌي پنهنجي زمين کان اکڙجي سڄي دنيا ۾ داڻو داڻو ٿي ڦهلجي ويا آهيون.

ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته اسان جي نئين پيڙهــي ٻن، پنهنجي ڪلچر، ادب ۽ سنسڪرتيءَ کان گهڻي قدر اڻواقف آهي ۽ انڪري اسان ٻه پنهنجي ***Rich heritage*** جي ڄاڻ، نئين پيڙهيءَ کي ***Audio_Visual*** ميڊيا ذريعي ئي ڏئي سگهون ٿا. وڻندڙ ۽ سهڻيون ڪئسيٽس تيار ڪري، اسان نئين پيڙهيءَ کي پنهنجين مهان هستين ۽ شاهڪار ادب کان واقف ڪري سگهون ٿا.

انهيءَ ضرورت کي محسوس ڪندي مون ۽ منوهر بيديءَ وڊيو - فلم اسڪرپٽس ۽ ٽي. وي. سيريلس لکڻ ۽ ڇپائڻ جو سلسلو شروع ڪيو. ١٩٨٦ ۾ شروع ڪيل ان سلسلي جي هيءَ چوٿين ڪڙي آهي.

اسان هن کان اڳ سنڌيت جي ايلچي پدم شري پروفيسر رام پنجواڻيءَ سان وڊيو اسڪرپٽ لکڻ جي شروعات ڪئي ۽

ڪردار کي ڪافي برجستي نموني ۾ چٽڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. نه صرف سندن زندگيءَ جا اهم ترين واقعا فوڪس ۾ ٿا اچن، پر ننڍڙا ننڍڙا تفصيل نگاري هيمون جي شخصيت کي صحيح طور تي اڀاريو ويو آهي، سندس آهڙو اصولي انسان اڳيان جهڪي ٿي پوي، جيڪا معصوم به آهي، پياري به آهي، ساهسي به آهي ۽ محڪم به آهي. تنهن ٿيءَ لاءِ ديش ڀڳتيءَ جو آدرش ۽ آتما ڏيندڙ آهي. پر پاسي ٽيسومل جو ڪردار ڏاڍو ڪمزور ٿو لڳي ۽ ايڏي جڳهه (اسڪرپٽ ۾) جو حقدار نه آهي. ٻي ڳالهه ته هن اسڪرپٽ کي ضرورت کان وڌيڪ لمبو ڪيو ويو آهي. ڪي واقعا ته منهنجي سمجهه ۾ مکيه ڪردار کي اوچ نٿا ڏين. مثال طور فقير ۽ جاسوس وارو، اڪبر ۽ ملاح وارو وغيره. ڪٿهين مزاحي وارو منظر پيدا ڪرڻ جي ضرورت ٿيندي آهي، پر ان جي مقدار جو خيال رکبو آهي. ساڳيءَ طرح سوترڌار جا وڏا تاريخي داستان ۽ وڏا ڊائلاگ پڻ تاثير کي گهٽ ٿا ڪن. هيمونءَ جي شهيديءَ واري واقعي سان راجستي تاريخ جو پن سؤ سالن جو پس منظر ٻڌائي صورت ۾ ڏيڻ اسڪرپٽ کي وزندار نٿو بڻائي. هونئن مضبوط خاڪو به ونڌي ٿو وڃي. پر پڇاڙيءَ وارن درشين ۾ هيمونءَ جي ماتا، دليري ۽ بي ٻاٻائي اسڪرپٽ کي چوٽ چاڙهي ٿي ڇڏي ۽ سندس دل اٿاريندڙ وهدوار وڏي عقيدت ۽ محبت جو جذبو جاڳائي ٿو.

ڪتاب جي ٻولي سرل، مٺي ۽ وهڪ واري آهي، جنهن مان سنڌي سڳنڌ ٿي اچي ۽ سڄي ڪتاب ۾ سنڌ جي فضا ۽ حالتن جو هڳاءُ سمايل آهي. اديب دوستن جي حاصلات قابل ـ داد آهي.

ڪيرت ٻاٻاڻي

جل ۽ جوئن وارو

فيڊ ان.

درشيه - ١

(ڪئميرا ڪلوز سوترڌار تي)

سوترڌار: اڄ کان هزار ڪن سال اڳ جي ڳالهه آهي. انهن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ ننڍيون - ننڍيون رياستون هونديون هيون. اهڙي ئي هڪڙي رياست هئي ٺٽو، جتي مرڪ شاهه نالي هڪ مسلمان حاڪم راڄ ڪندو هو. مرڪ شاهه هئو ته نيڪدل انسان پر ڪن جو ڪچو هو ۽ ملن مولوين جي ڄار ۾ ڦاٿل هو. پرمتڙيو هو، هڪ دفعي مولوين هن جي مغز ۾ اها ڳالهه ٻري ته جيڪڏهن سڄيءَ رعيت کي اسلام جي جهنڊي هيٺ آڻبو ته ملڪ ۾ نه فقط شانتي رهندي بلڪ آسودگي به ايندي. (ڪٽ)

درشيه - ٢   عام رستو (ٻاهر)   ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز پڙهيواري تي. هو زور زور سان دهل وڄائي رهيو آهي. هن سان گڏ ڪجهه سپاهي به آهن.)

پڙهيوارو: ٻڌو - ٻڌو - ٻڌو...... مرڪ شاهه سلطان جو فرمان.... رعيت جي سک ۽ شانتيءَ لاءِ اهو بيحد ضروري آهي ته ملڪ ۾ هڪ ئي مذهب اسلام جا پوئلڳ هجن. غير مسلم رعيت کي شاهه سلطان جو حڪم آهي ته يا ته اسلام قبول ڪري الله ۽ حضرت محمد صاحب ۾ ايمان آڻن يا هي ملڪ ڇڏي هليا وڃن.... هڪ هفتي اندر جي حڪم جي بجا آوري نه ڪئي ويئي ته انجام جا جوابدار غير مسلمان پاڻ ٿيندا .... ٻڌو - ٻڌو - ٻڌو....

(ڪيترائي ماڻهو پڙهيواري جي ارد گرد اچي ٿا ڪٺا ٿين. انهن ۾ هندو به آهن ته مسلمان به، ٻار ۽ ٻڍا آهن ته جوان

ان بعد مشهور شاعر پرسرام ضيا، سنگيت آچاريه ماسٽر چندر ۽ سنڌي ڪويل ڪماري ڀڳونتي ناواڻيءَ تي لکيو سين. ڀڳونتي ناواڻيءَ بعد اسان ڪماري پوپٽي هيراننداڻيءَ جي جيون ۽ خيالن جي آڌار تي هڪ ويڊيو فلم اسڪرپٽ "پوءِ-ڦٽي پوپٽي" شايع ڪئي ۽ هينئر منوهر بيدي ۽ منهنجي قلمبند ڪيل هيءَ چوٿين رچنا "ڪريو نه تنهنجو ڪير" توهان جي اڳيان آهي. اسانجي دلي تمنا آهي ته سنڌي ڪلائون، سنگيت، گيت، لوڪ ڪهاڻيون ۽ لوڪپريه مهان شخصيتن جا جيون چرتر، جن نه صرف سنڌي سماج تي پر ڀارتي سماج تي به اثر وڌو آهي، ٽيلي اسڪرپٽ فارم ۾ پيش ڪريون. اسانجي اها به مرضي آهي ته اسين اهي ڪتاب سنڌيءَ سان گڏوگڏ هنديءَ ۾ به شايع ڪريون، جيئن سنڌين سان گڏوگڏ اسنڌي ڀارتي-ڀاشي به اسانجي ادب ۽ اسانجي مهان شخصيتن کان واقف ٿين. جيڪڏهن ڪو سنڌي دانوير يا سنڌي ساهت ۽ سنسڪرتيءَ جو شيدائي اڳيان وڌي، ويڊيو فلمون ناهڻ جو ڪم هٿ ۾ کڻي ته اها سنڌس سنڌي جاتيءَ جي وڏي سيوا ٿيندي. هونئن به وڇڙائيءَ ۾ ڪيترائي سنڌي سڄڻ، سنڌي ڪلائن ۽ سنڌي سنسڪرتيءَ جي پرچار ۽ پرسار لاءِ نڪري نروار ٿيا آهن. اهي ڪلچرل پروگرام اسپانسر به ڪرڻ لڳا آهن. ٽڪاڻن، مندرن، ڌرمشالائن ۽ اسڪولن ۽ ڪاليجن تي سنڌي دانويرن ڪافي خرچ ڪيو آهي. هينئر وقت آهي، جڏهن اُنهن کي پنهنجي ٻولي، ساهت ۽ ڪلچر ڏانهن دلي توج ڏيڻ جڳائي. جيڪڏهن ڪو سڄڻ ٽي-وي-سيريل ناهڻ جو ڪم هٿ ۾ کڻي، يا ڪي اسپانسر اڳيان وڌن ته اسان اُنهن سان ٻيا اُجيري پورو پورو سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار آهيون.

پروفيسر جگديش لڇاڻي

مرڪز شاهه: مکي صاحب، توهان سڀ مولکي بيحد پيارا آهيو. منهنجي اکين جا تارا آهيو.... پر ملڪ مان اشانتي ۽ فساد ٽاري ڪيڻ لاءِ توهان جو فرض آهي ته حاڪم جا هٿ مضبوط ڪريو. ملڪ جي ۽ توهان جي ڀلائي انهيءَ ۾ آهي ته توهان سڀ هندو جٽيو لاهي، ڇوٽي ڪٽائي، جدائيءَ ۽ ڀائيءَ کي ترڪ ڪري، اُمت سان ملي هڪ ٿي وڃو.

اهڙو وزير: مکي! حاڪم جي حڪم جي پيروي ڪرڻ رعايا جي هرفرد جو فرض آهي. جيڪڏهن توهان ضد نه ڇڏيو ته خدا جي دربار ۾ توهان کان سوال پڇيو ويندو ته ڇو ڪفر تي قائم رهي توهان هزارين بيگناهن جو خون وهائڻ لاءِ حاڪم کي مجبور ڪيو. ان جو آهي توهان وٽ ڪو جواب؟

مکي: (ادب سان) جيئندا قبلا، توهان جو فرمان حرف به حرف سچو آهي. پر حضور جن کي نه خبر آهي ته پنهنجن ۾ پرميشور ڏسندو آهي. منهنجي يا ٻن ڇهن هندو شاهوڪارن جي اسلام قبولڻ سان ملڪ جا سڀ هندو پنهنجو دين ڪونه بدلائيندا. اسان کي اجازت ڏني وڃي ته پنهنجاس ڪوتائي اها ڳالهه سڀني کي ذهن نشين ڪرايون.... تنهن کان سواءِ پنهنجي اشٽ ديوتا، ورڻ ديو کان به آگيا وٺڻي آهي. ڪٿي ورڻ ديو اُتل ڪائي ملڪ کي ٻوڙي نه ڇڏي.

مرڪز شاهه (ٺٺولي ڪندي) مکي صاحب، مون توهان کي ڪافي ذهين سمجهيو هو؛ پر اڄ ته توهان ٻاراڻيون ڳالهيون ڪري رهيا آهيو! توهان ڀلي پنهنجن سان صلاح مصلحت ڪريو. ڀلي پنهنجي اشٽ ديوتا کان آگيا وٺو. ان ۾ اسان کي ڪوئي اعتراض ڪونه آهي. پر مقرر مدي جي اندر توهان کي يا ته اسلام قبول ڪرڻو پوندو يا ملڪ ڇڏڻو پوندو. اهو حڪم بدلڻو ناهي.

ٻه آهن. هڪ مسلمان ڏاڍ شيڪي هڪ هندوءَ ڏانهن نهاري ٿو. هندن جي چهري تي مايوسي ڇانيل وڃي ٿي.) (ڪٽ)

درشيه - ٣ پنچائتي هال (اندر) ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز شهر جي مکيءَ جي چهري تي. ڪئميرا پٺ ٻئڪ ڪري ٿي ۽ اسان پنج ڇهه بزرگ هندو مکيءَ جي سامهون غلم تي ويٺل ڏسون ٿا. سڀني کي ڌوتي پيل آهي.)

مکي: آخر اها صلاح بيٺي ته حاڪم اڳيان هلي حال اوريون .... جي حاڪم رحم نه ڪندو ته روئڻ نه ڏيندو- پرپوءَ جي اڳيان پاڏائڻ نه ڏيندو .... (ڪٽ)

درشيه - ٤ رستو (ٻاهر) ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز هڪ مکيه سپاهيءَ جي چهري تي، ڪئميرا پٺ ٻئڪ ڪريٿي ۽ اسان مکيءَ کي ادب سان بيٺل ڏسون ٿا.)

مکي: حضور، مرڪ شاهه سلطان جو حڪم اسانجي اکين تي. پر اسان کي هڪ پيرو، فقط هڪ پيرو سلطان سلامت سان ملڻ جو موقعو ڏنو وڃي ....

مکيه سپاهي: اسين ڪوشش ڪنداسين. جيئن توهان جو عرض قبوليو وڃي .... (ڪٽ)

درشيه - ٥ مرڪ شاهه جي دربار (اندر) ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز مرڪ شاهه جي چهري تي. مٿي تي ڪلنگيءَ واري پڳڙي پيل اٿس ۽ چهري تي ڏاڙهي مڇون اٿس. ڪئميرا پوئتي هٽي ٿي ۽ اسان مرڪ شاهه کي پنهنجيءَ دربار ۾ تخت تي ويٺل ڏسون ٿا. تخت اوچائيءَ تي آهي. سلطان جي سامهون، هيٺ، شهر جو مکي هٿ ٻڌي ادب سان بيٺو آهي. دربار ۾ ٻنهي پاسن کان مولوي ۽ درباري ويٺا آهن. ٻنهيءَ ڪرسيءَ تي وزير اعظم ويٺو آهي ۽ سندس سامهون سپهه سالار ويٺو آهي.)

سڀ پڙنڇ : جئه (ڪٽ)

درشيه - ٧ درياه جو ڪنارو (ٻاهر) شام

(ڪئميرا ڪلوز پنجن وٽين واري هڪ شاهي جوت تي. ڪئميرا پل بيڪ ڪري ٿي ۽ اسان درياهه شاهه جي ڪناري تي هڪ اڏيل ٿلهي تي شاهي جوت جلندي ڏسون ٿا. هوا ۾ جوت جون پنجئي وٽون لهرائي رهيون آهن ۽ هوڏانهن درياهه جون لهرون به نرتيه ڪري رهيون آهن. جوت ۽ درياهه شاهه جي اڳيان ڪافي هندو مرد ۽ عورتون ڌيان لڳائي ويٺا آهن. هنن جي چهري تي وشواس جو پرڪاش جهلڪي رهيو آهي.... درياهه جي لهرن ۾ جوش اچي ٿو وڃي. درياهه سان جڻ دهلن دمامن جا آواز اچڻ شروع ٿا ٿين. جوت جلندي ٿي رهي. اوچتو آڪاش ۾ بادلن جي گرجنا ٿئي ٿي. بجليون ڪڙڪا ڪري دليون ڏڪائن ٿيون. درياهه جي گرجنا ويتر وڌي ٿي وڃي. اوچتو آڪاش واڻي ٿئي ٿي.)

آڪاش واڻي : ٻڌو، دل نه لاهيو، نراش نه ٿيو.... مان نصرپور جي ڳوٺ ۾، رتنراءِ جي گهر اُديه چندر جي روپ ۾ جنم وٺي رهيو آهيان. هڪ هفتي اندر! وڃو ٻيڙپائي سان وڃي مرک شاهه کي چئو ته اسان جو راکو رکڻهار هفتي کان پوءِ ٻاڻهي اچي هن سان ملندو.... (آڪاش واڻي بند ٿي وڃي ٿي. آڪاش ۾ بادل گرجن ٿا ۽ هيٺ درياهه ۾ ڇوليون ڇوهه سان ڇلن ٿيون.)

هڪ : ورڻ ديوجي ....

سڀ : جئه ....

ٻيو : درياهه شاهه جي ....

سڀ : جئه ....

هڪ : اڏيري لال جي ....

مکي: (هٿ ٻڌي) جهان - ٻاهه جي فراخدليءَ ۽ نوازش جا اسان سڀ هندو قائل آهيون .... ڏاڍار سڀ جي ڀلي ڪندو. .... (ڪٽ)

درشيه - ٦ ڀڃڪالي هال (اندر) ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز هڪ جوشيلي نوجوان جي چهري تي. غصي سبب هن جو چهرو لال ٽي ويو آهي.)

نوجوان: مرنداسين پر ڌرم جو ٿياڳ نه ڪنداسين. ديش به اسانجو ۽ ڌرم به اسان ڇڏيون! ديش به اسان ڇڏيون! اهڙيءَ ذلت کان ته مرڻ سؤ ڀيرا بهتر آهي.... (ڪئميرا پل پٺڪ ڪري ٿي ۽ اسان هڪ وڏي هال ۾ پنچائت ڪٺي ٿيل ڏسون ٿا مکي هڪ طرف آسڻ تي ويٺو آهي ۽ هن جي پرسان شهر جا ڪجهه ٻيا ماڻهو ويٺا آهن)

مکي: نه اسين ڌرم ڇڏينداسين ۽ نه ديش.. اسين ورون ديوتا جي شرڻ ۾ وينداسين، ورون يعني جل.. جل يعني جيون جل بنا جيون ٿي نٿو سگهي.. شري ڪرشڻ ڀڳوان گيتا ۾ چيو آهي: چوويهن ديوتائن ۾ سرو سريشٽ اندر جو راجا ورون ديوتا مان آهيان

هڪ پنچ: ڇا ٻين ديوتائن ۾ بل ناهي؟

مکي: سڀ ديوين ۽ ديوتائون شڪتيشالي آهن، بلوان آهن.... پر اُهي سڀ ديويون ديوتائون اسان کي ڏسڻ ۾ ڪونه ٿا اچن جل، ورون ديو، اسان سڀني جي سامهون ساڪيات روپ ۾ ٻيٺو آهي.... اسان سڀ هندو ٻارن - ٻچن سوڌو دريا شاهه جي پار هلي دولهه جي در ٻاڏائينداسين. جيڪڏهن ڏيهن جي اندر دولهه اسان جي ارداس نه ٻڌي ته اسان سڀ زالين مردين درياهه ۾ ٽپي جان ڏينداسين.... اوليو دولهه لال جي....

سڀ پنچ: جئه....

مکي: درياهه شاهه جي....

درشيه - ١٠/ب

(مرڪ شاهه پلنگ تي سمهيو پيو آهي. اوچتو اهو فرشتو گهوڙي سوڌو ڪمري ۾ گهڙي ٿو اچي ۽ گهوڙي تان لهي مرڪ کي وارن کان وٺي گهلي ٿو. مرڪ شاهه چيخ ماري جاڳي ٿو پوي. آس پاس نهاري ٿو. ڪمرو خالي آهي. مرڪ شاهه جو سڄو بدن پسيني سان تر آهي ۽ هو ڪافي گهٻرايل آهي.)

مرڪ: (رڙ ڪري) ڪوئي آهي.

(هڪ پهريدار اندر اچي ٿو.)

پهريدار: (ادب سان) حڪم عالم پناهه....

مرڪ: (هيڏانهن هوڏانهن نهاري) هو ڪاڏي ويو؟

پهريدار: ڪير ڪاڏي ويو عالم پناهه؟

مرڪ: گهوڙيسوار ....

پهريدار: (عجب مان) گهوڙيسوار؟ حضور جي ڪمري ۾ گهوڙيسوار؟ .... (ڪٽ)

درشيه - ١١

سوترڌار: رتن راءِ ۽ مالا ديوڪيءَ جي گهر نصرپور ۾ سنبت ١٠٠٧ ۾ چيٽي چنڊ، ٿارون شڪلا پنج ڏينهن سنجها جي مهل بالڪ لال جو جنم ٿيو. ديوتائن گلن جي ورکا ڪئي. چوگرد آنند ئي آنند ڇانئجي ويو. گهر گهر واڌايون وري ويون. نماڻن جو ماڻ هندن جو راکو راکڻهار اچي ويو. آنند ارداس جو روپ.

.... (ڪٽ)

درشيه-١٢ نصرپور ۾ رتنراءِ جي گهر ۾ ڪمرو (اندر) ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز بالڪ اُديري چنڊ جي چهري تي. ڪئميرا پوئتي هٽي ٿي ۽ اسان بالڪ کي مالا ديوڪيءَ جي پرسان هڪ وڏي پلنگ جيڏي پينگهي ۾ جهولندو ڏسون ٿا. آس پاس ڪجهه عورتون بيٺيون آهن ۽ ڪجهه ٻيا مرد بيٺا آهن. ڪن

سپ : جئه (ڪٽ)

درشيه - ٨ درياهه جو ڪنارو شام

(ڪئميرا ڪلوز جوس تي. ڪئميرا پوئتي هٽي ٿي ۽ اسان هڪ پيگمت کي جوس درياهه ۾ پرواز ڪندو ڏسون ٿا. ڪجهه ماڻهو جل ۾ اکا بيه وجهن ٿا. جوس پاڻيءَ ۾ ٽري رهي آهي. ڪجهه ئي دير ۾ جوس جي جاءِ تي هڪ ليجسوي فرشتو گهوڙي تي سوار پاڻيءَ جي مٿان اڏامندو نظر اچي ٿو. پيگمت فرشتي کي ڏسي هٿ جوڙي اکيون ٻوٽي ارداس ڪن ٿا. ليجسوي فرشتو الوپ ٿي ٿو وڃي.) .... (فيڊ آئوٽ)

فيڊ - ان.

درشيه - ٩

سوتردار: ٽن ڏينهن جي مهلت پوري ٿي. مرکه شاهه مکيءَ ۽ سر پنچن کي پاڻ وٽ گهرائي اسلام قبولڻ لاءِ چيو. مکيءَ نماڻائيءَ سان آڪاشواڻيءَ جو ذڪر ڪيو ۽ وڌيڪ اٺن ڏينهن جي مهلت گهري. سلطان ۽ وزير وڌيڪ مهلت جي فائدي ۾ نه ها. پر مکيءَ جي عاجزي نيزارن تي ڏاڍي مشڪل سان ڪين اٺن ڏينهن جي مهلت ملي. ان رات مرکه شاهه هڪ ڀيانڪ سپنو ڏٺو. .... (ڪٽ)

درشيه - ١٠/الف درياهه جو ڪنارو ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز مرکه شاهه جي چهري تي. ڪئميرا ٻل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان هڪ وڏو درياهه وهندو ڏسون ٿا. مرکه شاهه لهرن ڏانهن نهاري ٿو. لهرن تي هڪ ٻالڪ ٽري رهيو آهي. اوچتو ٻالڪ بدلجي هڪ نوراني فرشتو ٿي ٿو پوي. جيڪو پلي تي سوار آهي. ڪناري وٽ پهچي فرشتو گهوڙي تي سوار ٿئي ٿو ۽ ٺٽي نگر طرف گهوڙو ڊوڙائي ٿو. فرشتو گهوڙي سوڌو اڏامندو محل ۾ داخل ٿئي ٿو.)

جو روپ ڏسڻ ۾ آيس. ڪجهه ئي دير ۾ وروڻ ديو بدلجي ڊگهيءَ ڏاڙهيءَ وارو زندهه پير ٿي ٿو وڃي! اوچتو اهڙي وزير کي هوش اچي ٿو. ٻالڪ ماءُ سان گڏ هندوري ۾ لڏي رهيو آهي.)

درشيه – ١٥   مرکه شاهه جي دربار (اندر)   ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز مرکه شاهه جي چهري تي. هو ڪافي غصي ۾ آهي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان مرکه شاهه کي دربار ۾ تخت تي ويٺل ڏسون ٿا. هن جي سامهون اهڙو وزير گنهگار وانگر سر جهڪائي بيٺو آهي.)

مرکه: اسان توکي ٻالڪ کي ختم ڪرڻ يا کسي کڻي اچڻ لاءِ موڪليو هو، نه ۽ هن جا مداح اچي ڳائڻ لاءِ. تو دين ۽ ملڪ سان غداري ڪئي آهي. هڪ هفتي جي اندر اندر جي ٻالڪ کي منهنجي سامهون پيش نه ڪري سگهين ته پنهنجو منهن وري مونکي نه ڏيکارج .... (ڪٽ)

درشيه – ١٦

سوترڌار: اهڙو وزير مرکه شاهه جي دربار مان اپمانت ٿي گهر پهتو. زال سان ڳالهه ڪيائين. ٻنهي سوچ ويچار ڪري فيصلو ڪيو ته ڇو نه اسان به دريا جي ساگر اُڏيري لال جي شرڻ وٺون. ٻنهي درياهه جي ڪپ تي وڃي اُڏيري لال کي پڪاريو. ٽين ڏينهن ڪانپوءِ هنن جو عرض قبول پيو ۽ اڏيري لال کين درشن ڏنو. ان وقت اڏيرو لال وير ويش ۾ هو.

درشيه – ١٧   درياهه (ٻاهر)   ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز اُڏيري لال جي چهري تي. مٿي تي تاج ۽ اڇي ڏاڙهي. ڪئميرا پوئتي هٽي ٿي ۽ اسان کيس گهوڙي تي سوار ڏسون ٿا. هن جي هڪ هٿ ۾ ڀڳوو جهنڊو ۽ ٻئي هٿ ۾ تلوار آهي. گهوڙو درياهه ۾ بيٺو آهي. ڪناري تي اهڙو وزير ۽ سندس زال هٿ ٻڌي بيٺا آهن. اُڏيرو لال گهوڙو هڪالي هنن

استرين جي هٿن ۾ آرتي آهي ۽ هو شرڌا سان ٻالڪ جي آرتي اُتاري رهيون آهن. مٿن ڀڪتي سنگيت ڦهليو پيو آهي. (ڪٽ)

درشيه - ١٣

سوترڌار: اُديه چندر جي جنم وقت جيڪي ڪوتڪ ٿيا، انهن جو سربستو احوال مرڪ شاهه جي ڪنن تائين پهتو. سلطان جي آنڌ مانڌ وڌي وئي. پر هوڏي انسان سولو هٺ تان هيٺ نه لهندو آهي. مرڪ ٺٺولي ڪندي مڪيءَ کي چيو ته ڇا ڪوئي درياهه ديوتا ٿي سگهي ٿو؟ ڇا ڪوئي ٽئون ڄاول ٻار راکو راکڻهار ٿي سگهي ٿو؟ مرڪ شاهه پنهنجي وزير يوسف خان اهڙي کي نصرپور روانو ڪيو ته هو جاچ ڪري اچي ته ٻالڪ ۾ ڪائي خاص خوبي يا طاقت آهي يا نه. اهڙو پاڻ سان زهريلو گل کڻي روانو ٿيو.

درشيه - ١٤ رتنراءِ جي گهر ۾ ڪمرو (اندر) ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز هڪ گل تي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان اهڙي وزير جي هڪ هٿ ۾ گل ڏسون ٿا. هن جي گود ۾ ٻالڪ اُديه چندر آهي. ماتا ديوڪي پلنگ تي ويٺي آهي. پتا رتنراءِ هڪ طرف بيٺو آهي. ڪجهه شرڌالو مرد عورتون به بيٺا آهن. اهڙو وزير ٻالڪ کي گل سنگهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ٻالڪ اهڙي نه زور سان ڦوڪ ڏئي ٿو، ته جو گل اُتامي غائب ٿي وڃي ٿو. عجب ۾ پئجي اهڙو ٻالڪ جي اکين ۾ نهاري مس ٿو ته هڪ ذهني جهٽڪو لڳيس ٿو ۽ بيهوش ٿي ڪري ٿو پوي. اهڙي جي چوگرد ڌنڌ ڇانئجي وڃي ٿو. ان ڌنڌ ۾ سڀ ڪجهه غائب ٿي ٿو وڃي. بيهوشيءَ جي حالت ۾ ئي اهڙو ڏسي ٿو ته ٻالڪ اُديه چندر ڦري سورهن سالن جو ٿي منوهر ڪرشڻ ٿي ٿو وڃي. ڪجهه ئي دير ۾ ڪرشڻ جي جاءِ تي هڪ سفيد وارن وارو پيرو، مٿي تي بادشاهي تاج پهريل، مڪر تي سوار ورڻ ديو

لڏمڻ لائين علم و چاپل آهي. مرک شاهه ادب سان هٿ ٻڌي لال سائينءَ جو سواگت ڪري رهيو آهي. ٻيا درٻاري، وزير، قاضي، مولوي ۽ پنهنجن پنهنجن ستانن تي اٿي بيٺا آهن.)

اڏيرولال : هيءَ سڄي سرشٽي ان شڪتيءَ جي اپايل آهي جنهن کي هندو ايشور ۽ مسلمان الله ڪوٺين ٿا. اها شڪتي هڪ آهي پر ان جا نالا الڳ الڳ آهن. ڪنهن به ڌرم يا مذهب ۾ اها هدايت ڪين ڪيل آهي ته ڪنهن کي زوريءَ پنهنجي مذهب ۾ داخل ڪجي. هندو مسلمان پاڻ ۾ ڀائر آهيو. ڀيد ڀاو ڀلائي ڇڏيو. هڪ ٻئي کي شاديءَ مراديءَ ۾ دعوتون ڏيو ڏڻ وار گڏجي ملهايو. پاڻ کي هندو يا مسلمان نه سمجهي هڪ ديش جا رهواسي سمجهو.

هڪ قاضي : اسان ڪنهن به هندوءَ کي زور زبردستيءَ سان اسلام ۾ داخل ڪو نه ڪنداسين. جيڪڏهن توهان پاڻ اسلام قبول ڪريو. توهان اسان جا هادي بڻجو ۽ اسان کي اسلام جي سچي راهه ڏيکاريو ....

(ڪئميرا ڪلوز اڏيري لال جي چهري تي. هن جي اکين ۾ آلا آهن.)

اڏيرولال : (گرجندا ڪندي) خاموش! ڇا توهان کي اهو به ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي ته مان ڪنهن خاص ڌرم يا مذهب جو پوئلڳ نه آهيان. مان جل ۽ جوت آهيان. مان پرٿويءَ تان پاپ جي پاڙ پٽڻ آيو آهيان.

(اڏيرولال مرک شاهه کي مخاطب ٿي چوي ٿو.) مرک، دوکيبازي ڇڏ. تنهنجي ۽ تنهنجي درٻارين جي دل ۾ اها مونکي گرفتار ڪرڻ جي چاهنا آهي. پر مونکي پڪڙڻ ممڪن ڪونهي. مان وروڻ ديو جو اوتار آهيان. مان جل آهيان. مان جوت آهيان. مان ٻنڌڻن کان مڪت آهيان. (اڏيرولال مرڪي ٿو)

جي اکيان اچي ٿو ٻهي.)

اهڙو: سائين اڏيرا لال، مهرباني ڪري هڪ دفعو هلي مرک شاهه کي درشن ڏيو. آيل آفت کان بچايو.

زال: سائين، توهان ته سڀ ڄاڻو. اسان جي التجا ويننتي قبول فرمايو.

اڏيرو: اهڙا، تون ڪوئي فڪر نه ڪر. اڄ رات مان مرک سان ملندس. جيڪڏهن منهنجي هدايتن تي هن عمل نه ڪيو ته سڀاڻي صبح جو مان پنهنجي پوري اتالي سان تو سان گڏ مرک جي دربار ۾ هلندس. (اهڙو ۽ سندس زال اڏيري لال کي جهڪي پرڻام ڪن ٿا. منهن مٿي ڪن ٿا ته اڏيري لال کي اتي ڏسن ٿي ڪونه ٿا. دور دور تائين درياهه ڇوليون ماري رهيو آهي.)

(فيڊ آئوٽ)

فيڊ - ان

درشيه - ۱۸

سوتردار: انهيءَ رات اڏيرو لال مرک شاهه سان مليو. مرک شاهه ٻاهرون نمرتا ته گهڻي ٿي ڏيکاري پر من ميرو هوس. هن نه ٿي چاهيو ته هندن ۽ مسلمانن کي هڪ جهڙا حق هجن. ٻئي ڏينهن اڏيرو لال اهڙي وزير سان مليو ۽ صاف لفظن ۾ چيائين ته پرمتڙيو مرک خودغرض درٻارين ۽ صلاحڪارن جي چوڻ تي سڀني سان جنگ ڪرڻ جون رٿون رٿي رهيو آهي. لال سائينءَ سان گڏ جيتوڻيڪ ڪافي وڏي فوج هئي ته به هو اڪيلو اهڙي وزير سان گڏ مرک شاهه جي دربار ۾ ويو. .... (ڪٽ)

درشيه - ۱۹   مرک شاهه جي دربار (اندر)   ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز اڏيري لال جي چهري تي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان اڏيري لال کي دليرائيءَ سان ڌيري ڌيري مرک شاهه جي دربار ۾ اچي وڌندو ڏسون ٿا. مکيه دروازي کان

مرکه: رحم! لال سائين رحم! بي‌قصور رعيت تباهه ٿي رهي آهي ....

اڏيرو لال: مرکه، تنهنجي هٺ ۽ مورکتا جي ڪري ...... ڌرم ۽ نيتيءَ جي راهه ڇڏي پاپ ڏي هلندڙ انسان پاڻ ته ٻڏي ٿو پر تنهنجي سنگين سائين لاءِ به تباهي آڻي ٿو.

مرکه ۽ درباري: رحم! سائين، اسان ناسمجهن تي رحم!

(لال سائين مرکي هٿ مٿي کڻي ٿو. طوفان بند ٿي وڃي ٿو ۽ پاڻي موٽ کائي ٿو. سڀ سامت جو ساهه پٽين ٿا. سپهه سالار دربار مان ٻاهر هليو ٿو وڃي. لال سائين مرکي ٿو ۽ ڌيري ڌيري تخت تان لهي آس پاس قطار ۾ بيٺل دربارين کي ۽ سلطان کي هٿ مٿي کڻي اڀيه-دان ڏيندو وڃي ٿو. لال سائينءَ جي وڃڻ کان پوءِ سلطان مرکه شاهه تخت تي وهي ٿو. ان وقت سپهه سالار تڪڙو تڪڙو دربار ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ اچي سلطان جا آداب بجا آڻي ٿو.)

سپهه سالار: جهان-پناهه، هڪ جادوگر جي اڳيان سر جهڪائڻ اسان لاءِ ٻڏي مرڻ جي ڳالهه آهي.

مرکه: پوءِ ڇا ڪجي سپهه سالار! توهان ئي ڪجهه صلاح ڏيو.

سپهه سالار: هن وقت لال سائين ۽ شهر جا سڀ هندو درياهه جي وچ ۾ ٺهيل مندر ۾ ويٺا آهن. موقعو شاندار آهي. جانباز سپاهي ڪجهه ئي دير ۾ هندن جو ۽ لال جو صفايو ڪري ڇڏيندا. اوچتو بجلي ڪڙڪي .... (سپهه سالار جو جملو پورو ڪرڻ تي ٿئي نه ڪڙڪي جي آواز سان هڪ شعلو اچي ٿو ۽ وچ دربار ۾ پرگهٽ ٿئي. سڀ عجب ۽ ڊپ وچان شعلي ڏانهن نهارين ٿا. شعلي مان لال سائين پرگهٽ ٿئي ٿو.)

اڏيرو لال: وناش ڪالي، وپريت ٻڌي!

(دربار ۾ چوگرد آگ ئي ڦهلجي ٿي وڃي. مرکه شاهه جو

پر جي اها ٻولي توهان نه سمجهي سگهندا هجو ته مان توهان کي توهان جيءَ ٻوليءَ ۾ سمجهايان ٿو. (ڪجهه رڪجي ٿو) پڇي ڏسو اهڙي وزير کان منهنجي اٿاهه سيئنا جي باري ۾ ....

سپهه سالار: ڪوڙ .... ڪريوس گرفتار ....

(سپهه سالار تلوار ڇڪي ٻاهر ڪڍي ٿو. سپاهي ٻه تلوارون ڪڍي تيار ٿي بيهن ٿا. دربار جا دروازا بند ڪيا وڃن ٿا. سپهه سالار تلوار نچائيندو اُڏيري لال تي ڇلانگ لڳائي ٿو. اُڏيرو لال اڇل کائي وڃي تخت تي وهي ٿو. سپهه سالار تخت ڏانهن ڊوڙي ٿو. لال سائين مرڪي رهيو آهي. سپهه سالار جيئن ئي اُڏيري لال تي تلوار جو وار ٿو ڪري ته پاڻ اونڌو ٿي ڪري ٿو پوي. هو وري اٿي لال تي وار ٿو ڪري پر پاڻمرادو وڃي ديوار سان ٽڪرائجي هيٺ ڪري ٿو پوي. لال سائين مرڪي رهيو آهي. اوچتو پاڻيءَ جي ڀيانڪر گرجنا وايومنڊل ۾ گونججي وڃي ٿي. سڀ وائڙا ٿي هيڏانهن هوڏانهن نهارن ٿا. هڪ وڏو ڪڙڪاءُ ٿئي ٿو. چوگرد شور ئي شور آهي. دربار جا دروازا زوردار آواز ڪري ٽٽي ٿا پون. پاڻي اندر ڊوڪي ٿو اچي. سڀ درٻاري ۽ سلطان پاڻ بچائڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙن ٿا. لال سائين مرڪي رهيو آهي. اوچتو هڪ سپاهي ڏاڍيءَ مشڪل سان دربار ۾ داخل ٿئي ٿو. هن جي حالت تمام بري آهي. سڄو پاڻيءَ سان پسيو پيو آهي. سهڪي رهيو آهي.)

سپاهي: جهان - پناهه! غ - غ - غضب ٿي ويو. س - س - سڄي شهر ۾ پاڻي ڪاهي پيو آهي .... تباهي - تباهي اچي وئي آهي ....

(اوچتو طوفان شروع ٿي ٿو وڃي. هوا جا غوغاءَ ڪنن جا پردا ڦاڙي رهيا آهن. چوگرد اونده انڌوڪار ڇانئجي ٿو وڃي. ٻوڏ ۽ طوفان قهر ڪري رهيا آهن.)

اسٽاپنا.... جڏهن جڏهن پرٿويءَ تي پاپ وڌي ٿو وڃي، مون کي
ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ هيٺ اچڻو پئي ٿو پوي. سڀ ئي اوتار،
سڀ ئي پير پيغمبر هڪ ئي اکنڊ جوت جون ڪرڻون آهن.
هڪ ئي پرماتما جي زنجير جون ڪڙيون آهن. ايشور ۽ الله ۾
ڀيد رکڻ اگيان جي آخرين حد آهي.

مرڪم شاهه: لال سائين، اڄ تائين اسان کي ڪنهن به ان طرح
ڇٽي روپ ۾ ڪونه سمجهايو آهي....

سپهه سالار: اسان کي نه فقط اهو سمجهايو ويو آهي ته هندو
ڪافر آهن ۽ هنن کي اسلام ۾ داخل ڪرڻ وڏي ۾ وڏو ثواب جو
ڪم آهي.......

اڏيرو لال: انسانيت کان وڌو ڌرم يا مذهب ڪوئي ٿي نه ٿو
سگهي. انسان کي انسان سان نفرت سيکاريندڙ ڌرم ڌرم ناهي،
مذهب مذهب ناهي. ڌرم ۽ مذهب ته امرت جو پيالو آهي.
ديا، ڪرپا، پريم ۽ شانتيءَ جو چشمو آهي. جيڪو ان کي ڪاسائيءَ
جي تلوار ۾ تبديل ڪري ٿو اهو شيطان جو پوئلڳ ٿي سگهي ٿو پر
ايشور ۽ الله جو بندو هرگز نه ٿو ٿي سگهي.......

مرڪم شاهه: سائين، توهان ته منهنجون اکيون کولي ڇڏيون.
هيل تائين مان انڌه ۾ ٿاڦوڙا هڻندو رهيو آهيان. بي-عقل انسان
جيان پاپ کي پنج ۽ گناهه کي ثواب سمجهي الٽا ڪم ڪندو
رهيو آهيان.

سپهه سالار: ديا جا درياهه سائين! توهان جي اسان کي روشني
نه ڏيکاريو ها ته قيامت جي ڏينهن اسان خدا جي سامهون
ڪهڙي منهن سان وڃون ها.

مرڪم شاهه: مون کي هڪ ئي فڪر ماري رهيو آهي ته ملڪ
۾ امن امان ڪيئن ايندو؟ مان چاهيان ٿو منهنجي ملڪ ۾ شانتي
هجي، خوشحالي هجي، آسودگي هجي، پريم ۽ سک هجي.

تخت ۾ جلڻ لڳي ٿو. مرڪ شاهه ٽپ مان اٿي ڊڪڻ لڳي ٿو. لال سائين وڃي تخت تي ويهي ٿو. تخت جلڻ بجاءِ اڳي کان ۾ وڌيڪ شوڀيڪ ٿي ٿو وڃي. مرڪ، سپهه سالار، وزير ۽ درٻاري باهه کان بچڻ لاءِ خوب ٺمڪ ٽپا ڏين ٿا. پر هر طرف باهه ئي باهه آهي. اڏيرو لال مرڪي رهيو آهي. هو تخت تي سمراٽن وانگر ويس ويش ۾ ويٺو آهي. مرڪ، سپهه سالار ۽ وزير ڳچيءَ ۾ ڪپڙو وجهي ۽ هٿ جوڙي لال سائينءَ جي سامهون اچي بيهن ٿا.

مرڪ شاهه: لال سائين! رحم، آخرين رحم....

سپهه سالار: معافي اڏيرا لال سائين معافي ....

وزير: اسان توهان جا ٻانهان، سائين، داسن تي ديا ڪريو....

(لال سائين مرڪي هٿ مٿي کڻي ٿو. باهه شانت ٿي وڃي ٿي.)

اڏيرو لال: پنهنجو پنهنجو! ستان گرهڻ ڪريو....

(سڀ پنهنجين پنهنجين جڳهين تي وڃي وهن ٿا. پر مرڪ شاهه هٿ ٻڌي لال سائينءَ جي سامهون بيٺو رهي ٿو.)

اڏيرو لال: هلي آءُ مرڪ شاهه، منهنجي پاسي ۾ اچي ويهه ....

مرڪ شاهه: مان توهان جو حڪم ڪيئن ٿو ٽاريان. پر مون داس کي هيٺ ئي ويهڻ جي آگيا ڪريو ....

(لال سائين تخت تان لهي هيٺ اچي ٿو ۽ پنهنجن هٿن سان مرڪ شاهه کي تخت تي پنهنجي پاسي ۾ وهاري ٿو.)

مرڪ شاهه: (گد گد ٿي) سائين توهان ته ديا جا ساگر آهيو ....

اڏيرو لال: اسان کي ڪنهن سان وير ورود ڪونهي. اسان نه ڪنهن جا دوست آهيون نه دشمن. اسان لاءِ نه ڪوئي پنهنجو آهي نه پرائو. اسان ڀيد ڀاو کان مٿي آهيون ...... ڌرتيءَ تي اچڻ جو اسانجو هڪ ئي مقصد آهي اڌرم جو ناس، ڌرم جي

جوش جلي ٿي، اُٿي مان آهيان! دل ۾ ديا جو درياهه وهاءِ، امن ۾ ڪيان جي جوش جڳاءِ، مـولکي سدائين پنهنجي اندر ۾ نـئي پائيندين!

مرڪه شاهه : (اُٿي) لال سائين....

درباري : زنده باد.

مرڪه شاهه : اُڏيرولال ....

درباري : زنده باد.

(اُڏيرولال پنهنجن هٿن سان مرڪه شاهه کي تخت تي وهاري ٿو. ڪئميرا لال سائينءَ جي چهري تي.ڪئميرا‌اهل پڪ ڪري ٿي ۽ لال سائين ته اگهتي وڌندو وڌندو دربار کـان ٻـاهر ڏانهن هلندو وڃي ٿو.) .... (ڪٽ)

درشيه - ٢٠ درياهه (ٻاهر) رات

ڪئميرا ڪلوز هڪ وڏي ڏئي تي. ڪئميرا ٻـوٽي هٿي ٿي. ڏئو لهرن تي لهرائيندو دور دور وهندو وڃي ٿو.

(فيڊ آئوٽ)

منهنجي رعيت جو هڪ هڪ فرد سک جي ننڊون ۾ جهولندو هجي .... اهڙي ڪا واٽ ڏسيو، سائين اهڙي ڪا واٽ ڏسيو!

اڏيرو لال: مرک شاهه، حاڪم رعيت جو ماتا پتا آهي. ماتا پتا پنهنجي ٻالڪ سان جهڙو وهنوار ڪندا آهن، حاڪم به جيڪڏهن پرجا سان اِن نموني هلي ته اهو ملڪ، پڪ ڄاڻ، سرڳ کان به رڳو وڌيڪ سندر ٿي پوي. هندو-مسلمان ۾، ڌرم-مذهب ۾، مرد-عورت ۾، ٻار-ٻڍي ۾ ڪوئي ڀيد ڀاو نه رک. تنهنجي ملڪ جا سڀ پراڻي هڪ رعايا آهن. انهن سڀني سان هڪ جهڙو ورتاءُ ڪر.

مرک شاهه: توهان جي هدايت هميشين سان هنڊائي رکندس.

اڏيرو لال: دکين جا ڏک دور ڪر. غريبن جي مدد ڪر. پرجا کي پيار ڏي. ڪٽرتا، تعصب، هٺ ۽ ٻيائيءَ جو تياڳ ڪر. انسانيت ۽ روحانيت جي راهه تي اڳتي وڌ ته ملڪ ۾ امن ۽ شانتي پاڻ مرادو اچي ويندا.

مرک شاهه: ڇا ڪنهن گنهگار کي سزا به نه ڏيان؟ ڪجهه ان باري ۾ به کولي ٻڌايو.

اڏيرو لال: جيڪو حاڪم گنهگار کي سزا نه ٿو ڏئي ۽ لياقت واري جو قدر نه ٿو ڪري، اهو پنهنجي تباهيءَ جون کڏون پاڻ ٿو کوٽي ... پر هڪ ڳالهه، هميشه ياد رکجانءِ ته سزا ۾ سڌاري ۽ ديا جي ڀاونا وڌيڪ هجي، وير وٺڻ ۽ ستائڻ جي ڀاونا بلڪل نه هجي.

مرک شاهه: (هٿ ٻڌي) حضور! ڪرپا ڪري ڪجهه عرصو ٺٽي نگر ۾ نواس ڪريو.... مان توهان جي ڪرپا ۽ قرب جي ڇايا ڇڏڻ نه ٿو چاهيان........

اڏيرو لال: مرک شاهه، ماندو نه ٿيءُ. مان سدائين توسان ساڻ آهيان. جتي جتي به جل آهي اُتي مان آهيان، جتي جتي به

سنت ڪنور

فيڊ - اِن

درشيہ - ١/الف   راس

(ڪئميرا هڪ ڪنول جي گل کي ڪور ڪري رهي آهي. ڪنول هوا جي جهوٽن سبب لهرائي رهيو آهي. ڪئميرا ڪجهہ پل بيٺڪ ڪري ٿي ۽ اسان تلاءُ ۾ ڪيترائي ٻيا ڪنول جا گل ٽڙيل ۽ جهومندا ڏسون ٿا. چانڊوڪي رات آهي. چنڊ جا ڪرڻا تلاءُ جي سطح کي چانديءَ جيان چمڪائي رهيا آهن. هلڪيون هلڪيون لهرون من ۾ اڪيچار آنند ڏيئي رهيون آهن. ان درشيہ سان گڏوگڏ مرداڻي آواز ۾ هڪ دوهو اُچاريو وڃي ٿو.)

دوهو: سنت نہ هوتي جگت ۾، تو جل مرتا سنسار!
آگ لگي آڪاس کو، جهڙ جهڙ پون ۽ انگيار!!

....   (ڪٽ)

درشيہ - ١/ب   راس

(ڪئميرا ڪلوز ڪنور جي آدم قد پتلي جي ڇهري ٿي. ڪئميرا ٿوري پل بيٺڪ ڪري ڪنور جي آدم قد پتلي کي جدا جدا ڪنڊن کان ڪور ٿي ڪري. ان سان گڏ ئي مرداڻي آواز ۾ ساميءَ جو سلوڪ اُچاريو وڃي ٿو.)

سلوڪ: ورلي ماءُ جڻي ڪا، پرلي پتر گريب مون،
سامي سپرن جي جنهنکي پگت وٽي،
جاڻ وڃائي پنهنجي، سڀ جو داس ٿئي،
ليکا ڪين ڳڻي، ڏسي الکہ اکين سان!

....   (ڪٽ)

چوگرد لاپرواهيءَ سان اوڀل اڇي رنگ جو ڪپڙو ۽ مٿي تي
پڳڙي. فرق صرف اهو آهي ته ڀڳت جي پڳڙيءَ جو رنگ شوخ
ڳاڙهو آهي ۽ ٻيليءَ جي پڳڙي گيڙو رنگ جي آهي. ڀڳت شروع
ٿي رهي آهي. هڪ ڪنڊ کان ويٺل سازندڙ ساز وڄائي رهيا
آهن. سازن ۾ مکيه آهن باجو، ڏڪڙ ۽ رباب. ڀڳت ڪنور جي
مورت ڏانهن نهاريندي نماڻي آواز سان ڀڳت شروع ڪري ٿو.

ڀڳت: ميرا مجهه مين ڪڇ نهين،

جو ڪڇ هئه سو تيرا،

تيرا تجهه ڪو سونپتي،

ڪيا لاگت هئه ميرا؟

ٻيلي: سڀڪو لوي آپ ڪئه،

ٻر ڪئه لوي نه ڪوءِ،

ڌر ترازو تولتي،

لوي سو پورا هوءِ!

(ڀڳت جي ارليه ۽ درشڪن جي آنند جا ڪجهه شاٽ.)

ڀڳت: سنگيت جا او سرتاج ڪنور، تو سنڌ جو اوچو شان ڪيو،
ڀڳتيءَ جو رس گيتن ۾ ڀري، ڏينهن رات امرت جو دان ڪيو!

ٻيلي: سنگيت جا او سرتاج ڪنور ......

ڀڳت: ا. اُتي اسر جو رام ريجهايو تو،

پنهنجي پريتم کي پرچايو تو،
ڦيرئون پائي، چير چمڪائي،
مالڪ جي اڳيان ٻاڏايو تو،
ڪٿ لئي، ڪنب لئي، همت هونءَ نه ڪر،
ورور سائين سمجهايو تو!

ٻيلي: سنگيت جا او سرتاج ڪنور!

درشيه - ۱/ب ڏينهن

(ڪئميرا قدرت جي جدا جدا نظارن کي ڪور ڪري ٿي. آسمان ۾ ترندڙ بادل. پهاڙن جون چوٽيون. گلن ڦلن سان ڀريل ٻوٽا. ساوا وڻ. ڪارا ڪارا بادل. هلڪي بوندا بوندي.)

سوتردار: (فقط آواز، چهرو نظر نه اچي) اڄ کان سو سال اڳ- ۱۸۸۵ع ۾ سنڌ جي جروار ڳوٺ ۾ رم جهم واري ساوڻي مهني ۾، چهر چمڪائي رام رنجهائڻ واري سنڌ جي سنت شرومڻي ڀڳت ڪنور رام جو جنم پائي تاراچند ۽ ماتا تيرٿ باني جي گهر ۾ ٿيو.

ٻالڪ سنت کوتارام جي وردان جو ڦل هو. ان ڪري تاراچند کيس ٿي ٻالڪ تي نالو رکڻ لاءِ عرض ڪيو. سنت کوتارام ٻالڪ هٿن ۾ کڻي، اکيون ٻوٽي ايشور جي ڌيان ۾ مگن ٿي ويو. پنهنجي دويه-درشٽيءَ سان جيڪو ڏٺائون ان تي پرسن ٿي ٻالڪ جي مٿي تي هٿ رکي فرمايائون، "ٻچا ڪنور، تون سدائين ڪنول جي گل جيان نرلو رهندين. گرهست ۾ رهي ٻه مکت رهندين. (ڪئميرا ڪنور کي ڪور ڪري ٿي.)

سنت کوتارام جي آشيرواد سان اهڙيل هيءَ ڪنول-ڪلي سائين ستراماداس جي مهر-مها سان ٽڙي گل ٿي ۽ چوڌاري پنهنجي خوشبوءِ ڦهلائي! .... (فيڊ آئوٽ)

فيڊ-ان

درشيه-۲ کليل ميدان رات

(ڪئميرا ڪلوز ڪنور جي تصوير تي، ڪئميرا جي پوئتي هٽڻ تي اسان ڏسون ٿا ته کليل ميدان ۾ ڪاٺ جي هڪ اسٽيج ٺاهي وئي آهي. هڪ طرف ڪنور جي وڏي تصوير رکي وئي آهي. هڪ ڀڳت پنهنجي ٻليءَ سان گڏ ڀڳت وجهي رهيو آهي. ٻنهي ڀڳتن کي ساڳيو لباس پيو آهي. مرن لاڻين ڇهندڙ جامو، ڪمر ۾ ڪمربند، پيرن ۾ گهنگهرو، ڳچيءَ جي

ٻيلي : سنگيت جا او سرتاج کنور !

پڳت : ٦. جيڪو پاڻ مساڻ تو جوڙايو،
ان ۾ ئي جلئين ٻهران پاڻ کنور!

ٻيلي : ڪو پيهه الک جو پائي نه ٿو،
پوي اگم جي کهڙکي نه چاڻ کنور!

پڳت : ٻر موس نه توکي ماري سگهيو،
ورتا ويا ڪال جا ٻاڻ کنور!

ٻئي : سنگيت جا او سرتاج کنور!

(ڪئميرا ڦيرايون پائيندڙ پڳت تي. هو وجد ۾ اچي نچي
رهيو آهي ۽ سنگيت جي وڌندڙ تيزي هن جي محويت ۾ اضافو
ڪري رهي آهي. ماڻهو به ڏاڍو مگن ٿي پڳت جو آنند وٺي
رهيا آهن. ماحول سنگيت سان ڀريو پيو آهي.)
(ڪٽ)

درشيه - ٣

سوتردار : کنور لاءِ گرو-ڀڳتي ئي ايشور-ڀڳتي هئي. سترامداس
ان کنور جو اهڙو نه پختو پيچ اڙايل هو جيڪو جيڪر رڳون
...هرائي ڇڏي ۽ عقل کي حيران ڪري ڇڏي.
سترامداس ڪرشڻ هو نه کنور ميران،
سترامداس سورج هو نه کنور هڪ ڪرڻ.
سترامداس جي سک ئي کنور جي زندگي هئي، بندگي
... جيون جي سڀئي حاصلات هئي!
... دفعي ڪنهن ڳالهه تان سترامداس کنور تي ...
...ي تيو جو ڳالهائڻ ئي ڇڏي ڏنائون ...
...ي دل تي اهڙو ...

پيگت : ٢. توهنجيءَ ٽان ۾ رام سمايو هو،
آلاپ ۾ پاڻ الاهه هئو،
هٿا ڏيهن دکي پيارا توکي،
مسڪينن ۾ توهنجو ساهه هئو،
سيوا ۾ ڏٺو تو پرميشور،
سيوا سان تنهنجو چاهه هو!

پيلي : سنگيت جا او سرتاج ڪنور!

پيگت : ٣. ڀيناڻيءَ جي تون مورت هئين،
لولن، لڏگن، انڊن، منبڙن،
سڪ پيار جي چٽ تصوير هئين،
سنڌوءَ جا لال او لاکيڻا،
لاچارن جي تقدير هئين،

پيلي : سنگيت جا او سرتاج ڪنور!

پيگت : ٤. تو ذات سان ڪڏهن نه ڊوهه ڪيو،
تون اڪ ۾ ڏکڻ جي هير هئين!
تو اکين ۾ نام- خماري پوري،
ڪين ڪيئي ڪلا بدنام ڪنور!
پٽ پڙيءَ سڀا ۾ تنهنجي رکڻ،
سدا ايستائين رام جو جام ڪنور!
ايندو هو سدا گهنشام ڪنور!

پيلي : سنگيت جا او سرتاج ڪنور!

پيگت : ٥. جت جت ٻي پيگت ٻولدي او ڪنور!
سڏڪن ۾ گيت ڳائي تنهنجا،
اُت ساري سڀا توکي ياد ڪندي،
سنڌڙي نه وساريندي توکي،
روئي روئي فرياد ڪندي،
ڪين ڳڻ تنهنجا برباد ڪندي!

نه حال ۾ اچي ته وچي جو ٻولدون ٻس ٿي نه ڪن! ٻـره ۾ روڊن ڪندڙ اکيون هاڻي ميلاپ ۾ ٻه برسات وسائي رهيون آهن.)

ستّرامداس: ٻڌا ڪنور، وڏن جي ويٺي، وڏن جي آگيا ڪانسواءِ ڪرئي ڪم نه ڪبو آهي.

(ڪنور اماڻيون نير ڀريون اکيون کڻي ستّرامداس ڏانهن نهاري ٿو ۽ جهڪي مٿو کڻي ٻيون ٽي ٿو رکيس. ستّرامداس مرڪي کيس گلي لڳائي ٿو. ڪئميرا ڪنور جي آليون اکين ڏي.)

.... (ڪٽ)

ڊرشيه - ٥ رهڙڪي دربار جو ميدان رات

(فل شاٽ. سنگت ويٺي آهي. گولن جي روشني چؤطرف ڦهليل آهي. ستّرامداس مهڙ ۾ ۽ ڪنور پاند ۾ ويٺو آهي. ٻئي ڀڳت جي لباس ۾ آهن. هڪ پاسي ربن فقير ربابي رباب وڄائي رهيو آهي. ڪنور ڳائي رهيو آهي. ستّرامداس ڪنهن ڪنهن وقت جهومي هن کي ساٿ ڏيئي رهيو آهي.)

ڪنور: پنهنجو نند ڪشور ريجهائيندس!

جامو ان لي، چير ٻيون ۾،
گيت انهد جو ڳائيندس!! پنهنجو.........

١. جڳ رسي نه رسي پل سارو،
نه پنهنجو رسڻ هڪ ماري وجهندو،
اهڙي اونده ڇانئجي ويندي،
ٻوجهه نه پوندي، ڪجهه به نه سجهندو،
وچ سير ۾ اوهي نه واهي،
واٽڙن جيان واجهائيندس! پنهنجو.......

٢. پاند ڳچيءَ ڳل ڪپڙو پائي،
منهنجا سائين، بخش مدايون،
ٻيڻن روئي ليلايو ٿي،
پرچ نه چير وري چمڪايون،

۽ ليازيءَ جي تصوير تاهڻ لڳا. .... (ڪٽ)

درشيہ-۴ ورانڊو رات

(ڪئميرا ڪلوز ڪنور جي چهري تي. ڪئميرا جي پل ٻئڪ ڪرڻ تي اسين ڏسون ٿا ته هو پنهنجي گرو ستراماداس جي ڪمري جي ٻاهران ورانڊي جي هڪ ڪنڊ ۾ سمهيو پيو آهي. نه هيٺان بسترو نه مٿان چادر. نه وهاڻو نه لوئي. ساڄي ٻانهن مٿي جي هيٺان رکي هو گونگا ڳوڙها ڳاڙي رهيو آهي. منهن ملول ۽ اداس. ڪنور جا خيال آواز جو روپ وٺي اوور لئپ ڪن ٿا. ڪنور جا چپ بند آهن.)

خيال: (اوور لئپ ڪندي) اي موکه من، محبوبن سان سيڪو ساهڻ جو ڏٺئه نه نتيجو؟ ڏک ۽ ڏهاڳ. ستگروءَ کان، پنهنجي سپرين کان آگيا وٺڻ کان سواءِ ئي پڄن ڪرڻ هليو وئين ٻين شهرن ڏي! گروءَ جا نديل ٿارءَ نه پاڻيمدين ڪٿي! موکه، ستگروءَ ڳالهائڻ بند ڪيئه ته گلو به جواب ڏئي ويئه! هاڻي وٺو روءُ، هٿ هڻ ۽ پڇتاءِ!

(ڪنور ڏيري ڏيري اُٿي ٿو ۽ هلندو هلندو پنهنجي ستگرو ستراماداس جي در وٽ اچي ٿو بيهي. جهڪي چائنٺ چمي ٿو، مٿي مستڪ لڳائي ٿو ۽ هٿ ٻڌي ٻاڏائي ٿو.)

ڪنور: پرين تون ۾ چڙيج، آئون جيئان تنهنجي آسري،
سيئي ٻاڙون سُور جون، هڪ لحظي منجهه لنگهيج،
دوست منهن نه مٽيج، ملڪ مٺيو ٿان گهورئو!

(ڪنور سڏڪا ڀري روئي ٿو. هن جا درد ڀريا سڏڪا سڄي ڪائنات کي لرزائي ٿا ڇڏين. ڪنور جو ساڳين اچا دروازو نه ٿو کولي نه ڪنور چائنٺ سان مٿو ٿو ٽڪرائي ...... اوچتو دروازو کلي ٿو ۽ ستراماداس ڪنور کي ٻنهي هٿن سان ٻکري اٿاري ٿو ۽ گلي لڳائيس ٿو. گروءَ جو درشن پائي ڪنور اندرو

آواز : (ڳائڪ جو چهرو نه اچي-ڪنور نچندو رهي)
جهومي جهومي جهومائو ڪنور!
نـو سنڌ جـو شان وڌائـو،
تنهنجي ڪنٺ ۾ ماس شاردا،
پنهنجو نـواس بڻائـو!

جهومي ....
(پردي تي لکجي ٿو وڃي "رهڙڪي" بئڪ گرائـونڊ بدلجي ٿو وڃي.)
آواز : ١. دنيا ترشنائن جو ساگر، سڀ جو من هرڪائـو
ٻيڙا پار لڳاءِ او سائين، "نش-دن تو ڀاڙايو."
(پردي تي لکجي ٿو وڃي "جروارن" بئڪ گرائونڊ ۾ ڦيرو)
ڪنور: ٽالي الک جي ٻيڙو ٽار منهنجو
اندر آهيان مان نماڻي، مونکي آڌار تنهنجو
ٽالي ....
(پردي تي لکجي ٿو وڃي "ڍهال". بئڪ گرائونڊ ڦريل)
ڪنور: رام سمر پرڀات سمري من!
رام سمر، رام سمر!
(پردي تي لکجي ٿو وڃي "روهڙي". بئڪ گرائونڊ ڦريـل)
آواز: جهومي جهومي جهومائو ڪنور ....
(پردي تي "منگهرائن". بئڪ گرائونڊ ڦريل)
آواز : ٢. جڳت رسي نه رسي پل سارو
ڪين رسي هڪ سائين!
پاند ڳچيءَ ۾ پائي منائڻ
رب کي مٺان پلائين!
(پردي تي "لاڙڪاڻو". بئڪ گرائونڊ ڦريل.)
ڪنور: ڪيئن ريجهايان توکي ڪيئن پرچايان،
ڏس ڪو ڏانءُ-ڏس ڪو ڏانءُ!

جي نه ڇڏيندين رسڻ، جندڙيءَ کي
راڻا، ٻاهه لڳائيندس!

پنهنجو نند-ڪشور رجهائيندس! جامو......

(ستارامداس جي منهن تي مرڪ آهي. ڪنور نچي نچي جهمر پائي ستارامداس کي جڻ رجهائي به رهيو آهي ۽ پل به بخشائي رهيو آهي. سڄي سنگت مستر مگڌ ٿي گرو-شش جي شخصي پريم، رسڻ ۽ منائڻ جي موج ماڻي رهي آهي.

گرو شش ٻئي نچن ٿا ۽ سڄي ڪائنات ساهه روڪي هنن جي مستيءَ جو منظر ڏسي رهي آهي.

ڪئميرا ٻنهي کي ڪور ڪري رهي آهي.)

.... (فيڊ آئوٽ)

فيڊ - ان

درشيه-٦ ٺڪاڻي جي پاسي ۾ ميدان (ٻاهر) رات

(ڪئميرا ڪلوز ڪنور جي چهري تي. هو ڀڳت وجهي رهيو آهي ۽ جهومي رهيو آهي. ڪنور جون اکيون بند آهن. لڳي ٿو هو ڀڳت وجهندي وجهندي ڪنهن اگيات شڪتيءَ سان هڪ ٿي ويو آهي، ان ستا ۾ لين ٿي ويو آهي. مٿي تي اڇي رنگ جي گول ٽوپي پيئي اٿس. وڏيون مڇون ۽ مستڪ تي ٽڪيءَ جو ليڪ. ڪئميرا پل ٽڪ ڪري ٿي ته اسان ڏسون ٿا سندس بدن تي اڇو چوغو ۽ ڪمر جي هيٺان اڇي رنگ جي ڌوتي پيئي اٿس. ڪلهي تي بوچڻ پيو اٿس. سڄو ميدان ماڻهن سان ڀريو پيو آهي. هندو-مسلمان، جوان، ٻار-ٻڍا سڀ ويٺا آهن ۽ ڀڳت جو آنند ماڻي رهيا آهن. ڪنور نچندو رهي ٿو. گيت هلندو رهي ٿو. مڌر آواز ۾ ڳايل گيت اها ڳالهه پڌري ٿو ڪري ته ڪنور سڄي سنڌ تي ڇانيل هو ۽ امير غريب هر ڪو هن جو ديوانو هو.)

(پردي تي "ڪنپ ايمن". بئڪ گرائونڊ ڦريل)

آواز: جهومي جهومي جهوماڻي ڪنور ....

(ڪئميرا ڪنور تي. ڪنور نچندو رهي ٿو، جهومندو رهي ٿو. پردي تي سنڌ جي جدا جدا ڳوٺن جا نالا لکجندا ٿا وڃن جيئن ته شهداد ڪوٽ، رحيم يار خان وغيره.)

... . (ڪٽ)

درشيه-٧ رهڙڪي دربار: ڪمرو (اندر) ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز هڪ سيٺ جي چهري تي. مٿي تي ڪاري ٽوپي پيئي اٿس. ڪئميرا پُل بئڪ ڪري ٿي ته اسان ڏسون ٿا اهو سيٺ لوهه جي ڪرسيءَ تي ويٺو آهي. ڪمري ۾ ٻيا به چار پنج سيٺيون ڪرسين تي ويٺا آهن. هنن کي ڪارا ڪوٽ پيا آهن ۽ اڇيون ڌوتيون پاتيون اٿائون. ڪمري جي هڪ ڪنڊ کان ڪرسين جي سامهون واڻ سان واڻيل کٽ پيئي آهي جنهن تي فراسي وڇايل آهي ۽ سيرانديءَ کان ٻه وهاڻا رکيل آهن. کٽ تي پلٿي ماري ڪنور ويٺو آهي. مٿي تي اڇي گول ٽوپي پيئي اٿس ۽ بدن تي قميص ۽ ڌوتي پاتي اٿائين. نڪو سيٺين جي پيرن ۾ جوتا پيل آهن ۽ نه وري ڪنور جي کٽ جي هيٺان ڪو جوتو نظر ٿو اچي. ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ اسٽول تي گهگهي پيئي آهي جنهن جي پاسي ۾ ٻه گلاس پيا آهن. اسٽول جي هڪ طرف کان ٽامي جو لوٽو به پيو آهي.

سيٺ: (هٿ جوڙي) سائين، اسان ڪراچيءَ کان کهي آيا آهيون ....

ڪنور: (هٿ جوڙي) ٻابا ڀلي آيا، جيءَ آيا. غلام ڪنور لاءِ ڪوئي حڪم، ڪائي سيوا؟

سيٺ: سائين، اها ته توهان جي وڏائي آهي جو هيڏي وڏي پد تي هوندي به پاڻ کي غلام ٿا سڏيو. توهان ته سچا شاهه آهيو،

آواز: جھوءِ جھومي جھومايو ڪنور ......

(پردي تي "نوابشاھ". بئڪ گرائونڊ ڦرڻ)

آواز: ٣. پارس جي ناريءَ جو ڏرم آھ

پنهنجي سيوا، سهڻائي،

پنهنجي ٿي شو، برهمڻ وشٽو

تو ڳالهه اها سمجهائي!

(پردي تي "سانڌيلو". بئڪ گرائونڊ ڦرڻ)

ڪنور: پنهنجيءَ جي پريم ۾ ھردم

گذارڻ نار کي گهرجي،

پرائي پرش ڏي مڙُ نه

نهارڻ نار کي گهرجي

پنهنجيءَ جي ....

(پردي تي "مانجهندن". بئڪ گرائونڊ ڦرڻ)

آواز: جھومي جھومي جھوماءِ ڪنور ....

(پردي تي "گهوٽڪي". بئڪ گرائونڊ ڦرڻ)

آواز: ٤. ڪوبه سوالي ويو نه خالي

پوري تو سڀ جي جهولي!

(پردي تي "شڪارپور". بئڪ گرائونڊ ڦرڻ)

آواز: پار مٿي پيئي جيئرا ٽپيا، هٿي

امبرت لهجي لولي!

ڪنور: لولي ڏيوان لال لون

اڪي جهڙي ڀال لون

ڪرندا اون آن اون آن، اون آن!

(پردي تي "ڏھرڪي". بئڪ گرائونڊ بدليل)

ڪنور: آءُ ڪانگا ڪر ڳالهه

مونسان منهنجي مارو ڙن جي،

آءُ ڪانگا، آءُ ڪانگا!

ڪنور: ابا، انهن کي سورداس ۽ لولا لنگڙا نه چئو. اهي منهنجا سيٺيون آهن، منهنجا ڌڻي آهن. ڪنور انهن سيٺيرشن جو گماشتو آهي، نوڪر آهي.... ڀلا هڪ گماشتو پنهنجي سيٺين کي ڇڏي ڪيئن هلندو؟ اول اهي شاهوڪار ۽ سيٺيون هلندا پٺيان پٺيان غلام ڪنور هلندو.

(سيٺيون هڪ ٻئي ڏانهن نهارن ٿا. هڪ ٻيو سيٺ ڳالهائڻ لاءِ تيار ٿئي ٿو.)

ٻيو سيٺ: سائين، هڪ ٻيو به سوال آهي. انهن جي هلڻ سان ريل گاڏيءَ جو ڪيڏو نه ڀاڙو پوندو ۽ ٻئي جو اجايو نقصان ٿيندو.

(ڪمپير ڪنور جي ڇهري ٿي. هڪ ڪن لاءِ لڳي ٿو ته ڪنور کي ڏاڍو برو لڳو آهي پر پوءِ هڪدم ڪنور پاڻ سنڀالي ٿو وٺي ۽ سندس چهرو نروار ٿي ٿو وڃي.)

ڪنور: ابا، انهن سورداسن ۽ محتاجن ۾، منهنجن سيٺين شاهوڪارن ۾، ڪي ساڃ سمت اهڙا به آهن جن پنهنجي سڄيءَ حياتيءَ ۾ ڪڏهن ريل گاڏيءَ ۾ پير به نه رکيو آهي. اڄ غلام ڪنور جي صدقي جيڪڏهن اهي ريل ۾ چڙهي ريل گاڏيءَ جي سفر جو آنند وٺندا ته ڪيڏو نه خوش ٿيندا! غلام ڪنور جي صدقي جيڪڏهن ڪراچيءَ جو شهر ڏسندا، سٺو کاڌو کائيندا، سٺو ڪپڙو ملندن ته آتما ڪيتري نه پرسن ٿيندن!

(سيٺيون چپ آهن)

ڪنور: ابا، انهن ٻوڙن ۽ محتاجن مان هر هڪ جي هردي ۾ پرماتما جو نواس آهي. انهن جي سيوا ئي پرماتما جي سچي سيوا ۽ سچي بندگي آهي. انهن ابوجهن جو هڪ هڪ پل جو ساٿ سؤ سو تيرٿن جي برابر آهي ابا!

سيٺ: (هٿ جوڙي) سائين، ست وچن.

سائينءَ جا پيارا آهيو، اَنَ ڏاتا شڪتين جا مالڪ آهيو. اسان توهان جا داس آهيون....

ڪنور: بابا، هي غلام ڪنور نه داسن جو به داس آهي.

سيٺ: سائين، اسان توهان کي مدائڻ آيا آهيون. ڪراچيءَ وارن کي توهان جو ڪيرتن ٻڌڻ جي اڪت پياس آهي. ڪرپا ڪري ڪراچيءَ ۾ پير ڌريو ۽ اسان کي ڪرتارٿ ڪريو....

سڀ: (هٿ جوڙي) ها سائين، اسان کي ڪرتارٿ ڪريو. پنهنجن وچنن سان اسان جا ڪنا ۽ ڪڏا ڪرم ڪٽيو.

ڪنور: ڪنا ۽ ڪڏا ڪرم ڪٽيندو هڪ سائينءَ جو نالو. باقي غلام ڪنور توهان جي سڪ پرتي سڏ کي ضرور اونائيندو. دل جاءِ رکو.

سيٺ: (هٿ جوڙي) سائين، هڪ وينتي آهي.... دل ۾ نه ڪيو ته عرض ڪريون.

ڪنور: غلام ڪنور جي اڳيان دل کولي سڀ چئي ڏيو. هن داس ڪنور جي دل ۾ نه نواس آهي سائينءَ ستramداس جو- اهو غلام دل ۾ ڇا ڪندو.

سيٺ: سائين، ڪراچي وڏو شهر آهي برابر پر ماڻهو به. الي اڇي ڳاهٽ ٿيا آهن. اُتي سڀ ڪجهه ملي ٿو وڃي پر جڳهه جي ڏاڍي تنگي آهي.... سائين، گهڻن ماڻهن جي رهڻ جو پربند ڪرڻ سولو نه ٿيندو. ايڏن ماڻهن جي شيوا جو بندوبست ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو.

(ڪنور ٻهراون ڳالهائيندڙ سيٺ ڏانهن ۽ پوءِ ٻين سيٺين ڏانهن نهاري ٿو.)

ڪنور: ابا، توهان چوڻ ڇا ٿا چاهيو؟

سيٺ: سائين، ڪرپا ڪري توهان پنهنجن سو رداسن، لڳڙن ۽ اولن کي پاڻ سان گڏ ڪراچيءَ نه وٺي هلو. بس ٿورا شيواداري پاڻ سان گڏ وٺي هلو.

جو. غلام ڪنور هنن جو ئي گماشتو اٿو.

(سيٺين جي منهن تي عجب آهي. ڪنور ڪجهه ساڌن جي اڳيان ڀي انهن سان ڳالهائي ٿو. سيٺيون ۽ ڪنور جي پٺيان پٺيان هلندا رهن ٿا. ڪئميرا ڪڏهن ڪنور کي، ڪڏهن ساڌن کي ۽ ڪڏهن سيٺين کي ڪور ڪري ٿي.)

ڪنور: ڪيئن هاسارام شو جي ٻوٽي آهي يا کپي ويئي؟

هاسارام: سائين آهي. پوليمات ام ام جو پرساد اڇا آهي.

ڪنور: سائين ڪوتارام، هرڙون ختم ته ڪونه ٿي ويئون اٿو؟

ڪوتارام: نه ڪنور.... تون آهين ته هرڙن جون هڙون آهن هڙون.... ها ها ها ها.

ڪنور: سائين ٽلورام، سؤنفن جو ڪهڙو حال آهي؟

ٽلورام: پيا آهن، پيا آهن.

ڪنور: (سيٺين کي) ابا، هنن جي هرڪا چاهنا پوري ڪرڻ غلام ڪنور جو ڌرم آهي. ڪنهن کي ڪاڙهي لاءِ گلاب جا گل ۽ گاؤزبان کپي، ڪنهن کي مغز تي مالش ڪرڻ لاءِ بادام روغن کپي ته ڪنهن کي ٺڪيءَ لاءِ ڀڄڙا کپن. ابا، غلام ڪنور کي سڀ حاضر ڪرڻو آهي نه ته رب رسي وڃي، ڏٺي منهن موڙي ڇڏي ....

(ڪنور اڳتي وڌي ٿو. هن سان گڏ ئي سيٺيون به اڳتي وڌن ٿا. ڪنور سنڌل تي ويٺل هڪ اپاهج ساڌوءَ جي اڳيان اچي ٿو بيهي)

ڪنور: ڪيئن سائين مادورام، خوش آهيو؟ ٺڪيءَ لاءِ نموريون پيون اٿو يا کپي ويون اٿو؟ جي کپي ويون هجن ته هاڻي ئي ٻڌايو. ائين نه ٿئي جو رات جو توهان نمورين لاءِ حڪم ڪريو ته ان اڻانگي وقت غلام ڪنور نموريون ڪٿان آڻيندو.

ڪنور: اچو ته پنهنجن سيٺين شاهوڪارن سان توهان کي ملايان.

(ڪنور اٿي ٿو. سيٺيون هڪ ٻئي ڏانهن نهارين ٿا ۽ پوءِ هڪدم اٿي ٿا کڙا ٿين. ڪنور ڪمري کان ٻاهر نڪري ٿو ۽ سيٺيون به هن جي پٺيان پٺيان ٻاهر نڪرن ٿا.) (ڪٽ)

درشيه-٨ پڊر (ٻاهر)

ڪئميرا ڪلوز هڪ ڪاٺي سنت جي چهري تي. هو ساڄي هٿ جي آڱوٺي ۽ ڏسڻيءَ سان ناس ڏيئي رهيو آهي. ٻه ٽي دفعا نڪ سٽڪڻ کان پوءِ کيس ڇڪون اچڻ شروع ٿي ٿيون وڃن. ڇڪن جي ڪري هن جو سڄو بدن ڪنبڻ ٿو لڳي. پنهنجي چوليءَ جي ٻانهن سان نڪ صاف ٿو ڪري. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ته اسان ڏسون ٿا ته ڪاٺي جي ٻاهران هڪ وڏو پڊر آهي جنهن جي چئني طرفن کان ننڍي ديوار ڪڍيل آهي. پڊر ۾ ڪجهه وڻ به آهن ان ڪري ڪٿي اُس آهي ته ڪٿي ڇانو. هيڏانهن هوڏانهن ڪجهه واڻ جون کٽون به پيون آهن ۽ ڪجهه سندل به پيا آهن. هڪ طرف گهڙاماڃيءَ تي چار مٽ پاڻيءَ سان ڀريل پيا آهن ۽ پاسي کان لوٽي ۽ گلاس به پيا آهن. ڪيترائي لولا، لنگڙا، ڪاڻا، انڌا ۽ معذور سنت ساڌ جدا جدا جڳهين تي ويٺا آهن، بيٺا آهن يا ليٽيا پيا آهن. ڪوئي ڪجهه کائي رهيو آهي. ڪوئي بدن کي کني رهيو آهي. ڪوئي ڦل چڪي رهيو آهي. ڪنهنجي وات ۾ ٻيڙي آهي ته ڪوئي جهومي رهيو آهي. مطلب ته سڀ دين دنيا کان دور پنهنجيءَ ۾ ئي مست آهن. ڪنهن کي ڪائي پرواهه ئي ڪانهي. اوچتو ورالدو لتاڙي ڪنور ۽ ڪراچيءَ جا سيٺيون پڊر ۾ اچن ٿا. ڪنور هڪ ساڌ جي اڳيان بيهي ٿو رهي. سيٺيون به ڪنور جي آس پاس بيهن ٿا.

ڪنور: اچو، درشن ڪريو منهنجن شاهوڪارن ۽ منهنجي سيٺين

جتي زمين تي غلم وڇايل آهن ۽ ٽيڪ ڏيڻ لاءِ طول وهاڻا به پيا آهن. غلم تي ڪجهه ڪامورا ويٺا آهن. ڪجهه ڪامورا اچن ٿا ۽ اچي غلم تي وهن ٿا. ڪامورن جو لباس گهڻو ڪري اڇي رنگ جي پتلون ۽ قميص آهي. ڪن مٿي تي ڪاري ٽوپي به پاتي آهي.

ڪئميرا ڪنور کي ڪور تي ڪري. هو حويليءَ طرفان ڪن ڪامورن ۽ ٻين ماڻهن سان گڏ ميدان طرف اچي رهيو آهي. ڪنور تي نظر پوندي ئي ماڻهن ۾ شردا ڀري شانتي ڇانئجي ٿي وڃي. ڪنور اڳتي وڌندو ٿو اچي.

ڪئميرا ڪنور جي پيرن تي. هن جي ساڄي پير ۾ پنج لڙه ڇير جا ٻڌل آهن. هلڻ سان ڇم ڇم جو آواز وايو منڊل کي سنگيت پرلو بڻائي رهيو آهي. ڪنور ڇير ڄاڻي ۾ آهي ۽ هن جو هلڻ به پيگت کان گهٽ ڪونه ٿو لڳي!)

(ڪئميرا غلم تي ويٺل ڪامورن تي ميڊيم شاٽ.)

هڪ ڪامورو: پيگت صاحب جي ڇير به نرالي آهي. ڪيڏي نه وزندار ٿي لڳي.

ٻيو ڪامورو: ڇير جو وزن پنج سير آهي پنج سير.

ٽيون: توکي ڪنهن ٻڌايو؟ ٿي ٿو سگهي اڍ سير هجي.

ٻيو: مون کي پيگت صاحب جي خاص شش ٻڌارام ٻڌايو. اڪثر هو ئي سنڌن کي ڇير ٻڌائيندو آهي.

ٽيو: پوءِ نه ٺيڪ هوندو.

چوٿون: ٻـر پائي پنج سير ڇير پيرن ۾ ٻڌي پيگت وجهڻ ڪا معمولي ڳالهه ڪونهي.

پنجون: سائين ڪنوورام پاڻ به ته الوڪ شڪتين جا مالڪ آهن. اهڙن سنت پرشن لاءِ پنج سير بار ڪائي معني ڪونه ٿو رکي.

ماڌورام: سائين ڪنورام، شل جڙيو هوندين جڳ ۾! توکان سواءِ ڀلا ٻيو ڪير اسان الڏڻ منڌڙن جا انگل آڙا سهندو؟

سيٺ: سائين، ڇا توهان ڪڏهن اهو سوچيو آهي ته توهان جي نهٺائيءَ ۽ نماڻائيءَ جو هي لولا لنگڙا ڪهڙو نه غلط فائدو وٺي رهيا آهن؟ .... سائين، توهان هنن جو من ڪيڏو نه وڌائي ڇڏيو آهي!

ڪنور: ابا، مون کي نه هنن ۾ اهوئي هڪ برهم تو ڏسڻ ۾ اچي. مان هنن شريرن جي نه پر هنن شريرن ۾ سمايل برهم جي شيوا ڪندو آهيان. اهو مون غلام ڪنور جو وڏو ڀاڳ آهي جو شيوا ڪرڻ لاءِ مون کي هيڏا شرير ملن ٿا جن ۾ پرماتما جو نواس آهي:

هر هر شيوڪ شيوا لاڳي
سب ڌيکم ڀرهم پساري،
ايڪ پرکه ڪ ندري آوي
سب ايڪا ندر نهاري.

(سينيون ڪٽي ٿا سر جهڪائين. ڪئميرا ڪنور جي نماڻي پر مرڪندڙ چهري تي.)

.... (فيڊ آئوٽ)

فيڊ-ان

ڊرشيه-٩ مئدان (ٻاهر) رات

(ڦل شام. مئدان ماڻهن سان ڀريو پيو آهي. سڀ مرد آهن عورتون بلڪل ڏسڻ ۾ ڪون ٿيون اچن. مئدان جي هڪ پاسي، شاهي حويلي آهي ۽ ٻين پاسن کان به ڪچا پڪا مڪان آهن. ماڻهو اڃا به مئدان ۾ اچي رهيا آهن ۽ پٽ تي ويهندا ٿا وڃن. هر هنڌ نه سمجهه ۾ ايندڙ گوڙ لڳو پيو آهي.

ڪئميرا مئدان جي هڪ خاص ٽڪري کي ڪوَر ڪري ٿي،

کامورو: سائين، هڪ دفعو سارنگ ڳائي اسان جي اڳيان پوري ڪريو ۽ من پرسن ڪريو. برسات پئي ته ان کي اسان پاڻيهي منهن ڏينداسين.

ڪنور: ابا، توهان رسوئيءَ جو بندوبست به ڪليءَ جڳهه تي ڪيو آهي. برسات پئي ته وڏو نقصان ٿيندو-سڄو ڪاٺو پسي پٽ ٿي ويندو....

کامورو: سائين ڪرپا ڪري اهو فڪر توهان نه ڪريو. اسان رسوئيءَ جو پربنڌ اندر ڪنداسين.

ڪنور: چڱو ابا، جيڪو سائينءَ کي منظور....

(ڪنور سارنگ ڳائڻ شروع ٿو ڪري)

ڪنور: اڄ پڻ اميدون اگهر سنديون آپ پر،
ساوڻ پسي سرتيون! سڀڻ سارئو مون،
آئون آسائتي آهيان، ماڻ پڇائين پون،
گهر نه گهرجين لون، مند مڙئي مينهن جي!

(ڪئميرا آسمان کي ڪور ڪري رهي آهي. آسمان صاف آهي. تارا چمڪي رهيا آهن. چنڊ روشني ڦهلائي رهيو آهي. اوچتو هڪ طرف کان ڪجهه بادل ڇانئبا وڃن ٿا.)

ڪنور: سارنگ سار لهيج، الله لڳ اچين جي،
پاڻي پوچ پٽن پر، ارزان ان ڪريج،
وطن وسائيج، نه سنگهارن سڪ ٿئي!

(آسمان پر ڪارا بادل ڇانئجي ويا آهن، چنڊ بادلن پر لڪي ويو آهي ۽ تارن جو ڪوئي نشان پتو به ڪونه آهي.)

ڪنور: آئي مند ملار،
آئون کهنبا ڪندس، ڪپڙا! آئي مند ملار!
ا. وسڻ جا ويس ڪيا،
اڄ منهنجي يار! آئون....

پنهجون: اهي سنت ٿي نہ آهن جيڪي پرٿويءَ جو ڀار کڻي پيئا آهن ....

(ڪئميرا ڪنور تي. هو ميدان جي وچ ۾ چنڊيل جڳھ تي اچي ٿو ويهي ۽ سنگت کي هٿ ٻڌي نمسڪار ٿو ڪري.

ڪجھ ڪامورا غلم تي اچي ٿا وهن.

ماڻهو بلڪل شانت آهن.

ڪنور ڪن تي هڪ هٿ رکي ۽ ٻيو هٿ مٿي آسمان ڏانهن کڻي "ها آ آ آ آ" ڪري ٿو. وايومنڊل ۾ مڌر آواز گونجي ٿو. چوگرد شانتي آهي ۽ ان شانتي ۾ سنگيت جون لهرون سرڳ جهڙو آنند ڏيئي رهيون آهن. ڪامورن جي پاسي ۾ ساز وڄائيندڙ ويٺا آهن. ساز آهن رباب، هارمونيم ۽ طبلو. ڪنور چپ چمڪائي ٿو.)

هڪ ڪامورو: (اٿي بيهي) ڀڳت صاحب، هڪ عرض آهي.

ڪنور: (رکجي) چئو ابا ....

ڪامورو: سائين، توهان جا اسان تي لک ٿورا آهن جو جيڪب آباد ۾ پير ڌري هن ڌرتيءَ کي پوتر ڪيو اٿو ۽ اسان کي ڌنيہ ڪيو اٿو ...

ڪنور: ابا، غلام ڪنور تہ داسن جو داس آهي. بس هن داس جي لڄ پت رکجي اچي ....

ڪامورو: سائين، هت ويٺلن ٻڌندڙن جي تمام گهڻي چاهنا آهي تہ اڄ توهان جي مڌر ڪنٺ مان سارنگ راڳ ٻڌون. سائين، اسان جي ونتي قبول ڪريو ۽ سارنگ راڳ ٻڌايو.

ڪنور: ابا، غلام ڪنور توهان جي چاهنا کي حڪم سمجهي ضرور پورو ڪري پر ابا، سارنگ راڳ ڳائڻ سان برسات پوندي. برسات پوندي تہ هي سڀ ٽيڙ ڀاڳيءَ ۾ پسي پوندا ۽ توهان سڀ وڏي تڪليف ۾ اچي ويندا.

ڪنور: ابا، سائينءَ لاءِ جهڙي سورت، تهڙو ڏيسي ۽ تهڙو ڪنيات. سائين، دل جي دانهن ٻنا چوڻ جي ئي ٻڌندو آهي.
هيءَ نه غلام ڪنور وري به سورت آلاپي ٿو. ابا، سائينءَ جي سگهه ۾ ويساهه رک.

(ڪنور ڳائيندو)

الوداع! وو!، الوداع! وو! جاني ڪيئن جدا،
هيءَ هيءَ، سورت تي ساري!
الوداع! وو! ....

١. هڻ ٿون ٿڌ طريقن جي وو!
واجت سڀ واري! هيءَ هيءَ ....

٢. سورت سوڻين وچ ۾، وو!
ايي تي او ساري! هيءَ هيءَ ....

٣. ڏيندو سانءِ ڏياچ چئي،
هي سر سينگاري! هيءَ هيءَ ....

٤. هي جو آيو منگڻو،
سو متارا ماري! هيءَ هيءَ ....

٥. دوس دوستاڻا دور ڪيو،
ٿو ڏيا ڏيکاري! هيءَ هيءَ ....

٦. ڪنڌ منهنجو ڪاٽيو،
نيهه سندي نعري! هيءَ هيءَ ....

(برسات ڏيري ڏيري جهڪي ٿيندي ٿيندي آخر بند ٿي وڃي ٿي ڪنور اکيون ٻوري محويت ۾ نچندو، جهومندو رهي ٿو.)

....   (فيڊ آئوٽ)

فيڊ ان

درشيه-١٠   سکر ۾ ميدان (ٻاهر)   شام

(فل شاٽ. سڄو ميدان ماڻهن سان ڀريو پيو آهي. هندو

(بادلن جي گرجڻا)

٢. لاڙ لهندي وڄڙا،

پنڙس پيا وار! آئون ....

(بجليءَ جي چمڪاٽ ۽ کڙڪو)

٣. پڪي آءٌ ٻرڻ لڳون،

لهه منهنجي "سيد" سار! آئون ....

(اوچتو برسات پوڻ ٿي لڳي. يڪدم چالو آهي. ماڻهو پريشان لڳي رهيا آهن. ڪنهن کي ڪجهه به سمجهه ۾ ڪونه ٿو اچي ته ڇا ڪجي. ڪنور جو ڪيرتن چالو آهي. ماڻهو پسن ٿا ۽ يڪدم به ٻڌن ٿا. برسات جي رفتار ڏيري ڏيري وڌندي ٿي وڃي.)

ڪامورو: (اُٿي ٻئي هٿ جوڙي) سائين، هاڻي ڪرپا ڪريو، مهر ڪريو. بارش بند ڪرايو. مون ڏوهه ڪيو. مون ڄاڻا پڇا. مان وري نه اهڙي هوڏ ڪندس. مون پنهنجي خطا محسوس ڪئي. منهنجي ڏوهه کي نه ڏسو سائينءَ توهان پنهنجو برد سڃاڻو ۽ اسان گنهگارن کي معاف ڪريو ۽ خلقت کي سکي ڪريو.

(ڪئميرا ڪنور تي. هو ڳائڻ بند ڪري اکيون ٻوري پرماتما جو ڌيان ڪريٿو.)

ڪنور: يڪتان کي پڃ رک تون آپي،

اپهه لهيري وڏيائي!

جنم جنم کي ڪلوڪ دک ڪاٽهه

ديدا رکي سه رائي !!

پياري ساڌ سنگت، غلام ڪنور سورٺ راڳ ڳائي سائينءَ کي ونتي ڪندو ته هي ڪرپا جا ساگر، ديا جا ڀنڊار، مينهن جا وسڪارا روڪ ۽ خلق کي سکي ڪر. سائين، ٻالڪن جون اڻڳڻيون معاف ڪر!

هڪ ڪامورو: سائين، سورٺ سان برسات رکجي ويندي؟

هڪ: ٽن پاڳ آهن سڪر جا جو مهاتما گانڌيءَ جا چرڻ هن ڌرتيءَ
تي پيا آهن.
ٻيو: اڄ سڪر به تيرٿ ٿي ويو.
هڪ: هائو، تيرٿ آزاديءَ جي ديوانن جو تيرٿ.
ٻيو: ماڻهن جو سمنڊ اڇي اٿليو آهي.
هڪ: مهاتما ٻهراوُن دفعو آيو آهي هتي. ماڻهن جو سمنڊ ته
ضرور اٿلجندو.
ٻيو: اڙي ...
(اهو ماڻهو عجب مان هڪ طرف نهاري ٿو. ڪئميرا ان
ماڻهوءَ جي درشٽيڪوڻ کان ميڙ کي ڪور ڪري ٿي. ٻرپان، پر
منچ جي وچهو اسان کنور کي وينل ڏسون ٿا. هو چٽو نظر
ڪونه ٿو اچي پر ڏسندڙ چڱيءَ طرح انومان لڳائي سگهن ٿا.
ڪئميرا واپس ٻنهي ماڻهن کي ڪور ٿي ڪري.)
هڪ: ڇاهي؟
ٻيو: کنور
هڪ: کنور؟ ڪٿي؟
ٻيو: هيڏانهن ڏس، اسٽيج جي پرسان.
(ٻهراوُن ماڻهو اسٽيج طرف نهاري ٿو.)
ٻيو: ڏٺئه؟ آيئه نظر؟
هڪ: اوه! مهاتما گانڌي ۽ کنور! هڪ ٻئي جي سامهون!
سڪر جي نصيب جو جواب ناهي.
ٻيو: هڪ ئي آسمان ۾ ٻه-ٻه چنڊ!
هڪ: اڄ سڪر جي پوٺي سيتلتا جي تصوير لڳي رهي آهي.
(ڪوڙ گهمسان وڌندو ٿو وڃي. فل شاٽ. سڄو ميدان ماڻهن
سان ستيو پيو آهي. چوطرف ماڻهو ئي ماڻهو آهن. ڪافي انداز
۾ پوليس جو بندوبست آهي پر اهي به شانتي بحال ٿا ڪرائي

مسلمان ننڍا-وڏا جوان-ٻڍا نظر اچي رهيا آهن. هندن کي گهٽي پاڳي قميض ۽ پتلون يا ڌوتي پيل آهي ۽ مسلمانن کي ڪمر کان هيٺ وڏيون سلواريون يا تهمدون پيل آهن. ڪن جي مٿي تي ٽوپي آهي ته ڪن جا مٿا اُگهاڙا آهن. سڄي ميدان تي ماڻهن جو وڏو ميڙ اچي ڪٺو ٿيو آهي. هرڪو منچ جي ويجهو وڃڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. اسان منچ کي دور کان ڏسي رهيا آهيون. ان ڪري ڪنهن جو به چهرو صاف ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي. ڪئميرا اڳتي وڌي ٿي ۽ منچ ويجهو ٿيندو ٿو وڃي. اسان ڏسون ٿا ته منچ تي اڳيان وچ ۾ مهاتما گانڌي ويٺو آهي ۽ هن جي آس پاس ڪيترائي ڪانگريسي ويٺا آهن. جن کي کاڌيءَ جا ڪپڙا پيل آهن ۽ مٿي تي گانڌي ٽوپي پاتل اٿن. ميدان تي ماڻهن جو گوڙ لڳو پيو آهي. هڪڙو ڪانگريسي اُٿي ماڻهن کي شانت ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.)

ڪانگريسي: (اُٿي بيهي مائيڪ جي اڳيان هٿ کڻي) شانت ڀائرو شانت ....

(گوڙ چالو آهي)

ڪانگريسي: .... مهرباني ڪري شانت ٿي وڃو. اڄ اسان جي سامهون دنيا جو وڏي ۾ وڏو ماڻهو، اهنسا جو اوتار، پريم جو ديوتا مهاتما گانڌي موجود آهي. شانت ٿي وڃو ۽ هن مهان پرش جا وچن ٻڌي پنهنجي اندر ۾ ديش پريم جي جوالا کي روشن ڪريو....

(ڪانگريسيءَ جي اپيل جو ڪوبه اثر نه ٿو نظر اچي. درحقيقت هن جي اپيل به پوريءَ طرح ٻڌڻ ۾ ڪونه ٿي اچي ڇو ته گوڙ تمام گهڻو آهي. مهاتما گانڌي شانت آهي. منچ تي ويٺل ڪانگريسي هڪ ٻئي طرف ويچارا ٿي نهارين ٿا.

ڪئميرا ميڙ مان ڪن ڪن ماڻهن کي چونڊي انهن تي ڪٽ ڪري ٿي جيڪي پاڻ ۾ ڪجهه ڳالهائي رهيا آهن.)

ڪي ساڻ اُنڪو ٻلا لائڻي.

(چار ڪن ڪانگريسي اُٿن ٿا ۽ ڪنور ڏانهن وڃڻ لاءِ تيار ٿي ٿا بيهن. ڪئميرا ڪڏهن هنن جي اڳيان، ڪڏهن پٺيان ۽ ڪڏهن پاسن کان هنن کي ڪور ڪري ٿي ۽ هو اسٽيج تان هيٺ لهي ڪنور جي اڳيان اچي ٿا بيهن.)

هڪ: سائين ڪنور رام صاحب!

ڪنور: غلام ڪنور ۾ ڪوئي ڪم اٿو ابا؟

هڪ: سائين اسٽيج تي هلو ۽ ڪرپا ڪري هڪ ڀڄن ڳائي ڇڏيو.

ڪنور: ابا، هيءَ سڄي خلقت هتي مهاتما گانڌيءَ جو درشن ڪرڻ آئي آهي. اهڙي موقعي تي غلام ڪنور جو ڳائڻ ڇا ٺيڪ ٿيندو؟

هڪ: سائين، ماڻهو شانت نٿي ڪولاهه ٿا ڪن. هيڏي گوڙ ۾ باپوجي تقرير ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ڪولاهه ٿو ٿئي. اسان کي پڪ آهي ته توهان کي اسٽيج تي ڏسڻ سان ئي ماڻهو شانت ٿي ويندا.

ڪنور: ابا، غلام ڪنور ۾ ايڏيون اُميدون نه رکو. مان ته هڪ بيوس ٻندو آهيان صرف سائينءَ جي سگهه تي بيهو ٿو لڳان.

ٻيو: (هٿ جوڙي) ڀڳت صاحب، سکر جي عزت رکو....

ڪنور: سائين سڀ جي لڄ پت رکندو. جي توهان جو حڪم آهي ته غلام ڪنور تيار آهي.

(ڪنور پنهنجيءَ جڳهه تان اُٿي ٿو ۽ سڀ اسٽيج طرف روانا ٿين ٿا. فل شاٽ. اٿاهه ماڻهو ازحد شور ڪري رهيا آهن.)

(ميڊيم شاٽ. ڪنور چوغو ۽ ٽوپي پائي اسٽيج تي بيٺو آهي. مٿي تي اچي گول ٽوپي پيئي اٿس. هو هڪ هٿ ڪنن تي رکي، ٻيو هٿ آسمان طرف وڌائي اکيون بند ڪري منهن مان "ها آ آ آ آ" جو آلاپ ڪڍي ٿو. ڪنور جو آلاپ ٻڌندي

سگهن. اسان ڪي سپاهين کي مـاٺهن ڪـي هٿن ۽ لٺين جـي اشارن سان شانت ڪرائيندو ۽ هڪ هنڌ ويهي رهڻ جي هدايت ڪندو ڏسون ٿـا. پـر سڀ ڪجهه اجايو آهي. ڪٽمبرا مهاتما گانڌي ۽ جي ڇهري لي. هو ڪجهه خفي لڳي رهيو آهي. آس پاس ويٺل ڪانگريسي اها ڳالهه سمجهي ٿا وڃن.)

هڪ ڪانگريسي: بـاپوجي پوليس کي ڪوششين پڻ اسڦل هو گئي هئن. لوگون ڪو شانت ڪرانا بڙا مشڪل هو رها هئه.

ٻيو ڪانگريسي: لوگ تو ڪسي ليڊر ڪسي نيتا ڪي اپيل پر ڀي چپ نهين هو رهي هئن.

مهاتما گانڌي: يـه لوگ يهان شور ڪرني آئي هئن يـا ڪڇ سنني؟

ٽيون ڪانگريسي: باپوجي، يـه لوگ صرف آپڪي درشنون ڪو آئي هئن.

مهاتما گانڌي: اوُر شور مچاڪر ميرا درشن ڪر رهي هئن! ڪيون؟

ٻيو ڪانگريسي: باپوجي، اگر آپ برا نه مانين تو مئن لوگون ڪو شانت ڪراني ڪا ايڪ اُپاءِ سجها سڪتا هون.

مهاتما گانڌي: بڙي ڪرپا هوگي.

ٻيو ڪانگريسي: هماري خوش نصيبي هئه ڪ ڀڳت ڪنور رام صاحب آپڪي درشنون ڪو آئي هوئي هئن.

مهاتما گانڌي: اُسسي ڪيا هوگا؟

ٻيو ڪانگريسي: اگر اُنسي ڪوئي ڀڄن گاني ڪو ڪها جائي تو شور ڪرني والي اوشيه شانت هو جائينگي.

ٻيا ڪانگريسي: هان باپوجي هان! سنت ڪنور رام ڪا ڀڄن سنتي هي شانتي ڇا جائيگي.

مهاتما گانڌي: تو دير ڪس بات کي هئه؟ جائي اوُر عزت

تان اُٿي ڪنور کي ڪڍي ٿو ڳلي لڳائي.)

مهاتما: ڀڳت جي، تم ڌنيه هو! ڌنيه هئي تمهاري سنگيت کي شڪتي.

(ڪئميرا ڳانڍي ۽ ڪنور کي ڪور ڪري رهي آهي. ٻئي هڪ ٻئي جي ڀاڪر ۾ آهن.) .... (فيڊ آئوٽ)

فيڊ-ان

درشيه-١١

سوتردار: (فقط آواز، چهرو نه.) ڪئميرا جدا جدا ڪنڊن ۽ طرفن کان ڇوليون ماريندڙ سمنڊ کي ۽ آسمان کي ڪور ڪندي ٿي رهي. آسمان ۾ ڪڏهن ڪڏهن پکي اڏامندا نظر ٿا اچن ۽ ڪڏهن ڪڏهن اڇا-ڪارا ننڍا-وڏا بادل نظر اچن ٿا.)

ست پرشن جي واسطي ڪرامت آ کيل،
کيل ۾ ڪرٽو آ ٻلي ڪائي نه من سان ميل!

o

ڳونگو ڳيان ڪري ٻڌائي ٻوڙي کي،
پنگلو چڙهيو پربت تي، انڌو ڏسي تري!

o

ڀڳت پاتال ۾ ڀڳتي ڪندو آهي پر ان جو پرڪاش آڪاش ۾ ڦهلجي ويندو آهي. ڀڳت سورج جيان ڪڏهن به ڇپي نه ٿو سگهي.

ڀڳوان جا ڀڳت ڪرامات نه ڪندا آهن پر ڪرامات انهن کان پاڻمرادو ٿي ويندي آهي. جنهن کي عام ماڻهو ڪرامات ٿا سمجهن، اها ڀڳتن جي سڀاءُ جو هڪ انگ آهي. جيئن خوشبوءِ گل جو سڀاءُ آهي تيئن ڪرامات ۽ ڪرشمو ڀڳتن جو هڪ سڀاويڪ ڪارج آهي. ڀڳتي هڪ مهان شڪتي آهي. ڀڳت جي اڇا پوري نه ٿئي ۽ ڀڳت جو سنڪلپ اڻپورو رهجي وڃي ائين ڪڏهن

ٻي ماڻهن ۾ شانتي ڇانئجي ٿي وڃي. اهڙو جادوءَ جهڙو اثر ڏسي مهاتما گانڌي عجب ڀريل نظرن سان ڪنور طرف نهاري ٿو. ڪنور آلاپ کان پوءِ هڪ سلوڪ چئي پوءِ ٿو ڀڄن ڳائي.)

ڪنور: موں نماڻي مسڪين جي شل پوندي ٻاجهه پرين،

ڪيو ٿم مارڻ مٺن جو، شل دکو داخل ڪن،

منهنجي عيبن کي نه ڏسن، جي مٺي سان ڪن مامرو!

(سڀ ميدان چڪار آهي. سڀنيءَ رڪڙ جي جاءِ ڪوڪ آهي پر ڪنور جي ڀڄن سان اهڙي نه شانتي ڇانئجي وئي آهي جو ڪنور جي مڌر آواز کان سواءِ جي ڪٿي سئي به ڪري ته هوند ٺڪاءُ جيان لڳي.)

ڪنور: رام سمر من ميرا،

دک ۾ ڪوڻ سنگي هتي تيرا؟

رام....

۱. پائر، پانيا، ڪٽنب، قبيلو

ڪوئي نه آوت ڀيرا!

رام....

۲. گهر کي ناري تڪ ڪر سوئي،

ڪرتي ٿاءُ لکيرا!

رام....

۳. ايسر ائسي الک جيئجي،

ڪال نه آوي نيرا!

رام....

سڀ ماڻهن جا مٿا مگن ٿي ڪري ڪنور رام جو ڀڄن ٻڌي رهيا آهن. ڀڄن هلندي وچ وچ ۾ مهاتما گانڌي عجب ۽ پيار سان ڀريل نظرن سان ڪنور ڏانهن نهاري ٿو. جڏهن ڪنور ڀڄن ڳائي پورو ٿو ڪري نه هڪدم مهاتما گانڌي پنهنجيءَ جڳهه.

٣. طعني ٽنڪي لوڪ مرڪندي،
هس هس سهڻا ٽوڪ ڏيندي،
مٽن ٽان جهليان جهوليان! ڏيوان ....

(ڦيرئون پائيندي پائيندي ڪنور کي ڪجهه شڪ ٿو پوي. ٻالڪ جي منهن ٽان ڪپڙو لاهي ڏسي ٿو. ٻالڪ مئل آهي. هڪ پل لاءِ هو منجهي ٿو وڃي. پوءِ اکيون بند ڪري ڦيرئون پائڻ ۾ لڳي ٿو وڃي.

مائيءَ جي چهري تي گهٻراهٽ آهي. هوءَ پاڻ کي ڄڻ گنهگار محسوس ڪري رهي آهي. مائي پوءِ ڪنور ڏانهن نهاري ڪٿي ٿي اکيون ۽ سر جهڪائي.)

ڪنور: ڪرپا ڪره دين ڪي داتي
ميرا گڻ اوگڻ نه ڏٺا رهئه ڪوئي،
مائي ڪا ڪيا ڏووي سوامي،
ماٽس ڪي گت ايهي.
اپني سيوڪ ڪي آپ پت راکي!
ٽانڪي گت مت ڪوئي نه لاکي!!

(ڪنور وري لولي ڏيڻ ۾ لين ٿي ٿو وڃي. هو پرماتما در پاڏائي چڪو هاڻي سائينءَ کي جيئن وڻي تيئن ڪري. ڪنور جي چهري تي ڪجهه ان قسم جا ڀاو آهن.)

ڪنور: ٤. چلو سهيليان سهرا گائو
ڇيريان پائو، ناچ نچائو
گهڙو رتڙيان چوليان! ڏيوان ...

(اوچتو ٻار "اوان اوان" ٿو ڪري. ڪنور جي اکين ۾ پاڻي اچي ٿو وڃي. مائيءَ جو چهرو ٻهڪي ٿو.)

ڪنور: ٥. ٻهاول ٻخت ٿيا سوايا
دوست ساڏي گهر وچ آيا
يار حجابان ڪوليان! ڏيوان ....

ٽي ڻ ٽو سگهي. .... (ڪٽ)

درشيه-١٢ شڪارپور جو شاهي باغ پرڀات

(ڪئميرا ڪلوز ڀڳت ڪنور جي چهري تي. هو ڀڳت وڄهي رهيو آهي. ڪئميرا پل ٻئڪ ڪري ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا ته شڪارپور جي شاهي باغ ۾ پرڀات ويلي هو ڀڳت وڄهي رهيو آهي. حشام ماڻهن جا ڀڳت جو آنند ماڻي رهيا آهن. هڪ پاسي ڏوڪڙي، ٻاجي وارو ۽ رٻابي ويٺا آهن. ڪنور نچي رهيو آهي، جهومي رهيو آهي. ويٺل سنگت مان اوچتو هڪ مائي هٿ ۾ ٻار کڻي ڪنور جي اڳيان اچي ٿي بيهي. مائيءَ کي پٽلون ۽ جبلو پيل آهي ۽ مٿي تي اڇي چادر اٿس.)

ڪنور: اما، غلام ڪنور لاءِ ڪائي آڳيا؟

مائي: سائين، ڪرپا ڪري هن ٻار کي لولي ڏيو.

(ڪنور ٻئي ٻانهون وڌائي ڪپڙي ۾ وڙهيل ٻار کي وٺي ٿو ۽ لولي ڏئي ٿو. مائي هڪ پاسي بيهي ٿي رهي.)

ڪنور: جس ڪا پنا ٿو هئه ميري سوامي
تس ٻالڪ ٻوڪه ڪئسي؟

نوءِ لکه لام الڏان گرهه ٽيري
ڄسن ٻانڌي سو لهسي!
دم دم دي وچ سهڻل سائين،
ڏيوان ليکون لوليان! مٺيان مٺيان ٻوليان!
دم دم....

١. قربون اسان وڃ قدم گهماوان
سهڻل ڦيرا پل پل پاوان
سچا اپڻا گهو ليان! ڏيوان ....

٢. يار رجهاوڻ ائون آوان
ناچون ڪر قربان جاوان
ڪر ڪر سهڻا لوليان! ڏيوان ....

هڪ: مان هن مائيءَ جي ٻاڙي ۾ رهندو آهيان. ٻار رات ستو هو.

ٻيو: ڪمال آهي.

ٽيون: ڪمال؟ اڙي ڪرامت چئو ڪرامت.

هڪ: سنت ڪنور رام ايشور جو روپ آهي.

ٽيون: وڏا ڀاڳ آهن سنڌ جا جتي پرماتما پاڻ پير گهمايا آهن.

.... (ڪٽ)

درشيه-١٣ پوڳڙين جو ڪچو گهر (اندر) صبح

(ڪئميرا ڪلوز هڪ ٻڍي پوڳڙيءَ تي. اڇي ڏاڙهي اڇا وار. چهري تي ٻڍاپي جا نشان. مٿي تي ڳول اڇي ٽوپي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ته اسين ڏسون ٿا ته پوڳڙي واڻ جي کٽ تي ويٺو آهي. پتلون ۽ گنجي پهريل اٿس. هن جي پرسان ٽي-چار ٻيا پوڳڙي به ويٺا آهن. ڪمري جي هڪ ڪنڊ کان پڳڙن جو ڍير پيو آهي ۽ ٻه-ٽي ڳوٺيون به پيون آهن جن ۾ ٻه شايد قلا ۽ پڳڙا پيا آهن. ڪنور پاسي ۾ پيل هڪ لوهه جي ڪرسي تي ويٺو آهي. هن جي پٺيان هن جا ساٿي لولا لنگڙا بيٺا آهن.)

ڪنور: ابا، اسان اڳتي شڪارپور پڳڙن ڪرڻ لاءِ نه ايندا سين.

پوڳڙي: (همٿ جوڙي) اسان غريب ۽ مسڪين پوڳڙن تي ناراض ڇو ٿا ٿيو سائين، اسان جي آخر ڪهڙي خطا آهي؟ ڪهڙو ڏوهه آهي؟

ڪنور: ابا، ڏوهه توهانجو ڪونهي پر اڄ غلام ڪنور هڪ وڏو ڏوهه ڪيو آهي.

پوڳڙي: سائين، اسان پوڳڙن جي وڏتي اوائي توهان هرسال هتي شڪارپور ۾ اچي پڳڙن ڪندا آهيو. توهان رسي ويندءِ ته اسان جو ڇا ٿيندو؟

ڪنور: ابا، سائين سڀني جي لڄ پت رکندو. پر اسان اڳتي

(ڪنور ڦيرڻون پائي رهيو آهي. ٻار "اوئان اوئان" ڪندي روئي رهيو آهي. ڪنور جون اکيون بند آهن پر اکين جون ڪنڊون آليون اٿس. مائي ڪنور جي سامهون اچي ٿي بيهي. مائي خوش به آهي ته ششدر به آهي. اکين ۾ پاڻي اٿس پر چهرو ٻهڪي رهيو اٿس. ڪنور ڦيرڻون پائيندي پائيندي بيهي ٿو رهي. مائي ڪنور جي قدمن تي ڪري ٿي پوي. ڪنور "ماڻا-ماڻا" ڪندو پوئتي هٽي ٿو.)

مائي: (اٿي) سائين....

(گلو پرچي ٿو اچيس. ڪنور هن کي ٻار واپس ڏئي ٿو. ٻار مرڪي رهيو آهي. مائي ٻار کي ڏاڍيءَ سڪ سان چمي ٿي.)

ڪنور: امان، ائين نه ڪجو آهي. سڀني کي سائينءَ جي سامهون ڪڙو نه ڪجو آهي ماڻا! هيءُ ته پرماتما منهنجي لڄ رکي آ، ته، غلام ڪنور ڪنهن کي منهن ڏيکارڻ جي لائق نه رهي ها....

مائي: سائين، توهان ڪرامتن جا ڌڻي آهيو. رڌين سڌين جا مالڪ آهيو. نه نه - نه نه...

ڪنور: امان غلام ڪنور نه داسن جو به داس آهي. مان نه مٽيءَ جيترو ملهه به نه ٿو لهان - سائين، منهنجون غلام ڪنور جون خطائون معاف ڪجانءِ! لڄ پت رکندو اچجانءِ!

(ڪئميرا سنگت کي ڪور ٿي ڪري. سنگت ۾ ڪجهه هل چل نظر اچي رهي آهي. "ڇا ٿيو آ؟ ڇا ٿيو آ؟ ٻار؟ ڇا ٿيو ٻار کي؟" اهي جملا ٻڌجن - الڳ آوازن جي وچ ۾ ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. ڪئميرا هڪ طرف ڪان بيٺل ٽن چئن ماڻهن کي ڪور ٿي ڪري.)

هڪ: ٻار مئل هو.

ٻيو: لوليءَ سان جيئرو ٿي ويو؟

ٽيون: ڏٺءِ ڪيئن؟ ٻار اوئان اوئان پيو ڪري.

(ڪنور مرڪي ٿو)

شيواداري: توهان هڻ پتوڙ سڀ تمام گهٽي ڪئي آهي. ڪم تي ڪم، ڪمن تي ڪمن .... آرام بلڪل نه .... پوءِ نه سائين هيءُ شرير ڪيستائين ڏک سهندو- ڍهي ٿو پوي.

ڪنور: ابا، جيڪو سائين چاهيندو سو ٿيندو. غلام ڪنور کي پنهنجي شرير جي ڪائي پرواهه ڪانهي.

شيواداري: سائين، ائين نه چئو. توهان جو شرير ملهائتو آهي. ملڪ کي توهانجي بيحد ضرورت آهي.

ڪنور: ابا، مٽيءَ کي ٿو ملهائتو چوين!

شيواداري: نه سائين، مٽيءَ کي ملهائتو ڪونه ٿو چوان پر ان ڏيا کي ٿو چوان جيڪا مٽيءَ کي سج وانگر ٿي چمڪائي ڇڏي.

ڪنور: ابا، اهو پرماتما پاڻ آهي.

شيواداري: ۽ اهو پرماتما توهان ۾ آهي.

ڪنور: ابا، تو ۾ به آهي-پاڻ پڇاڻ-غلام ڪنور کي ايڏو قيمتي نه سمجهه.

(شيواداري اٿي ڪري ڪنور جي بدن تي چادر ٺاهي ڪري وجهي ٿو. ڪنور اکيون کڻي ٿو بند ڪري.)

شيواداري: چڱو سائين، توهان آرام ڪريو. مان ٻاهر ويٺو آهيان. ڪجهه کپيو ته هن داس کي کڻي سڏ ڪجهو.

(ڪنور ڪوئي جواب ڪونه ٿو ڏئي. هن جون اکيون بند آهن. شيواداري ڪنور جي منهن ڏانهن نهاري ٿو. ڪنور پاسو بدلائي ٿو. شيواداري هلڪن قدمن سان هلندو در کولي ڪمري کان ٻاهر نڪري ٿو وڃي. ٻاهر وڃي در ڀيڪري ٿو ڇڏي. ڪنور پاسو ورائي اکيون بند ڪري آرام ڪري رهيو آهي.)

ڪنور: (تمام ڌيمي آواز ۾)

سوني ڪرڻا جو آب ڪرائي جنهن رکي پلي جاءِ،
سوني سماڻا سو پتونتا، حڪم لڳي جس ميٺا جيءُ!

هتي پهچڻ ڪرڻ لاءِ نه ايندا سين.

(ٻه ـ وڳڙي هڪ ٻئي ڏانهن نهارن ٿا. ڪنور جڻ پاڻ سان ڳالهائي رهيو آهي.)

ڪنور: اڳتي اولي ڏيڻ کان اڳ ٻار جي منهن ٿان ڪپڙو لاهي ڏسي وانسي، پڪ ڪندس .... سائين، غلام ڪنور کي معاف ڪجانءِ .... سائين ديا ڪجانءِ ....

(ڪئميرا ڪنور جي چهري تي.) (فيڊ آئوٽ)

فيڊ ـ ان

درشيه ـ ١٣ ڪنور جو ڪمرو (اندر) شام

(ڪئميرا ڪلوز ڪنور جي چهري تي. هو کٽ تي ليٽيو پيو آهي ۽ اڇي چؤ واري وهاڻي تي هن جو ڪنڌ آهي. ڪنور بيمار آهي، ڪمزور لڳي رهيو آهي. اکيون بند اٿس. ڪئميرا جي پوئتي هٽڻ تي اسين ڏسون ٿا ته ڪنور جي پيراندي کان سندس هڪ شيوداري ويٺو آهي. پاسي ۾ کٽ کان پيل هڪ تپاءِ تي دوا جي شيشي پيئي آهي ۽ پاسي ۾ ڪجهه پڙيون به ـ پيون آهن. پرسان تي پاڻيءَ جو گلاس به پيو آهي.)

شيوداري: سائين، .... سائين.

ڪنور: (اکيون کولي) ابا، چؤ.

شيوداري: حڪيم جوڳي صاحب کي توهان جي ڏاڍي چنتا آهي....

ڪنور: ابا، غلام ڪنور جي چنتا ڪرڻ جي ڪنهن کي ضرورت ڪانهي. داس ڪنور ٻنهي جون سڀ چنتائون .... (مٿي آڱر ڪري) هن کي ڏنئي ڇڏيون آهي .... هاڻي ڪوئي چنتا ڪندو ته هو ئي ڪندو ....

شيوداري: جوڳي صاحب ٻُڌايو ته هڪ مهنو پورو پورو آرام ڪرڻ لاءِ چيو آهي ....

رکيا لاءِ ڪنهن سورمي کي سر جي قرباني ڪرڻي پوندي.
ڪنور: جيڪا پرماتما جي اِڇا.
آواز: ڌرم جي رکيا لاءِ جيڪڏهن توهان ئي سر جي آهوتي وجهو ته تمام سٺو ٿيندو.
ڪنور: جيڪا پربهوءَ جي اڇا.
آواز: پربهوءَ جي اها ئي اڇا آهي.
ڪنور: جيڪڏهن ايشور جي اڇا اها ئي آهي ته غلام ڪنور کي اکين تي آهي.

(ڪنور جون اکيون بند آهن. ساهه ڪجهه تيزيءَ سان هلي رهيو اٿس. اوچتو ڪنور پاسو ورائي منهن ٻئي پاسي ٿو ڪري ڇڏي. پرڪاش ڪجهه دير ڪنور جي شرير تي پوندو ٿو رهي ۽ پوءِ ڌيري ڌيري جهڪو ٿيندو ٿيندو آخر الوپ ٿي ٿو وڃي. ڪمري ۾ فقط ڪنور سمهيو پيو آهي. اندرا ديويءَ جي گود ۾ آرامي آهي.) .... (ڊزالو)

درشيه-١٥ ٻاهريون رستو: ڪچو شام

(ڪئميرا ڪلوز ڪنور جي هڪ شهواداري پـائي سومارام تي. ڪئميرا جي پل ٻئي ڪرڻ تي اسين ڏسون ٿا ته هو ڪنور سان گڏ ڪچي رستي تان ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي. ڪنور جي بدن تي ڌوتي ۽ گهر ۾ سبيل گنجي پيئي آهي ۽ سومارام جو لباس به ساڳيو ئي آهي. فرق اهو آهي جو سومارام جي ڪلهي تي انگوڇو پيو آهي ۽ مٿي تي چوٽي به اٿس. ڪنور ۽ سومارام جا چهرا صاف نظر اچي رهيا آهن. ٻئي ڳالهيون ڪندا ڪيڏانهن وڃي رهيا آهن.)

ڪنور: ابا، سچو سنت اهو آهي جو پنهنجي سر جو آسرو لاهي ٻهريون ٻارڻ کي فنا ٿو ڪري. ٻارڻ کي فنا ڪرڻ کان سواءِ، مرڻ کان اڳ ئي مرڻ کان سواءِ برهم جو درشن ڪڏهن به ڪونه ٿي

(ڪنور اکيون بند ڪري سٽو ٿي سمهيو پيو آهي. اوچتو سامهون واري ديوار تي پرڪاش جو هڪ بندو جهلڪا ڏيڻ ٿو لڳي. ڪنور جون اکيون بند آهن پر پرڪاش وڌندو وڃي ٿو. ان پرڪاش ۾ سڄ جهڙي ليپت ڪونه آهي پر چنڊ جهڙي شيتلتا آهي. ڪنور جون اکيون پوريل آهن. اوچتو هي ازغيبي آواز اچي ٿو. آواز ائين آهي ڄڻ ڪوئي سرگوشي ڪري رهيو آهي.)

آواز: ڪنور-ڪنور ....

ڪنور: (اکيون بند) سائين، غلام ڪنور لاءِ ڪوئي حڪم؟

آواز: ڪنور، توهان جي پريکيا جي گهڙي اچي وئي آهي.

ڪنور: سائين، ڪنور سڀ پريکيائون سڀ امتحان ڏيڻ لاءِ تيار آهي. ڇو ته ڪنور غلام ۽ توهان جو، پريکيا ۽ توهانجي ۽ پريکيا جو انتيجو ۽ توهان جو. مونکي ڪهڙي چنتا، سائين. جڏهن ڏور توهان جي هٿ ۾....

آواز: توهان هيئنر پنهنجو شرير ڇڏڻ جي تياري ڪري رهيا آهيو.

ڪنور: سائين هيءُ شرير غلام ڪنور جو هو ئي ڪڏهن؟ جنهنجو آهي تنهنکي ڏيان ٿو سائين!

(پيڪڙيل در وٽ ٻاهر ورانڊي ۾ وينل شيواداريءَ جو شامت هو ڪن ڏيئي ڪمري جي گفتگو ٻڌي رهيو آهي. هن جي چهري تي عجب صاف ظاهر آهي. هن جون اکيون ڦاٽي ويون آهن. ۽ پاڻ ڄڻ جڙ ٿي ويو آهي.)

(ڪئميرا ڪنور کي ڪمري ۾ ڪور ڪري رهي آهي.)

آواز: ڪنور توهان هاڻي شرير تياڳ ڪرڻ جو وچار لاهي ڇڏيو.

ڪنور: ڇا غلام ڪنور ان جو ڪارڻ ڄاڻي سگهي ٿو؟

آواز: هندن تي وڏي ڀاري پيڙ ٿيڻ واري آهي. ڏيم جي

ٿي اهڙي ديش ۾ گهڻي توراڻيءَ واري جالي ۾ ليکجڻ لڳا ۽
اهو سڀ فقط هزار ٻارهان سؤ سالن ۾ ٿي ويو! ٻئي مهاڀاري
لڙائيءَ کان ڪجهه سال اڳ، ٿي سنڌ جو ماحول ڪافي بگڙجي
ويو هو. فرقيپرست ملان ۽ مولوي مسلمانن جي دلين ۾ هندن جي
خلاف زهر ڀري رهيا هئا. سکر جي منزل گاهه ۾ پهرين فرقيوار
فساد ٿي چڪا هئا. هندن کي اسلام ۾ آڻڻ جي لهرڪ زور شور
سان چالو هئي.

رهڙڪيءَ جي پرسان پرچونديءَ جو ڳوٺ آهي. پرچونديءَ
جو پير هندن کي اسلام ۾ آڻڻ جي لهرڪ جو باني هو. هن
جي زهريلي لڪچرن سبب هندن لاءِ پنهنجي جان، مال ۽ عزت
بچائڻ هڪ وڏو مشڪل مسئلو ٿي پيو.

انگريز جن کي سکر ماڻهن جي جان ۽ عدل چاهي انصاف
جي مورتي سمجهيو ويندو آهي انهن جا افعال اهي ها جو
هندن کي بچاءُ ڏيڻ لڳ، در ڪنار اُلٽو مسلمانن کي پيا چرچون
ڏيندا ها ۽ همٿائيندا ها! نتيجو اهو نڪتو جو پرچونديءَ جي
پير ۽ هن جي مريدن جي ٻيگهي مچي وئي. هندو استرين ۽
ڇوڪرين سان ڇيڙڇاڙ ڪرڻ جا ڪئين واقعا ٿيڻ لڳا. سکر ۾
پرچونديءَ جي پير جي پٽ هڪ هندو ڪنيا سان ڇيڙڇاڙ ڪئي.
بروقت سکر جي غيرتمند نوجوانن هن کي مار ڏئي سبق سيکاريو.
بس، انهيءَ گهٽنا ٿي خلل ٻاريو ۽ معرڪو مچايو.

پرچونديءَ جو پير لهي ڳاڙهو لال ٿي ويو. هن پنهنجي مريدن
کي گهرائي تقرير ڪئي...... (ڪٽ)

درشيه-١٧ پرچوندي جي پير جي گهر جو اڱڻ (ٻاهر) رات

(ڪئميرا ڪلوز پرچونديءَ جي پير جي چهري تي. مڇون
ڪنڊيل، چاپئين ڏاڙهي جنهن تي مهندي لڳل. اکيون لال، جن
مان الا پيا نڪرن. مٿي تي اڇي رنگ جو پٽڪو جنهن جي

سگهندو. سڪڻ، سڙ ڏيڻ ۽ لڪڻ-اهي ئي نشانيون آهن سچي سنت جون.

سومارام: ٽن ڀاڱن آهن انهن جا جن کي سچن سنتن جا درشن ٿيا ٿين. سنتن جو درشن يعني برهم جو درشن.

ڪنور: ابا، ڪلوڪال ۾ سچا سنت ملڻ ئي مشڪل آهن. اڄ دنيا ٿي ويئي آهي دوزخ-باهه جو ڀڀڪو. نه رهيو آهي ڌرم، نه ڪرم ۽ نه مرم شرم. هرڪو ٿي ويو آهي ڪلوڪال جو غلام....
ابا سومارام، هاڻي سڀو اهڙو نه ڀاري ڀٽيو آهي جو هن سنسار مان نڀي ڏيڻ ئي چڱي آهي.

سومارام: سائين، توهان اهڙا وچن ڪيئن ٿا فرمايو؟ توهان جي اڳيان ڪيو نه پوءِ هيءُ سنسار ڪنهن جي آسري هلندو؟

ڪنور: ابا، دل ڇو ٿو لاهين؟ سڀ جو رکو رکڻهار ديناناٿ ڪنهن کي ڇڏڻ وارو ڪونهي.

سومارام: پر سائين، اسان جا نه رکا رکڻهار توهان ئي آهيو. اسان نه توهان جي ئي آسري تي ٿا نڀون.

ڪنور: ابا، هٿن سان هاج ڪر، دل سان نام ڏياءِ، ڀڳهو جي پوڙهي مون، ڪجهه ڀڳتي جي منهن ڀاءِ، ڀڄي سائنگ رساءِ، نه خوش هوندين خانو ڇوي!

(ڀڄي ڪجهه پل چپچاپ هلندا رهن ٿا.)

ڪنور: سوري جنين سيج، مرڻ تن مشاهدو.

(ڪئميرا ڪنور جي گنڀير چهري تي. ڪلوز-اپ.)

.... (فيڊ آئوٽ)

فيڊ-ان

درشيه-١۴

سوترڌار: سن ٧١٢ع کان اڳ سنڌ ۾ هڪ به مسلمان نه رهندو هو. پنهنجين گنڀير غلطين ۽ لاپرواهين جي ڪري هندو پنهنجي

مريد: آمين! آمين!
(الله اڪبر جا فلڪ شگاف نعرا. ڪئميرا مريدن جي جنون سان ڀريل ماحول کي ڪوَر ڪري رهي آهي. پير ۽ وڏيرا مرڪي رهيا آهن.) (ڪٽ)

... ...

درشيه -١٨
سوتر ڌار: پرچونديءَ جي پير ان طرح ڀڙڪائيندڙ ۽ زهريلين تقريرون ڪري سخت ڪئور رام جا خوني تيار ڪيا. ان ڪان سواءِ زهريلن لفظن سان ڀريل، خون جي ڏمڪيءَ جو هڪ خط به ڀڳت صاحب ڏانهن موڪليو ويو.
پرچونديءَ جي پير ان ديوتا کي خون ڪرائڻ تي چاهيو جيڪو ڪنهن جي هٿئين ڪنئينءَ ۾ هوندو ئي ڪو نه هو. جيڪو هندن ڪان هزارين روپيا وٺي گهڻو ڪري مسلمانن ۾ ئي ورهائيندو هو، جنهن جي نظر ۾ ڌرم، مذهب ۽ ذات پات جو ڪوئي ڀيد ئي ڪو نه هو ۽ جيڪو هميشه ڀاڱ کي سيني جو بندو ۽ داس ڪوٺائيندو هو. ڪئور غريبن جو يار ۽ هيڻن جو همراه هو. هو نماڻو، نهٺو، فقيرن درويش هو. هو ايائي گهرن جو خئو گهرندڙ هو. ڪئور زندگيءَ ڀر من وچن ڪرم سان هندو - مسلم - ايڪتا جو پرچار ڪيو. (ڪٽ)
درشيه - ١٩ رهڙڪي ۾ دربار جي ڀرسان اوطاق (اندر) ڏينهن (ڪئميرا ڪلوز ڪئور جي چهري تي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسين ڏسون ٿا ته ڪئوَر اوطاق ۾ ويٺو آهي. اوطاق مستطيل آهي. هڪ پاسي کان ديوار تائين تلهو نهيل آهي جنهن تي فراسيون وڇايل آهن. ڪئور تلهي تي ويٺو آهي. سندس ڀرسان ڪجهه ڀڳت ويٺا آهن. انهن مان ڪن کي ڌوتي ۽ ڪرتو پيل آهي ته ڪن کي قميض ۽

ڪلنگي خوب مٿي ڪڍيل ۽ پٽڪي جو پڇڙ پٺيان لٽڪندڙ. ڪئميرا جي پل ٻٽڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا تہ پرچوبنديءَ جو پير جنهنجي عمر پنجاهه ڪن سالن کان بہ مٿي آهي، مسند تي ويٺو آهي. هن کي بدن تي اڇي قميض ۽ اڇي وڏي سلوار پيٺي آهي. هن جي پاسي ۾ مسند تي ٻہ ٽي وڏيرا بہ ويٺا آهن. انهن جو لباس بہ تقريبا ساڳيو ئي آهي پر هنن جي مٿي تي پيل پٽڪي جي ڪلاه تہ جي برابر آهي. هڪ جي مٿي تي جناح ٽوپي بہ پيٺي آهي. ڪئميرا جي اڳيان بہ وڏيڪ پونٽي هٽڻ تي اسين ڏسون ٿا تہ اڳڻ ۾ پٽ تي ڪيترا ئي جوان مرد مريد ويٺا آهن جيڪي سڀ هٿيارن سان آهن. ڪن جي هٿ ۾ تلوار آهي تہ ڪن جي هٿ ۾ لوڙهہ يا لٺ. ڪنهن ڪنهن وٽ بندوق بہ آهي. هنن جا چهرا خطرناڪ خوني جهڙا آهن. غليظ، گندا، ناپاڪ، خوفناڪ ۽ دهشت وارا! هو بنا سوچ جي بلڪل ٿڌي دماغ سان خون ڪري سگهڻ جي لائق آهن.

پير: (خوفناڪ لهجي ۾) الله جا بندو....

مريد: (گڏيل آواز ۾) الله و اڪبر-الله و اڪبر....

پير: سڪر جي ڪافرن، توهان الله جي پيارن بندن جي پير جي پٽ سان ناقابل معافي گستاخي ڪئي آهي. هن تي هٿ هلايا آهن. تنهنڪري ان جو بدلو وٺڻو ئي آهي. خون جو جواب خون.

مريد: (هڪ آواز ۾) خون جواب خون!

خون جو بدلو خون! حق! حق!

پير: ان جو بدلو هندن جي ڪنهن پير کان وٺڻو آهي.

مريد: وٺنداسين! مور تہ هڻنداسين!

پير: جيڪو هندن جي پير کي خون ڪندو تنهنکي هڪ سؤ حجن جو ثواب ملندو.

واہ تھڙي ڏجي پٽ. ڏھن پاتشاھين مان پھرين پنجن پاتشاھين، گرو نانڪ کان گرو ارجن تائين پاڻ وٽ ڪو بہ ھٿيار نہ رکيو ھو پوءِ وقت جي حالتن کي ڏسي ڇھين پاتشاھي گرو ھرگوبندسنگھ پاڻ ھٿيار ڌارڻ ڪيا. ڏھين پاتشاھي گرو گوبندسنگھ صاحب تہ ھٿيارن جو اُپيوگ بہ ڪيو ۽ مغلن سان ڇڪرون ڪاڏيون. ان ڪري سائين، ھٿيار رکڻ ڪوئي غلط ڪم ڪونہ آھي.

چوٿون پنچ: سائين ھٿيار خريدڻ، سنڀالڻ ۽ رکڻ وارا بيا ٿيندا. توھان کي ڪنھن بہ قسم جي تڪليف ڪونہ ڏني ويندي. اسان جي فقط اِھا وينتي آھي تہ توھان آگيا ڪريو.

(ڪنور ڪجھ دير چپ ٿو رھي پوءِ بيدليو آگيا ڏئي ٿو.)

ڪنور: چڱو اَبا، جيڪا توھان جي اِڇا...

پنجون پنچ: سائين، توھان آگيا ڏيئي اسان جي دل جو بوجھو ھلڪو ڪري ڇڏيو. ھاڻي توھان جيڏانھن بہ ويندؤ بہ يا ٽي ڄڻا بندوقن سان توھان سان گڏ ھلندا. ھاڻي اسين نشچنت ٿياسين.

ڪنور: (کلندي) ۽ اسان بنا ڏوھ جي قيدي ٿي وياسين.

(سڀ کلن ٿا. کلڻ ھلڪو ۽ فھميدو آھي)

ھڪ پنچ سائين، جي برو نہ مڃيو تہ ھڪ عرض ڪريان ...

ڪنور: چؤ اَبا، غلام ڪنور ڪنھن ڳالھ جو سچي ۾ بہ برو نہ مڃيندو. اَبا، نرڀئہ ٿي چؤ...

ھڪ پنچ: سائين، منھنجو خيال آھي تہ چونہ اسان پرچونديءَ جي پير وٽ لنگھي ھلون ۽ معاملو ٺيڪ ڪري اچون. توھان کي گھر آيل ڏسي ضرور ھن جي دل ۾ ڦيرو اچي ويندو ۽ ھو آئينده اسان سان پريم ۽ ڀائيپيءَ جو رستو رکندو.

(ڪئميرا ڪنور جي چھري تي. ھن جي منھن مان ائين

پتلون. ڪن جي مٿي تي جريءَ لڳل گول ٽوپي پيئي آهي ۽ ڪن کي پٽڪا بدل آهن. ڪن جو مٿو اُگهاڙو آهي. ٽلهي جي سامهون بچيل جڳهه تي هيٺ پٽ ۾ ڪجهه ڳوٺيون وڇايون پيون آهن جن تي ڪي شيواداري وينا آهن. شيوادارين جي بدن تي ڌوتي ۽ گنجي پيل آهي. ڪن جي ڪلهي تي انگوڇو به آهي.)

هڪ پنچ: سوامي جي، هاڻي ته مسلمانن جو من ڏاڍو وڌي ويو آهي. پرچوندڙيءَ جي پير ته حد ڪري ڇڏي آهي. خون جو خط! هي ڀڳوان! انسان ڪٿي وڃي پهتو آهي!

ٻيو پنچ: جيئن ئي اسان کي خبر پيئي ته توهان وٽ خون جي ٽمڪيءَ جو خط آيو آهي ته سڪر ضلع جون هندو پنچايتون ڪنبيون ٿيون ۽ اها راءِ بيٺي ته توهان جي بچاءَ جو پورو پورو بندوبست ڪرڻ گهرجي.

ڪنور: اَبا، توهان ڇو ٿا پريشان ٿيو. رب راکو ٿيندو ته ڪوئي ڇا ڪري سگهندو.

ٽيون پنچ: سائين، سمو نازڪ آهي. توهان جي بچاءَ لاءِ هٿيار رکڻ تمام ضروري ٿي پيو آهي. توهان آگيا ڏيو ته ڪليڪٽر کان بندوق رکڻ جي منظوري وٺي ڇڏجي.

ڪنور: پيارا، هن کان اڳ بندوق ته ڇڏيو اسان لڪڻ به پاڻ وٽ ڪونه رکيو آهي. هٿيار رکڻ، بندوقون رکڻ اميرن ۽ شاهوڪارن جا شغل آهن. اسان غريب گرهستي ماڻهو بندوقون رکي ڇا ڪنداسين؟

(ڪئميرا سنت ستر امداس جي پائنتي پاسي روڙهارام تي. هن کي ڏاڙهي مڇون آهن ۽ مٿي تي پٽڪو بدل اٿس. هو ڪنور جي پاسي ۾ ئي وينو آهي.)

روڙهارام: سائين، سمو ڏسي سڌانت بدلبا آهن. جهڙو هجي

ساڌن جي پنيان؟ بيلي، هاڻي اسان ٻڌيا آهيون چورا هاڻي هن دنيا ۾ وڌيڪ رهڻ چڱو نه آهي.

(کنور رکجي مرکي سيتلداس ڏانهن نهاري ٿو. سيتلداس وائڙن وانگر کنور ڏانهن نهاري رهيو آهي.) (فيڊ آئوٽ)

فيڊ - اِن

درشيه- ٢١ ميدان - آسمان (ٻاهر) ڏينهن

(ڪئميرا هڪ وڻ کي ڪوَر ڪري رهي آهي. ميڊيم شاٽ. وڻ سرسبز آهي ۽ ٽارين تي ڪيترائي پکي ويٺا آهن. او چتو بندوق جي ٺڪاءَ جو آواز اوورلئپ ٿو ڪري. پکي اُڏامن ٿا. پکين جا آواز. اُڏامڻ جا آواز. چيخون. هلڪو هلڪو رودن. دور کان ٽرين جي وسل جو آواز اوورلئپ ٿو ڪري. پکي اُڏامي رهيا آهن. اُڏامي رهيا آهن ۽ ماحول ۾ ماتم ڇانيو پيو آهي. بئڪ گرائونڊ ۾ مرداڻي آواز ۾ ڪوي پهلاج جو ڏوهيڙو درديلي آواز ۾ ڳايو ٿو وڃي.)

ڏوهيڙو: پکي هليا پرديس ڏي، واپس ڪين ورن،
موٽي پنهنجي ماڳ جو، وري چڙو ڪين چگن،
عمر اُنهن جي ايتري، اَج لکي لاهوتين،
رهيو رهندا ڪونه ڪو، ڪين ساٿي سڏ ڪرن،
اُهي موٽيو نا موٽن، پرديسي پهلاج چوي!
(ڪئميرا اُڏامندڙ پکين کي ڪوَر ڪري رهي آهي)
(ڪٽ)

درشيه - ٢٢

پردي تي لکجي ٿو وڃي:
سنبت : ١٠ ڪتي ١٩٩٦
سن : ٢٥ آڪٽوبر ١٩٣٩،
وسپتوار، ڄروارن. (ڪٽ)

ٿو لڳي ڄڻ ڪيس خبر آهي ته اهو رستو ڪارگر نه ٿيندو.
ڪنور جي منهن تي هلڪي مرڪ آهي.)

ڪنور: (جذباتي آواز ۾) ڪنور سڀ ڄاڻو آهي، پنهنجي سنگروءَ ڪي! ڪنور آهي ڪٿي جو هلي! ڪنور سنگروءَ جي ڏر ڪان سواءِ ٻيو وڃي ئي ڪيڏانهن سگهندو؟

(پنهنجي ٻيا وينل ماڻهو سر جهڪائن ٿا)

ڪنور: مان پنهنجي سنگروءَ جي ٻانهن ڇڏي ٻئي ڪنهن جي ڏر تي وڃڻ وارو نه آهيان. سر رهي يا لهي غلام ڪنور نه اول ئي مٿو پيو آهي.

بانهه جنان دي پڪڙئي سر ديجئي بانهه نه ڇوڙئي،
گر تيغ بهادر بوليا، ڌرت پڙئي ڌرم نه ڇوڙئي!

(ڪئميرا ڪنور جي مرڪندڙ چهري تي هن جون اکيون دور دور ڄڻ ڪوئي خواب ڏسي رهيون آهن.)

(بدلجو)

درشيه -٢٠ ڪچو رستو (ٻاهر) ڏينهن

(ميڊيم شاٽ. ڪنور ڪچي رستي تان ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي. ساڻس سيتلداس هٿ ۾ بندوق کڻي هن جي پٺيان پٺيان وڏيون وڏيون وِکون پٽيندو وڃي رهيو آهي. ڪنور جي رفتار به تيز آهي.

سيتلداس: (سهڪندي) سائين، ڪجهه ڌيري هلو، ڌيري هلو.

ڪنور: ابا، لڳو شڪار وڃي رهيا آهيان. توهان اينئو پريشان ڇو ٿيا آهيو؟

سيتلداس: سائين، سمو ڏاڍو خراب آهي- گهڙيءَ گهڙيءَ جو خطرو ٿو گهرجي- پل جو به ڀروسو ڪونهي.

ڪنور: ابا، سچ ٿا چئو. سمو برابر ڏاڍو خراب اچي ويو آهي. ير ڀائي سيتل! بندوقون ڇورن جي پٺيان ڪٽبيون آهن سا

رهيو آهي. الائي ڇو اڄ دل پئي چاهي ته گهر جي هرهڪ
ياتيءَ سان پريم سان موڪلايان...

(ان وقت ڪمري ۾ ڪنور جو پٽ پيشورام جنهنجي عمر
اٽڪل ٻاويهه ڪن سال آهي داخل ٿئي ٿو. هن جي بدن تي
اڇو ڪڙتو ۽ اڇي فردني پيل آهي. مٿو اُگهاڙو اٿس.)

ڪنور: ... اڄ ٻچا پيشو، ويجهو اچ...

(پيشورام جي ويجهو اچڻ تي ڪنور هن جي منهن ڏانهن
ڪجهه دير پيار سان نهاريندو ٿو رهي، پوءِ ڪٺي ٿو ڀاڪر ۾ پريس.
پيشورام جي چهري تي عجب آهي ۽ ڪنور جي هڪ اک جي
ڪنڊ ڪجهه آلي محسوس ڪجي ٿي.)

ڪنور: ابا پيشو، سدائين جڙيو رهجدين. ڪڏهن ڪوسو واءُ
نه لڳندءِ...   (بزالو)

ڊزشير-٢٤   جروان ۾ ڊرم پونگيءَ ٻاهران رستو (ٻاهر)   ڏينهن

(ڪئميرا رستي تي بيٺل هڪ ٽانگي کي ڪور ڪري رهي
آهي. ميڊيم شاٽ. ڪنور ٽانگي ۾ چڙهي رهيو آهي. اوچتو
سدس ياءُ جاڙارام اچي ڪيس مٿو ٿو ٽيڪي. ڪنور جاڙارام کي
هٿ کان پڪڙي، اُٿاري، گلي ٿو لڳائيس.)

ڪنور: ياءُ جاڙارام، گهر ۾ سڀني کان موڪلايم، هڪ تون ئي
نظر ڪونه آئين. پرماتما تو سان به ملايو، واه غلام ڪنور جا
ڀاڳ!

(ڪنور جي اکين ۾ جل ڀرجي ٿو اچي. جاڙارام کي عجب
لڳي رهيو آهي. ٽانگي وارو عجب مان هنن ٻن ڀائرن جي
موڪلاڻيءَ کي ڏسي رهيو آهي.)

جاڙارام: سائين، توهان جي اکين ۾ پاڻي! اڄهو ٿا وري پاڻ
۾ ملون.

ڪنور: ادا جاڙارام، ڪنهڪي ڪل ته ٻيهر ملڻ ڪب هوءِ!

درشيه-٢٣ جروان ۾ ڪنوَر جي گهر جو ڪمرو (اندر) ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز ڪنوَر جي هڪ شيواداريءَ جي ڇهري تي. ڏاڙهي ميڙون اڇون ڇهرو اٽيوءِ ڪردرو. مٿي تي انگوچو لپيٽيل جنهن ۾ وري ٻه- چار مور جا کمپ ٽنبيل. اهو مست ملنگ ڪنوَر جو شيواداري ڪنوَر سان ڳالهائي رهيو آهي.)

ملنگ: سائين، پنهنجن پريمين ۽ ششن- سيتن جي ويتي ميڙو مانجهدن ڏانهن نه وڃو. حالتون بيحد خراب آهن.

(ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ته اسان ڏسون ٿا ته ڪنوَر ڪمري ۾ پيل واڻ جي کٽ جي پرسان بيٺو آهي ۽ پنهنجن ڪپڙن کي تهه ڪري هڪ پاسي رکي رهيو آهي. ڪمرو سادو آهي، سجاوٽ بلڪل ڪونه آهي. کٽ کانسواءِ هيڏانهن هوڏانهن ٽي چار مٽون ٻه پيون آهن ۽ فرش تي فراسي ٻه وڇايل آهي. مٽن تي ڪجهه ماڻهو ويٺا آهن، فراسي خالي آهي.)

ڪنوَر: اَبا، ڪتيءَ جو مهنو آهي. سوامي گوبند داس ۽ سوامي ديويداس جي ورسين تي پڄڻ ڪرڻو آهي. وڃڻ ڏنو آهي. مانجهدن ته هر حالت ۾ وڃڻو ئي پوندو.

هڪ ماڻهو: سائين، هن سال نه ويندؤ ته ڇا ٿيندو؟ ٻئي سال ڪٽي ضرور وڃجو.

ڪنوَر: اَبا، جي ڊڄبو ته دنيا ۾ رهي نه سگهبو. جڏهن ڪال سر تي سدائين سوار آهي ته پوءِ ڊپ ڇاجو؟

ٻيو ماڻهو: سائين، جيءُ آهي ته جهان آهي.

ڪنوَر: ابا، جي جان ايڏي مهانگي آهي ته موت ٻه ڪو سستو ڪونهي ۽ وري وڃڻ جو ته ڪو ملهه ئي ڪونهي. پراڻ جاءِ پر وچن نه جائي. پراڻن جي موهه ۾ ڦاسي موت کان ڏڪان ۽ وچن پڃان، غلام ڪنوَر کان اهڙو ڪڏو ڪم نه ٿيندو... ابا، لڳي ٿو غلام ڪنوَر ٽي موهه جو منتر ڪجهه اثر ڪري

(ڪنور ڏيري پوڄن ڪري رهيو آهي. هو ڪافي گنڀير آهي. اکين ۾ اُداسائي ۽ ويراني پيل اٿس. ان وقت هڪ شيواداري اندر اچي ٿو.)

شيواداري: (ڪنوَر جي پرسان اچي) سائين، سڀ ٽانگا تيار بيٺا آهن.

ڪنور: (ڪوهيل آواز ۾) آبا، اسان به تيار ويٺا آهيون.

(ڪنوَر جي هٿ جي گراهي هيٺ ڪري ٿي پوي)

چوڏون: سائين چوڪارام...

ڪنور: (هٿ کڻي) بس آبا، غلام ڪنوَر جو آن جل پورو ٿيو.

(شيواداري عجب سان ڪنوَر ڏانهن نهاري ٿو) (ڪٽ)

درشيہ-٢٦ رستو (ٻاهر) مسجهند

(ميڊيم شاٽ. رستي تي ٽانگا بيٺا آهن. ڪئميرا ڪجهه وڌيڪ پوئتي هٽي ٿي ته اسين ڏسون ٿا ته ڪچي رستي تي هڪ ٻئي جي پٺيان ڏه-ٻارنهن کن ٽانگا بيٺا آهن. ٽانگيوارا هيٺ ويهي سوارين جو انتظار ڪري رهيا آهن.)

هڪ: اڃا گهڻي دير لڳندي؟ ٽيم به اچي پيو آهي.

ٻيو: سنت ماني کائي رهيا آهن.

ڏيون: وڏا بختاور ٻندا آهن اِهي. نه محنت نه مزوري ۽ کائڻ لاءِ لذيذ طعام!

چوڏون: ڪنور به پاڻ سان پوري فوڄ ٿو کڻي گهمي فوڄ.

ٻنڊون: (کلندي) انڌن، منڊن، لنگڙن، لولن، ڪاڻن ۽ محتاجن جي فوڄ.

ڇهون: ڪنور جا فوڄي خون ته ڪونه ٿا وهائن. اُلٽو عام ڪي سنئين راهه ٿا ٻڌائن ۽ ڪتا ڪيرتن ڪري من جي موڄ ڏين.

ستون: چوين ته ساڄي هٿ جي وچين ۽ آڱر سان ڪابي اک ڪڍي ڪنور جي فوڄ ۾ ڀرتي ڪرائي ڇڏيانءِ.

جاڙارام: سائين، اڄ ھي توھان ڇا چئي رھيا آھيو؟

ڪنور: غلام ڪنور جي کھڙي سگھ جو ٻولي! انــدر مان ٻولي ٿو ٻولڻھار، سارو وس جو راکو راکڻھار!

(ڪنور ھٿ جــوڙي آس پاس بيٺل مٺن، مائٽن، ششن، پريمين ۽ شيوادارين کان موڪلائي ٽانگي ۾ چڙھي ٿو. ڪيترن جي اکين ۾ ازخود پاڻي اچي ٿو وڃي ۽ اُھي اکيون اُگھن ٿا. ڪنور ٽانگي مان ھڪ دفعو وري سيني ڏانھن نھاريٿو ۽ ھٿ جوڙي موڪلائي ٿو).

ڪنور: (ٽانگي واري کي) ھل ابا، رھڙڪيءَ ڏانھن ھــل!

(ٽانگي وارو گھوڙي کي ڇھبوڪ ھڻي ٿو. ٽانگو ھلي ٿو. ڪئميرا دور ويندڙ ٽانگي کي جاڙارام جي درشٽي ڪوڻ کان ڪوَر ڪري رھي آھي. ٽانگو دور ٿيندو ٿو وڃي- دور ٿيندو ٿو وڃي. جاڙارام ڪپڙي ٽڪر سان اکيون ٿو اُگھي.)

(ڪٽ)

درشيھ-٢٥ رھڙڪي ۾ دربار جي پرسان وارو احاطو (اندر) منجھند

(فل شاٽ. ڪنور ۽ ھن سان گڏ ويندڙ ساڌ- سنت، ساٿي- سنگي ۽ پريمي شيواداري سڀ ملي منجھند جو ڀوڄن ورتائي رھيا آھن. سڀ احاطي ۾ پٽ تي ويھي ڀوڄــن ڪري رھيا آھن. ھرھڪ جي اڳيان پاتل ۾ رام- پيالي (مٽيءَ جو ڪٽورو) پيئي آھي. پاتل جي اڳيان پاڻيءَ جو گلاس به رکيل آھـــي. ڪيترائي شيواداري ھٿن ۾ بالٽيون ۽ ٿالھ کڻي ڀوڄن ڪندڙن جي پاتلن ۾ گھربل شيون رکندا ٿا وڃن.)

ھڪ: ڦلڪارام- ڦلڪارام- وٺو سائين وٺو.

سنت: بس بابا بس. ڏيو ٻي ويو.

ٻيو: چولارام- چولارام-

ٽيون: ڀاڄيرام- ڀاڄيرام-

کنور: اَبا، مان ڏيوري صاحب تي مٿو ٽيڪڻ لاءِ وڃان ٿو. مٿو ٽيڪي اچهو ٿي اچان.

ٻرڀدارام: سائين، اڃا هاڻي ته اسان سڀ ڏيوري صاحب تي مٿو ٽيڪي اچي رهيا آهيون. توهان به ته ڏيوري صاحب تي مٿو ٽيڪي آيا آهيو!

کنور: مون کي وري مٿو ٽيڪڻو آهي.

(کنور هڪ طرف وڌي ٿو وڃي. اتي ’ابيڏل‘ سڀ ماڻهو واٽن وانگر هڪ ٻئي ڏانهن نهاري رهيا آهن. ڪئميرا ٽانگن جي ڦيٿن کي ڪوَر ٿي ڪري. گهوڙن جي هڪڪار اوورلئپ ڪري ٿي.)

داسن: (کيسي مان وڏي گول واچ ڪڍي، ڏسندي) سادا ٽي ته ٿي به ويا. هيءَ ريل گاڏي ته وئي.

هڪ سنت: ڪوئي ڏيوري صاحب تي وڃي ڏسي ته سائينجن دير ڇو ڪئي آهي.

داسن: مان ٿو وڃان. هونئن به سائين کنوررام کي وٺڻ لاءِ مان ئي مانجهندن مان آيو آهيان سو اها جوابداري به منهنجي ئي آهي.

(داسن ڏيوري صاحب ڏانهن وڃي ٿو. ڪئميرا اُتي انتظار ڪندڙ ماڻهن کي ڪوَر ڪري ٿي.)

(ڪٽ)

درشيه-٢٧ ڏيوري صاحب (اندر) منجهند

(ڪئميرا ڪلوز کنور جي جهڪيل جهري تي. ڪئميرا جي پل ٻئي ڪرڻ تي اسين ڏسون ٿا ته کنور جو ڪنڌ سائين ستراماداس جي ڏيوري صاحب (سماڌي) تي ڪريو پيو آهي. کنور بنا آواز جي گونگا ڳوڙها ڳاڙي رهيو آهي. پنهنجي سنگروءَ جي سماڌيءَ تي! او چتو هو سماڌيءَ جي سر جهي

اڌون: هٽي گهو ٻاٽو پيچان ۽ گوڏو؟
ڇهون: اَبا، اسان ٽياسين جٽ - جٽن جا اهڙا نصيب ڪٿي جو ڪنور سائينءَ جي قربت ملي!
ڏيون: پليل آهيون رجب. ڪنور جي اڳيان هندو مسلم چاهي واٽٽي جٽ جو ڪو ڀيد ئي ڪو نه آهي.
پهو: سچ ٿو چوين اَبا! منهنجيءَ نياڻيءَ جي نڪاح ۾ پورن پنجن سون جي مدد ڪيائين! ڪنور سائينءَ جي مهر جو مينهن هر ڪنهن تي ۽ هر مند ۾ پيو وسندو رهندو آهي.
ڏاڏون: ڪنور سائين نه هجي ته سڄيءَ سنڌ ۾ اسان مسڪين مومن کي ڪوئي پڇي به ڪو نه!
ڏهون: ڌڻي شل ڪنور سائينءَ کي لمبي عمر بخشيندو! اسان هيڻن جو همراه ۽ نماڻن جو آڌار شل صديون جيئندو!

(ان وقت ڪنور پنهنجن سنگين ساٿين سان گڏ ٻاهر اچي ٿو. هن جي پنيان ڪيترائي ساڌو، سنت، پريمي ۽ شيوادار ٻاهر اچي ڪنا ٿيا آهن. رستي تي جڻ ميلو مچي ٿو وڃي. ڪنور ڪيترن سان ئي گلي ملي موڪلائي ٿو. سڀ خاموش آهن پر هر ڪنهن جو هردو جڻ طوفانن سان ڀريو پيو آهي. ماحول ۾ عجيب غمگيني آهي. ڪجهه ئي دير ۾ ڪنور سوڌو سندس سڀ ساٿي ٽانگن ۾ سوار ٿي ٿا وڃن.)

ٽانگو وارو: هلون سائين ڏهرڪيءَ ڏانهن؟ آهي آگيا؟
هڪ ساٿي: هل بابا هل - اول ئي دير ٿي وئي آهي.
ڪنور: (گمڀير آواز ۾) اَبا، ترس!

(سڀ عجب مان ڪنور ڏانهن نهارن ٿا. ڪنور ٽانگي مان هيٺ لهي ٿو.)

ساٿي: سائين، ٽيم تنگ آهي. هينئر ٽي وڳا آهن. ريل گاڏي ساڍي ڏهين ٻجي ڇٽندي آهي توهان هاڻي ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو؟

زبان تي ڪونہ آنديٰ. سوچيوسين جيڪو سائينءَ کي وڻندو سوئي ڪندو.

ناراچند: سائين، توهان ڪامل سنت ۽ رندي درويش آهيو. توهان جي اڇا ۾ پربل شڪتي آهي. توهان مون سان پلي ڪجهہ نہ چئو پر ٿيندو اُهوئي جيڪو توهان چاهيو ٿا.

(ڪئميرا سنت ستراماداس جي مرڪندڙ ۽ تيجسوي چهري تي.)

فليش بئڪ ختم. (ڪٽ)

درشيہ -٢٩ ڏيوري صاحب (اندر) منجهند

(ماحول درشيہ ٢٧ جهڙو. ڪنور جو سر سماڌيءَ تي جهڪيو پيو آهي. اکين ۾ پاڻي اٿس.

ڪئميرا سماڌيءَ جي دروازي تي. دروازو ٻاهران آواز جي ڏيري ڏيري ٺورو کلي ٿو ۽ داسن اندر ليئو پائي ٿو. ڪنور جي حالت ڏسي هن کي عجب لڳيٿو. داسن همٿ رکي دروازو ڪجهہ آواز سان کولي ٿو. آواز تي ڪنور جي نظرا ٺٺي تي دروازي طرف نهاريٿو. داسن سڄو دروازو کولي سماڌيءَ ۾ اندر اچي ٿو. ڪنور انگوڇي سان اکيون اُگهي ٿو.)

داسن: بابا سائين، توهان دير ڪئي سو مونکي ڏسڻ لاءِ موڪليائون. گاڏي نہ ڇٽي وئي هوندي.

ڪنور: پائي داسن! اسان کي هت ڇڏي گاڏي ڪيئن ويندي؟ تون چنتا نہ ڪر. گاڏيءَ تي هلي پهچنداسين.

داسن: (هٿ جوڙي) سائين هن پيري توهان جي نيڻن مان نير وهي رهيو آهي. ان جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟

ڪنور: پيارا، اڄ اسان جي پرديس ڏانهن تياري آهي. آخرين موڪلائي ڪري رهيا آهيون. سونيڻن ۾ بہ چار بوندون اچي ويون.

داسن: سائين پرديس ڪهڙو؟

ٿو ۽ منهن مان هڪ ٻه سڏڪو نڪري ٿو وڃيس. ڪئميرا ڪنور جي آلين اکين تي چارج ڪئي ٿي وڃي. فليش بئڪ شروع) (ڪٽ)

درشيہ—٢٨ رهڙڪي دربار (اندر) ڏينهن

(فليش بئڪ. ڪئميرا ڏهن ڪن سالن جي عمر واري بالڪ ڪنور جي چهري تان ٽرڪ بئڪ ڪري ٿي. اسين ڏسون ٿا ته بالڪ ڪنور سان گڏ هن جو پتا تاراچند ٻه آهي. پنهنجي ڪمري ۾ سنت ستر امداس غاليچي پيل مسند تي ويٺو آهي. پنهنجي ڪان طول وهاڻو پيو اٿس. هو حشمت وارو ۽ تيجسوي پهنل سنت لڳي رهيو آهي. بدن تي ڪڙتو ۽ ڌوتي پيل اٿس ۽ مٿي تي خاص قسم جي اڇي رنگ جي پڳڙي. ڏاڙهي ۽ مڇون هن جي دهشت ۽ رعب ڪي وڌائي رهيا آهن. اکين ۾ بيحد ڪشش اٿس.

تاراچند سوامي ستر امداس کي مٿو ٽيڪي ٿو ۽ بالڪ ڪنور کي هن جي چرڻن ۾ وهاري ٿو. ستر امداس ٻنهي ٻچن جي مٿي تي آسيس جو هٿ رکيٿو.)

تاراچند: سائين! هي بالڪ ڪنور توهان جو آهي. اسان جي ته فقط اکين جو ڏيئو آهي. هيءَ توهان جي امانت آهي، توهان کي ڏيون ٿا. ڪرپا ڪري پنهنجي بالڪ کي گود ۾ وٺو.

(سنت ستر امداس بالڪ ڪنور کي پنهنجي پاسي ۾ وهاريٿو. تاراچند جو چهرو ٻهڪي ٿو. ڪنور پرسن آهي. ستر امداس جي منهن تي سنتوش پري مرڪ آهي.)

ستر امداس: هن بالڪ ٻه دفعا اسان جي من کي موهيو آهي. پهريون دفعو جڏهن ڪوسا ڪوهر ڪارائي ۽ ٻيو دفعو جڏهن ۾ ڀڄن ڳائي ڪري. هن بالڪ جي سڀاءَ جي نمرتا ۽ گلي جي مڌرتا اسان جي دل ۾ ڀيهي وڌي. ٻو اسان پنهنجي اڃا

پهرين مسافر: اسٽيشن ماسٽر صاحب، هيءَ گاڏي اڄوڪي ئي آهي نه؟

ٻيون مسافر: پاروٽي نه ڪونهي؟

(سڀ کلن ٿا. اسٽيشن ماسٽر به هنن جي ڪل ۾ سات ٿو ڏئي ۽ ٻاهر هليو ٿو وڃي. ان وقت ڪنور پيهرين ساٿين سميت سان گڏ اندر اچي ٿو. هن کي ڏسندي ئي اُٿي ويٺل مسافر اُٿي ٿا بيهن ۽ هنن مان ڪن جي منهن مان "اڙي! سائين ڪنور!" لفظ نڪري ٿا وڃن ۽ هو ڪنور کي پيري پون ٿا.)

هڪ مسافر: اسان به چئون ته انگريز سرڪار بهادر جي ريل گاڏي اڄ ليٽ ڇو ٿي!

ٻيو مسافر: سائين پاڻ سفر ڪرڻ وارا هجن ۽ گاڏي نڪري وڃي: ناممڪن.

(سڀ هيڏانهن هوڏانهن ويهجي ٿا وڃن. ڪنور آرام سان هڪ ڪرسيءَ تي وهي ٿو)

داسن سائين، توهان جي شڪتي اپرمپار آهي! ريل گاڏي ۽ ان جا هلائيندڙ سڀ توهان جي حڪم جي ڏور ۾ ٻڌل آهن.

چوٿون مسافر: گاڏي اڃا ٻه ڪلاڪ ڪن دير سان ايندي.

پنجون مسافر: هاڻي اچا ماسٽر چئي ويو آهي.

(ان وقت ڏهرڪيءَ جــو مشهور جيوتشي پنڊت مهراج کيمچند اندر داخل ٿئي ٿو. ڏوتي ۽ چوغو پيل اٿس. ڪاريون ۽ وڏيون مڇون. متو اُگهڙو. ٽلهي ۽ لمبي چوٽي لٽڪي رهي اٿس. هو سڌو اچي ڪنور جي اڳيان ٿو بيهي.)

ڪنور (اُٿي ڪجهه عجب مان) مهاراج کيمچند! توهان به ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو ڇا؟

(کيمچند جي چهري تي ملال آهي).

ڪنور: (ڳالهه بدلائي) اَبا، مانجهندن به اسان لاءِ پرديس آهي. دم تي ڪهڙو ڀروسو؟

(ڪئميرا ڪنور جي گنڀير ۽ رهسيه ميه چهري تي. داسن هن ڏانهن عجيب نظرن سان نهاري ٿو.) (ڪٽ)

درشيه-٣٠ ڏهرڪي اسٽيشن جو ويٽنگ روم (اندر) منجهند

(ڪئميرا ڪلوز اسٽيشن ماسٽر جي چهري تي. هو يونيفارم ۾ ملبوس آهي ۽ چهري تي وڏيون وڏيون رعبدار مڇون اٿس. ڏاڙهي ڪونه اٿس. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ته اسين ڏسون ٿا ته هو ڏهرڪي اسٽيشن جي ويٽنگ روم جي دروت بيٺو آهي. ڪئميرا هن جي پٺيان اسٽيشن جي ڪجهه حصي کي ڪوَر ڪري رهي آهي. سامهون واري پليٽفارم جو ڪجهه حصو ۽ ريل جا پٽا نظر اچي رهيا آهن. ڪجهه مسلمان ۽ هندو مسافر اچ وڃ ڪري رهيا آهن. ٻه-ٽي ڪولي به لنگهي ٿا وڃن. ويٽنگ روم ۾ ديوارن سان لڳل ڪجهه بئنچون پيون آهن. آس پاس ڪجهه ڪاٺ جون ڪرسيون ۽ هڪ ٻه ميز به پئي آهي. پنج ڇهه ماڻهو ويٺا آهن. ڪجهه سامان ٽڙيو پکڙيو پيو آهي.)

هڪ مسافر: ماسٽر سائين، گاڏي ايندي به يا نه؟

ٻيو مسافر: ذرا وقت ته ڏسو.

(ڪئميرا ديوار تي ٽنگيل لڏڪڻي واري گهڙيال تي. ان وقت پوڻا چار ٿيا آهن.)

اسٽيشن ماسٽر: صبر ڪريو، ذرا صبر ڪريو. گاڏي اڌ ڏيڍ ڪلاڪ کن دير سان ايندي.

ٽيون مسافر: يعني ڪل ڪلاڪ سوا ليٽ!

چوٿون مسافر: رب جا شڪرانا مڃ ته اڄوڪي گاڏي اڄ ئي ٿي اچي.

ڪري. ٻه زبانون نانگ کي تبديل ٿيندڙ آهن. هي شهر جي وچٽو آهي ته پلي وڃي ٻه اسان وچن جي پالڻا غرور ڪنداسين.

ٻيو ساڌ: سائين...

ڪئور: (ڪجهه سخت آواز ۾) ڪجهه به نه- جلدي ڪريو...

(سڀ ڪنڌ جهڪائي ويٽنگ روم کان ٻاهر نڪرن ٿا. ڪئميرا ڪين پنيان ڪور ڪري ٿي. ڪئور جو چهرو نروڪار آهي. گاڏي بيٺي آهي ۽ سڀ ان ۾ چڙهڻ جي ڪري رهيا آهن. ڪئور گاڏي ۾ چڙهي در وٽ بيهي ٿو ۽ هٿ جوڙي سڀني کان موڪلائي ٿو. گاڏيءَ جي وسل جو آواز ۽ ڇڪ ڇڪ ڇڪ ڪري گاڏيءَ جو چرڻ. آسمان ۾ ڦهلجندڙ ڪارو ڪارو دونهون.) (فيڊ آئوٽ)

فيڊ - ان

درشيه- ۱۳

سوتردار: (فقط آواز، چهرو نه. ڪئميرا دنيا جي گولي تان گهمندي. فوڪس سنڌ جي ايراضيءَ تي.)

بدنامي مشهوري آهي يا مشهوري بدنامي! يا تصور ۽ ڪلپنا وانگر اهي لفظ طلسم جي انهن تالن جيان آهن جن کي فقط ودوان ئي کولي سگهن ٿا! اهو مان توهان تي ٿو ڇڏيان.

سنڌ کي ڪن ستل ماتري ڪوٺيو آهي ته ڪن دکي ماتري! مان سمجهان ٿو سنڌ لاءِ موزون ۽ تز نالو ٿيندو "هڪ بدنصيب ماتري." ڪيترا نه ڏک سنا آهن ڌرتيءَ جي هن ڌيءَ! ڪيڏا نه ڪلنڪ لڳا آهن هن ويڳس تي! اڪيچار دفعا ڪپڙا لاهي ننگو ڪيو ويو آهي هن روپوان ۽ سرسبز سندريءَ کي وچ دربار ۾! وچ بزار ۾!

سنڌ جي سُرميءَ ڪٺڪٽيءَ کي ڪماتا ڪوٺيو ٿو وڃي! سنڌ جي مهارتي جئدرت کي ٻالڪ ايمبيوءَ جو هتيارو سڏيو

ڪنور: مهاراج! توهان دکي لڳي رهيا آهيو. غلام ڪنور لاءِ ڪائي آگيا؟

(ڪئميرا کيمچند جي چهري تي. هن جي اکين ۾ پاڻي آهي. ڪنور عجب مان هن ڏانهن نهاري ٿو.)

کيمچند: (هٿ جوڙي) ڀڳت صاحب، اڄ تائين مون توهان کي ڪوئي سوال ڪونه ڪيو آهي. اڄ مان توهان کان هڪ ڀيک پنڻ آيو آهيان. اُميد ته توهان منهنجي آس ضرور پوري ڪندا.

ڪنور: مهاراج، توهان ڪولي ٻڌايو.

کيمچند: سائين مون ٻڌو آهي ته توهان ڪٿي به ٻاهر نه ويندؤ. هي سڄو مهنو توهان کان ٻاهر وڃو. هي سڄو مهنو توهان مٿان گهاتڪ گرهه آهي. توهان مانجهندن ڏانهن پنهنجيءَ سنگيت جي ٽوليءَ کي پلي موڪليو پر مهرباني ڪري توهان پاڻ ٻاهر پير به نه ڪيو. منهنجيءَ هيءَ نماڻي وينتي سويڪار ڪريو.

ڪنور: (مرڪندي) بس مهاراج! اها ڳالهه آهي جنهن توهان کي ايڏو دکي ڪيو آهي؟ ستگروءَ جي آگيا ۽ آشيرواد سان هن وقت تائين رهجي آئي آهي جن جن سان وچن ڪيا اٿم، پاڙيا اٿم. باقي ٽوريءَ جيوت لاءِ وچن جو اُلنگهن ڪئن ڪبو؟ مهاراج! پراڻ وڃن ته وڃن، وچن نه وڃي!

اسٽيشن ماسٽر: (اوچتو اچي) گاڏي اچي رهي آهي.

هڪ ساڌ: سائين مهاراج کيمچند جي ڳالهه مڃو. سفر رد ڪريو.

(ڪنور پاڻ اُٿي بيٺو آهي. ٻيا به اُٿي بهن ٿا. ڪنور اڳتي وڌي ٿو)

ڪنور: ابا، اسان پنهنجيءَ هڪ زبان سان وچن ڏنو آهي. پرماتما منش کي هڪ زبان ڏني آهي جنهن جيڪو چوڻ سو

ٿا تہ ڪنور ڇپر جاموں ٻڌي، مٿي تي پڳڙي پهري، ڪِرڻ ۾ ڪنيل پائي منڙي مان موهيندڙ آواز ۾ دردناڪ سُريلي سُر ۾ آلاپ آلاپي رهيو آهي. هن جي ڀڳت جو آنند وٺڻ لاءِ ڪيتن ڪيتن جي خلقت اچي پلٽي آهي. هزارن جي تعداد ۾ عورتون ۽ مرد ويٺا آهن.)

ڪنور: (نچڻ بعد ڪري) ابا، رام نام جي مهما اپار آهي. ڏن پاپُہ آهن انهن جا جيڪي ساھ ساھ سان سمرن ٿا ڪن. جو تہ گرو جن پاڻ فرمايو آهي:

> رام نــام جپيئا، ڪڇ نــہ کهي جم ڪال!
> نانڪ تن من هوءِ سکي، انت ملي گوپال !!

ابا، سچا ساڌو آهن پارس. لوھ کي بہ ڇهن تہ سون ٿيو پوي. پر انهن ڍونگي ۽ پاکنڊي ساڌن روپي راڪسن کان بچو جيڪي گيڙوءِ رنا ڪپڙا پائي وتن ٿا پاڻ پوڄائيندا ۽ ڏن ڪٺو ڪندا. اهي پاکنڊي ڍونگي ماڻهو جيڪي پاڻ کي ساڌ سڏائي خدا جي خلق کي گمراھ ڪري انهن کان قيمتي پيٽائون وٺن ٿا ۽ اگيان جو انڌڪار ڦهلائن ٿا سي ڌڻيءَ جي دربار ۾ ڳري سزا پوڳيندا ۽ ڪٿي بہ ٺانءُ نہ ملندن.

> مايا مد پري، موهي، منجهائي، مت ڪسي،
> سامي موهي سپ کي، ڪپٽ ڪري ڦهري،
> اهڙي ڪنهن گرمکہ ڪسي، پيٺي خبر ڪري،
> طمع تــڙ تري، چــڙهيو چيتن چــت تــي !

(سنگيت جي ڌن تي ڪنور ڦيريون ٿو پائي). (ڪٽ)

درشيہ - ٣٣ مانجهندن جي دربار ٻاهران (ٻاهر) صبح

(ڪئميرا ڪلوز لڪشمي ديويءَ جي مورت تي. ڪئميرا جي پل ٻئڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا تہ مورت هڪ ٻرهمڻ جي هٿ ۾ آهي ۽ هو اها مورتي ڪنور کي ڏيکاري رهيو آهي.)

ڻو وڃي!

سعدوءَ جي ڪنني تي ويدن جي رچنا ٿي. پر اُها ڪيرتي لڙهي ويئي! اُيري بينا داغ - بدنام داغ!

۽ هڪڙو وڏيڪ ڪلنڪ جو ٽڪو اڃا به سعد جي نراڙ تي لڳل آهي. پر ان ۾ اڃا ڪجهه ڏينهن آهن. اڃا ته فقط نشانيون ئي ظاهر ٿيون آهن. ڪچاري جو قافلو دور آهي پر آسمان ۾ اُڏامندڙ ڌوڙ صاف نظر اچي رهي آهي.

فضائون هراسيل آهن. هوائن ۾ شڪ ۽ اوسواس جو زهر پکڙجي ويو آهي. ڌرتي ۽ خبيثن جو زور ڪٽي ڪٽي ڪري لرزائي رهيو آهي. ٽڪيل، دل ڪاڏل ۽ گگدام هندو فقط ايشور جي آسري تي ئي هلي رهيا آهن. ٽڪ هٽڻ هنن جي عادت ناهي، بچاءُ ڪرڻ جي هنن ۾ همت ناهي. ڪمبڻ، ڪسڻ ۽ رئڻ هنن جو نصيب بڻجي چڪو آهي ......

هي مان ڪٿي وڃي پهتس! مان ته ڪنور جي ڪٿا ٻڌائي رهيو هوس. ڪنور جي آخرين سفر جو بيان ڪوي پهلاجراءِ ستن راتين ۾ ڪيو آهي. پهرينءَ رات بابت هو لکي ٿو:

راڳل پهرينءَ رات جو ٿيو ڙهڙڪيءَ مان راهي،
لولا لنگڙا پڱلا ڪنيائين انڌا الاهي
ڏڪڙ دماما سارنگيون هيون سازن سڌائي
ڪلعدي ڪڏندي رات جو ريل مانجهدن آئي
بائي گوبند داس جي هئي ورسيءَ جي وائي
راس جمع جي جبري هئي زهريلي جائي ......

(ڪٽ)

درشيه-٣٢ مانجهدن جي دربار جو احاطو رات

(ڪئميرا ڪلوز ڪنور جي چهري تي. ڪنور پڳت ۽ جهندي جهومي رهيو آهي. ڪئميرا بال ٻئڪ ڪري ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا

ڪوتا: ٽم ڏسي ٽئينءَ رات جو ڪيو ساڌن پي سعيو،
سپا لکن جي لڳي سائين ڪنوَر پي آيو،
ساڳيا سوندا سارنگيون ٽڪڙن ڌڙ لايو،
پريتم پنهنجيءَ پريت سان امرت ورسايو،
وڻ- ٽڻ تي ٽي واه واه ڪئي واڄٽ وڄايو،
ماڻهن ڇا مون جي آب اکين ۾ آيو.

(ڪوتا بعد ٽي وڃي ٿي. ڪنوَر نچي رهيو آهي. دردڀلي ڌن وڄي رهي آهي.)

ڪوتا: ڇنڇي ڇوٿينءَ رات جو ويا ماڻهن سان مئدان
ڇم ڇم ڪندو ڇير سان سائين ڪنوَر ڪيو ڪلياڻ
عرش فرش آواز ڪيو تارن ٻڌي تان
راجا راءِ ڏياچ جيان ماڻهو ٿيا مستان
مٿان ماروءَ جو وري پيون ڇيو ٻڳوان ......

(ڪجهه دير مارو سر جي ڌن هلندي ٿي رهي. درشيه ۾ ماحول ڪروڻا سان ڀريل آهي. ڪيترا ماڻهو اکيون اگهي رهيا آهن. ڪيترن جي اکين ۾ آنسون چمڪي ۽ لرزي رهيا آهن. ڪنوَر جون اکيون به آليون آهن)

ڪوتا: نديون وهيون نير جون جوان ٿيا بيجان
پاڻ به ڏيهه وديهه ٿيو جملي ڏنو جهان.

(مارو ڌن تيز مان تيز تر ٿيندي ٿي وڃي. سڏڪا صاف صاف ٻڌڻ ۾ اچڻ رهيا آهن. ڪنور نچي رهيو آهي- ڪائنات روئي رهي آهي.) (ڪٽ)

درشيه – ٣٥

سوترڌار: ڪنوَر مانجهندن جي دربار ۾ چار راتيون پڇن ڪيو ۽ خلقت کي خوشيون به ڏنيون ته آنند پريا ڳوڙها به ڏنا. سک سان اُتي پڇن سماپت ٿيو. ڪنوَر مانجهندن جي دربار جي

برهمڻ : ڀڳت صاحب ! ٿوهان هن لڪشمي ديوي جي پوڄا ڪريو.

(ڪنور الهدي مستيءَ ۾ اچي مرڪي ٿو.)

ڪنور : مهراج! لڪشمي ته سنتن جي چرنن جي داسي آهي. داسيءَ جو ڪم آهي سواميءَ جي شيوا ڪرڻ ۽ حڪم ۾ رهڻ. سواميءَ جو ڪم داسيءَ جي شيوا ڪرڻ ڪونه آهي.

(برهمڻ جي چهري تي عجب آهي)

ڪنور : توهان کي جيڪڏهن ڪجهه پيهجي لاءِ گهرجي ته گهري وٺو.

(ڪنور وات قائل برهمڻ جي هٿ تي ڪجهه روپيا رکي اڳتي وڌي ٿو وڃي.) (ڪٽ)

درشيه-٨٤ مانجهندن جي دربار (اندر) رات

(ميڊيم شاٽ. ڀڄن هلي رهيو آهي. ساز وڄي رهيا آهن. اڪيچار ماڻهو زالون مرد ٻار ٻڍا وينا آهن. ڪنور جهومي رهيو آهي ۽ خلقت کي مدمست ڪري رهيو آهي. بئڪ گرائونڊ ۾ ڪوي پهلاجراءِ جي لکيل ڪوتا دردنلي آواز ۾ گونجي رهي آهي.

ڪوتا : ٻاروچل ٻيءَ رات جو ٽيڙو ترت تيار
چيو بڌائين پيو ۾ جامون جلويدار
پڳڙي سهڻي پيهل کي وار ٻه گهڻديدار
ڪرشڻ وارا ڪنن ۾ ڪنڊل ڪيميادار
ڦٽو وڄائي سارنگي سريلي سودار
ساٽس سدوري ڪئي طبلن جي تدوار
ٻولڪ گيلي راءِ يي جوڙي ڪئي جنسار.

(ڪوتا بعد ٽي وڃي ٿي. ڪنور نچندو رهي ٿو. ساز دردناڪ سُر ڪيندا رهن ٿا. خلقت جا ڪجهه شاٽ.)

مٺي حڪم ڪرندي يار،
مٺي حڪم ڪرندي يار!

١- مٺي دا گهوڙا، مٺي دا جوڙا، مٺي دا هسوار،
مٺي دا سونا، مٺي دا روپا، مٺي دا پنڌرهار،
مٺي دي باغ باغيچي بنگلي، مٺي دا گلزار،
مٺي حڪم ڪريندي يار!

٢- مٺي مٺي نون ويکڻ آئي، مٺي ڪري ديدار،
مٺي هسي، مٺي روئي، مٺي ڪري سينگار،
ٻجهه ٻجهارت بلي شاهه دي، لاهه پڳڙي ٻهه مار،
مٺي حڪم ڪريندي يار!

(ڪشميرا ڪنور سان گڏ ڳائيندڙ هن جي شش ڀائي رامنرام ۽ سندس اڳيان وينل هڪ پريميءَ کي ڪور ڪري ٿي)

پريمي: سائين منهنجي هڪ وينتي آهي.

رامنرام چئو ڀائي، توکي ڇا گهرجي؟

پريمي: سائينجن کي وينتي ڪريو ته مارو راڳ ٻڌائن ۽ اسان جي رڳ رڳ ٺاري ڇڏڻ ڪن.

رامنرام: ڀائي، خوشيءَ جي موقعي تي آيا آهيون. مارو راڳ ڪيئن ڳائيندا سين؟

(ڪنور اهي لفظ ٻڌي ٿو وڻي. ڪنور جو شانت.)

ڪنور: ڀائي رامن! ڀلاڙيءَ ۾ هن پريميءَ جي دل ته راضي ڪريون ٿا.

(ڪنور مارو ڳائڻ لاءِ تيار ٿي ٿو وڃي. پريميءَ جو چهرو ٽڙي ٿو پوي. فضا ۾ مارو ڌن ڦهلجي ٿي وڃي.)

ڪنور: (مارو راڳ ۾)

ڪبير جس مرني تي جڳ ڊري ميري من آنند،
مرني تي هي پائيئي پورن پرمانند!

مهنت سوامي ٽرمداس کان موڪلائي سنگيت جي ٽوليءَ سميت دادو شهر ۾ آيو. دادو شهر ۾ ڪنوَر جي پڌارڻ جو مکيه سبب هو وچن پالنا. ڪنور دادوءَ جي سيٺ ميوارام کي وچن ڏنو هو سندس پٽ جي جڻين تي ضرور اچي ڀڄن ڪندو.

دادو اسٽيشن تي ڪنوَر جو ڀيڪيدار سواگت ٿيو. گلن جي ورکا ڪئي وئي. دهلن دمامن ۽ بئنڊ باجن سان ڪنوَر کي سرگس ٺاهي شهر ۾ وٺي ويا. دادو شهر ته ڇڏيو پر سڄي ضلع جا ماڻهو ڪنوَر جو درشن ڪرڻ لاءِ ۽ سوز ڀريو آواز ٻڌڻ لاءِ اچي ڪٺا ٿيا! دادو شهر ۾ پير پائڻ جي جاءِ نه هئي!

پر... ڪنوَر کي خبر هئي ته - هاڻي ڀڄن به اچي پورا ٿيا آهن ۽ وقت به اچي پورو ٿيو آهي! (ڪٽ)

درشيه-٣٦ ميدان (ٻاهر) رات

(ڪئميرا ڪلوز ڪنوَر جي چهري تي. ڪئميرا جي پل ٻئڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته هو ڀڳت ويهي رهيو آهي ۽ حشام ماڻهن جا ڀڄن جو آنند وٺي رهيا آهن.)

ڪنور: مٽي حڪم ڪرندي يار!
مٽي حڪم ڪرندي يار!

بندا تون ٻانور نه ڪر. تون خاڪ جو پتلو آهين ۽ آخر خاڪ ۾ ملي وڃڻو آهين. جيڪي پير، پيغمبر، اوتار ۽ اوليا، ولي ۽ نبي خاڪ جي دنيا ۾ پڌاريا آهي به آخر خاڪ سان ملي خاڪ ٿي ويا.

جنهن خاطر جڳ سڪي سڀ ويا ملوڪ مرتي،
پير پيغمبر اؤليا گورن منجهه ڳري،
اُتان موٽيو ڪونه ڪو هتان ويڙا لک چڙهي،
قادر جي قدرت جي ڪير ڏئي خبر ڪري،
لاهي پل پري، وڃي خاڪي مليا خاڪ سان!

٢- پٽ ڀوريندڙس ڪين ڪي عمر!
ور لوئيءَ سان لال!
مون سان تن ماروئڙن جي! آءُ ڪانگا...
٣- دريا خان ماروئڙن ري هنڙي،
هيءَ هيءَ ڪهڙو حال!
مون سان تن ماروئڙن جي! آءُ ڪانگا...
(ڪئميرا ڪلوز ڪنور تي. هو ڦيرڻون پائي رهيو آهي ۽ اکين ۾ ڳوڙها اٿس.) (فيڊ آئوٽ)

فيڊ - اِن

درشيہ-٣٧

سوتردار: (فقط آواز، چهرو نہ. ان جي بجاءِ ڪنور ۽ هن جي ساٿين جي چرپر ۽ ڪاريہ جا ڪجهہ شاٽس ڏنا وڃن)

سونهاري سنڌڙيءَ جي سرتاج ڀڳت ڪنوَر پنهنجي جيون جو آخرين پڇن دادو شهر ۾ مارو راڳ سان سماپت ڪري سيتي ڪان موڪلايو. دادو اسٽيشن تي هزارين ماڻهو ڪنوَر سان موڪلائڻ آيا. هنن کي ڪهڙي خبر تہ ڪنور جو اهو انتم درشن هو! گاڏي دادو کان چٽي. وات تي ڪيترائي پريمي ڪنور کان موڪلائي جدا جدا اسٽيشنن تي لهي ويا... لاڙڪاڻي اسٽيشن تي سائين سترامداس جو نياڻو پائو سري ڪرشنداس کانئن موڪلائڻ لڳو ۽ ڪنور هن کي آڳيا نہ ڏني ......
(ڪٽ)

... ...

درشيہ-٣٨ ريل جو گاڏو (اندر) ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز ڪنور جي چهري تي. ڪئميرا ڪجهہ پل پٺڪ ڪري ٿي تہ اسان ڏسون ٿا هو ڪرشنداس سان ڳالهائي رهيو آهي.)

اَبا، جيون تہ پروپڪار ۾ گذارجي پر مرجي بہ ان طرح جيئن پيُن جي ڪم اچي سگهجي. جنم ۽ مرڻ انهيءَ پراڻيءَ جو ئي سڦلو آهي.

مريئي تـو پرديس ۾ جت ڪو ڪاهوُ ڪو نانهہ،
پڙا رهي مئدان ۾ جت لاڪـون جيئہ ورسانهہ!

(ڪنوَر دردنلي آواز ۾ مارو راڳہ مان هڪ پڇن ڳائي ٿو)

ڪنور: موڪلاوڻ آئي ڏنديا، ماٿي گڏ ڪڙي!
موڪلاوڻ...

(ماڻهن جي چهرن تي عجب جون ريکائون)

ڪنور: ابا، توهان سو چيبدا هوندا تہ اج ڪنور ڪي هي جاٽي ويو آهي. اسان ڪي خبر آهي تہ هي پڇن ان وقت ڳائبو آهي جڏهن پراڻيءَ کي شمشان ڀوميءَ ۾ جلائبو آهي. ابا، مان تہ جيئري ئي مماتيءَ ۾ آهيان. معش کي مؤت لاءِ هردم تيار رهڻ رهجي. مؤت ۾ ڪهڙو مهڻو؟ توهان دل ۾ ڪوئي وهم يا سنسو نہ ڪريو. ابا، اسان پيهنجي جيئري پاڻ لاءِ هي مارو ڳائي رهيا آهيون.

(ڪنور چاڻيءَ تي هٿ رکي مارو راڳہ ڳائي ٿو. هن جي اکين مان نير وهندو ٿو رهي. هزارين ماڻهن جي دل بہ پوجي ٿي اچي.)

ڪنور: آءُ ڪانگا ڪر ڳالهہ مون سان ٿن ماروئڙن جي!
ماروئڙن جي سانگيئڙن جي!
آءُ ڪانگا...

١- بن عمر! تعهجون ماڙيون بدگلا،
کهہ دريون ڪنڪ مال!
مون سان ٿن ماروئڙن جي! آءُ ڪانگا...

ڏني. پلا، ڪرپا ڪري مونکي سکر لهڻ جي موڪل ڏيندا؟
ڪنور: آبا، ريل گاڏي سکر پهچي ته پوءِ جيئن هوندو تيئن ڏٺو ويندو.

(ڪرشنداس عجيب نظرن سان ڪنور ڏانهن نهاريندو. ڪنور جون اکيون بند آهن ۽ ڪن خيالن ۾ گم آهي. ريل هلندي رهي ٿي- هلندي رهي ٿي.)

(ڪٽ)

درشيه - ٣٩   رڪ اسٽيشن   شام

(لانگ شاٽ. رڪ اسٽيشن جو سڄو پليٽفارم ماڻهن سان ڀريو پيو آهي. رڪ کي چار ڪن پليٽفارم آهن. پٽا پار ڪرڻ لاءِ پل آهي. رڪ جنڪشن آهي ۽ هتي ڪنور کي گاڏي مٽائڻي آهي. ريل اچي رهي آهي. ماڻهن ۾ گوڙ ۽ چرپر وڌي ٿي وڃي. انجڻ ڇڪ ڇڪ ڪندي داخل ٿئي ٿي ۽ گاڏا ڌيري ڌيري سرڪندا اڳتي وڌندا ٿا وڃن. آخر ريل بيهي ٿي رهي.

ڪئميرا هڪ گاڏي کي ڪور ٿي ڪري. ڪنور هٿ ۾ بندوق کنيو دٻي کان ٻاهر اچي ٿو. هن جي پٺيان ٻارام آهي جنهن سشيلا کي ڪڇي ڪلهي تي وهاريو آهي. ٻارام جي پٺيان ڪرشنداس لهيٿو. هن جي هٿ ۾ به بندوق آهي. پوءِ ڪيترائي سنگي ساٿي هيٺ لهن ٿا جن جي هٿن ۾ ۽ ڪلهن تي سامان آهي. سڀ هيٺ پليٽفارم تي اچي ٿا بيهي رهن.

ڪئميرا ٻن مسلمانن کي ڪور ٿي ڪري. هنن کي وڏيون وڏيون سلواورن ۽ گوڏن تائين پهچندڙ قميضون پيون آهن. مٿي تي پٽڪو ٻڌل اٿن. ڪلهي تي بندوق. چهرو خوفناڪ. اکيون لال. ڏاڙهي ڪاري. مڇون وڌيل. هو ڪنور ڏانهن اچي رهيا آهن. هو ڪنور جي اڳيان اچي ٿا بيهي رهن. ڪنور ۽

ڪنور: اسان توکي موڪل نه ڏيندا سين. تون اسان سان رهج.

ڪرشڻداس: جيڪا توهان جي آگيا.

(ڪئميرا ڪجهه وڏيڪ پوئتي هٽي ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا ته ڪنور جي پرسان سندس ننڍي نياڻي سشيلا ويٺي آهي. هوءَ ننڍڙي آهي. ڪنور هن کي کڻي ٿو گود ۾ وهاري. آس پاس هڙون ۽ پنڊيون پيون آهن. مٿي تختي لسي بـ بندوقون پيون آهن. ڪنور جي آس پاس ۽ سامهون ڪيترائي سنگي ساٿي ويٺا آهن جن ۾ ٻارام به آهي. اوچتو ڪنور پنهنجي پاسي کان رنبيل هڪ ڪپڙي جي ڳوٿريءَ مان ننڍڙي هڙ ڪڍي ڪرشڻداس جي هٿ ۾ رکي ٿو. ڪرشڻداس جي منهن تي عجب جون ريکائون اڀرن ٿيون.)

ڪرشڻداس: سائين، هيءَ هڙ وري ڪنهن جي آهي؟ ان ۾ ڇاهي؟

ڪنور: پائو، هيءَ توهان جي خرچي اٿوَ.

ڪرشڻداس: سائين، اج هيءَ ڇاجي تا خرچي ڏيو؟

ڪنور: پائو، توهان نياڻا آهيو. توهان کي هيءَ خرچي نهندي آهي. ڪرپا ڪري سويڪار ڪريو.

(ڪرشڻداس جي منهن تي سوالي نشان آهي.)

ڪنور: پائو، منهنجي محبوب سائين ستر امداس جو نياڻو يعني منهنجو نياڻو.

(ڪرشڻداس هڙ کولي روپيا ڳڻي ٿو. سڀ سڪا آهن)

ڪرشڻداس: سائين سچا سارا سؤ روپيه!

(ڪنور ڪوئي جواب نه ڏيئي پالڪي سشيلا کي ٿڦيون هڻي ٿو)

ڪرشڻداس: سائين، مونکي توهان لاڙڪاڻي لهرط جي آئيا نه

درشيه-٤٠/الف   بينل ريل جو هڪ گاڏو (ٻاهر)   رات

(ميڊيم شاٽ. ڪنور ۽ هن جا ساٿي گاڏيءَ ۾ سوار ٿي رهيا آهن.)

درشيه-٤٠/ب   گاڏو (اندر)   رات

سڀ پنهنجو پنهنجو سامان پتا اسٽان رکي پنهنجين پنهنجين جڳهين تي ويهي ٿا رهن. ڪنور اسٽيشن جي پٺيءَ پاسي واريءَ دريءَ جي اڳيان وڃي ٿو ويهي. دري کولي ٻاهر نهاري ٿو. ٻاهر ڪارنهن لڳي پيئي آهي. ٻئي بندوقون ڪنور جي سيٽ جي مٿان واري تختي تي رکيون ٿيون وڃن.)

ٻهارام: سائين، هونئن نه توهان سدائين اسٽيشن واري پاسي ئي ويهڻ پسند ڪندا آهيو اڄ اُلٽي پاسي جهنگ طرف ڇو ويٺا آهيو؟

ڪنور: ابا، پرماتما جي اِڇائي اَڇا آهي.

(ان وقت انجڻ سيٽي هڻي ٿي ۽ گاڏي ڌيري ڌيري اڳتي وڌڻ لڳيتي. نيڪ ان وقت بندوق چلڻ جو آواز ٿئي ٿو ۽ بندوق جي گولي ڪنور کي مستڪ ۾ پنڌين پاسي ڪان اچي ٿي لڳي. ڪنور جي منهن مان آخرين لفظ نڪري ٿو "رام" ۽ هوُ اُتي ئي ليٽي ٿو پوي. رت ريلا ڪري وهي رهيو آهي. گاڏي ۾ هاهاڪار مچي ٿو وڃي. ڪوئي زنجير ڇڪي ٿو ۽ گاڏي بيهي ٿي. سڀ ماڻهو اجايو ۽ نه سمجهه ۾ ايندڙ گوڙ ڪري رهيا آهن. ڪشميرا ٻئي بندوقن کي ڪور تي ڪري جيڪي تختي تي اجايو پيون آهن. ڪنور جي شرير جو خون ريلا ڪري وهي رهيو آهي. ڪنور جا ساٿي فقط هاءِ هاءِ ڪري ڇاتي پٽي رهيا آهن ۽ "سائين سائين" چئي ڪنور کي سڏ ڪري رهيا آهن. پوليس وارا گاڏي ۾ داخل ٿين ٿا.)

هن جا ساٿي سڄگي هڻن مسلمانن ڏانهن نهارن ٿا.)

هڪ: سائين، توهان جو نالو ڇا آهي؟

ڪنور: هن شهر جو نالو ڪنور آهي.

ٻيو: ڪٿان جا وينل آهيو؟

ڪنور: هي ٻئدو جروان جو وينل آهي جو ميرپور ماٿيلي کان اٺن ميلن جي پنڌ تي آهي.

(ٻئي مسلمان هڪ ٻئي جي اکين ۾ نهاري ڪنڌ ڌوڻ ڪن ٿا)

ڪنور: ابا، توهان ڪير آهيو؟

هڪ: سائين، اسان پرديسي مسافر آهيون. گاڏيءَ مان لٿاسين. خيال ڪيوسين ته فقير صاحب جو ديدار به ڪريون ۽ دعا به پڙهون.

ٻيو: فقير سائين، دعا ڪريو ته اسان جو ڪم پورو ٿئي ۽ اسان جي فتح ٿئي.

ڪنور: اوهان پنهنجي مرشد کي سڃاريو ته اوهان جي ضرور فتح ٿيندي.

(هڪ شش ڏانهن نهاري)

اَبا سيتل، انگورن جو پرساد ڏين.

(سيتلرام ٻنهي مسلمانن کي ٻه ٻه انگورن جا ڏئي ٿو. هو انگور وٺي ڪائيندا هڪ طرف هليا ٿا وڃن.)

ڪرشنداس: هلو سائين ته پل پار ڪري هلي گاڏيءَ ۾ وهون.

ڪنور: (ڇڙ ٻاڙ سان ڳالهائيندي) هائو اَبا، هل ته پل پار ڪري گاڏيءَ ۾ هلي وهون.

(سڀ ڪنور سان گڏ اڳتي وڌن ٿا.)

(ڪٽ)

ٽپ ٽپ ڪندو هيئنيءَ سيٽ لي ڪرندو ٿو رهي. گاڏي هلندي ٿي رهي ۽ خون وهندو ٿو رهي. خون هيئنيءَ سيٽ تان وهي پٽ تي اچي ٿو ڪٺو ٿئي. سڏڪن ۽ "سائين سائين" جا آواز اوورليپ ٿا ڪن. خون جي هڪ لمبي ڪاري لڪير!

درشيه - ٤٠/ب ريل جا پٽا (ٻاهر) رات

(ڪاريءَ ٻاٽ رات ۾ ريل اڳتي وڌندي ٿي وڃي. پٺين ڳاڙهي روشني دور ۽ دور ٿيندي ٿي وڃي. ڌڙڌڙاهٽ. ماحول ۾ مارو سنگيت. درديلي آواز ۾ ڪي ڪوڙا ۽ سچا اُدگار اوورليپ ڪن ٿا.)

آواز: هن ڪهاڻيءَ جو انت ڪڏهن ٿيڻو ئي نه آهي. هيءَ ڪهاڻي وقت به وقت پاڻ کي دهرائي، اعلان ڪندي رهندي آهي ته:

انسانيت کي سڀ کان وڏو خطرو،
نه حيوان مان آهي نه شيطان مان آهي.
بلڪ خود انسان مان آهي!

(فيڊ آئوٽ)

ٻڌارام: خون- سائين ڪنور رام جو خون. مهرباني ڪري خونين کي پڪڙيو ...

ڪرشڻداس: گولي هن دري ۾ مان آئي. پڪڙيو- خونين کي پڪڙيو.

پوليس وارو: چپ. ٻهريون بيان وٺبا. اڙي قاسم، ضبط ڪر اهي ٻئي بندوقون...

هڪ شخص: (هٿ جوڙي) مهرباني ڪري خونين کي پڪڙيو. هو هن جهنگل ۾ ئي لڪيل آهن. (هٿ سان اشارو.)

پوليس وارو: خاموش. اسان کي خبر آهي ته ڇا ڪرڻو آهي. ٻهريون بيان ۽ بندوقن جي ضبطي. ٻيو سڀ ڪجهه پوءِ...

(ان وقت ريلوي ڊاڪٽر جيڪو مسلمان آهي اچي ٿو. هو ڪنور جي وهندڙ رت ڏانهن ڏسي ٿو ۽ زخم تي پٽي ٻڌيس ٿو.)

ٻڌارام: ڊاڪٽر صاحب، سائينجن اڃا بيسرت آهن ۽ خون به وهي رهيو آهي.

ڊاڪٽر: مان ان کان وڌيڪ ٻيو ڪجهه به ڪونه ٿو ڪري سگهان. مون وٽ اهڙيون دوائون ئي ڪونه آهن. توهان وڃي سکر سول هاسپيٽل ۾ علاج ڪرايو هن جو.

هڪ شخص: اسان سڀ خرچ ڪرڻ لاءِ تيار آهيون.

(ڊاڪٽر ڪوئي جواب ڪونه ٿو ڏئي)

ڪرشڻداس: پلا مهرباني ڪري توهان سکر تائين گڏ هلو.

ڊاڪٽر: آءِ ائم ساري!

(ڪي شيواڌاري ڪنور کي مٿي سيٽ تي ليٽائن ٿا. ڪنور بيهوش آهي پر بلڪل شانت آهي. چهري تي تيج اٿس. ڄڻ ڪجهه ٿيو ئي ڪونه آهي. ڊاڪٽر هليو ٿو وڃي. پوليس وارا بيان وٺڻ لاءِ هڪ سيٽ والاري ويهي ٿا رهن. ريل سيٽي هڻي هلڻ شروع ٿي ڪري. مٿين سيٽ تان ڪنور جو خون

شهيد هيمون ڪالاڻي

فيڊ - اِن

ڊرشيه-١

(ڪئميرا اڪيڊ ڀارت جي نقشي تي. سنڌ پرانت جو ڪلوزاپ. سوتردار جو آواز گونجندو رهي ٿو؛ پر سندس چهرو نه ٿو ڏيکاريو وڃي: وچ وچ ۾ لاٺي چارج، گهوڙن جي ڊوڙڻ، بندوقبازي، ماڻهن جي ڀڄڻ، انقلاب زنده باد جي نعرن، ترنگي جهنڊن جي اوچو ڦهرائجڻ، ڦاسيءَ تي لٽڪندڙ انقلابين، ڇهبوڪ سهندڙ ديش ڀڳتن، ڪال ڪوٺڙين ۾ قيد جوانن، ظالم پوليس دوارا بيعزت ٿيندڙ عورتن ۽ انسان تي ٿيندڙ جدا جدا قسمن جي تشدد جا نظارا ڏيکاريا وڃن ٿا. جوڳي جڳهه تي ڪن اتهاسڪ عمارتن جون تصويرون به پروجيڪٽ ڪيون وڃن ٿيون.)

سوتردار: (فقط آواز: چهرو نظر نه اچي)

ڀارت ورش هڪ ڏينهن ۾ انگريزن جو غلام ڪونه ٿيو هو. اٽڪل ڏيڍ سؤ سالن جي منصوبن، شطرنجي چالن، دوکن، فريبن، ڪوڙ نيتين ۽ وشواس گهاتن ڪانپوءِ هندستان جي آسمان ۾ برطانوي جهنڊو سو اوچو ڪري لهرائي سگهيو هو. جيڪي ماڻهو ائين سمجهن ٿا ته ١٧٥٧ع ۾ پلاسيءَ جي ميدان ۾ ڀارت ورش جي آزادي کسجي ويئي هئي، اُهي غلطي ڪري رهيا آهن. جنهن پيڙهي ۽ وراثت منصوبي جي تحت ڀارتواسي برطانوي غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيا ويا، پلاسيءَ جي جنگ ته ان چڪرويوه جي هڪ ننڍڙي ڪڙي هئي! اهو چوڻ به غلط ٿيندو ته انگريزن فقط تلوار جي زور تي ئي ڀارت کي غلام بڻايو. پر سچائي اِها آهي ته ڀارت کي مڪاريءَ ۽ منصوبن سان ئي جيتيو ويو ۽ ضرورت پوڻ تي انگريزن ڪڏهن

خطرو هئو ئي ڪو نه! انگريزن ۾ اهي راشٽريه ڀاونائو ن به پونجيواد جي ڪري ئي پيدا ٿيون. ان ڪري انهن جو روپ رت چوسيندڙ جوڙ جهڙو ئي رهيو. ان جو ثبوت آهي ڀارت، جنهن جو خون ڏيڍ سؤ سالن ۾ ئي برطانوي پونجيواد چوسي سڪائي ڇڏيو!... ۽ سرسبز ڀارت ٻُوٽ ٿي ويو.

ڀارت ۾ برطانوي جهنڊي جو سڪو جمندي جمندي جميو پر ان سان گڏو گڏ ان جهنڊي کي اُکاڙي ڦٽي ڪرڻ لاءِ آتيون طاقتون به ڏينهن رات هڪ ڪري ڪوششون ڪري رهيون هيون.

مارچ ١٨٥٦ع تائين برطانوي حڪومت هندستان ۾ پوري عروج تائين پهچي چڪي هئي. پر ان وچ ۾ فتح ڪيل پرڳڻن ۾ به ڪئين دفعا بغاوتون ٿي چڪيون هيون. ڪن هنڌ خاص ڪري چؤبيس پرگنا، نديا ۽ فريدپور ۾ ته جڻ انگريزي راج ختم ئي ٿي ويو هو.

سنه ١٨٥٧ع ۾ جيڪا بغاوت ٿي ان کي ڪيترا ماڻهو آزاديءَ جي جنگ مڃڻ کان انڪار ٿا ڪن. انجو مکيه سبب اهو آهي جو جيڪي دل ان انقلاب ۾ شامل ٿيا هئا انهن جا مقصد شخصي ۽ جدا جدا هئا. نيڪ آهي. پر اتهاس ۾ اهڙا ڪيترائي مثال آهن جن مان ثابت ٿو ٿئي ته ڪنهن آندولن کي جاري ڪندڙ شخص جا مقصد سوارٿي هوندي به، ان جا نتيجا ڪجهه ٻيا ئي نڪتا آهن! شخص جا سوارٿ پورا ٿئي نڪجي ٿا ۽ وڏن ۽ نوان نتيجا نڪري نروار ٿا ٿين. انقلاب جي ڪاميابيءَ مان به ائين ٿيڻ جي امڪان کي نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي. ان ڪري ١٨٥٧ع واري انقلاب کي سامراجيواد - وروڌي ڪوشش مڃڻ ئي ٺيڪ ٿيندو. سچ ته اهو آهي ته جي غدر جي نيتائن جو هڪ ٻئي سان ڪجهه وڌيڪ سهيوگ ۽ سهڪار رهي ها ته

۽ ڪٺي ڪٺي تلوار جو ٻه استعمال ڪيو.

۽ وري ڀارت جي غلاميءَ جو سڄو ڏوهه انگريزن جي مٿي مڙهڻ به غلط ٿيندو. ڪوئي به نظام ۽ ڪوئي به ملڪ جيستائين اندران ئي اندران ڪاچو نه ٿو سڙي تيستائين فقط ٻاهرين ڌوڪن سان ڍهي پٽ نه ٿو اچي پوي. اندريون ڪيئون ئي خطرناڪ ٿئي ٿو. ٻاهريان ڌڪ ته ٻهانا ٿين ٿا. گهر ڪـــا ڀيدي لنڪا ڀاوي! ميرن کي گهر مان ئي لڳي هئي. گهر جي ٻاهه جو ۽ اندران ئي اندران لڳل ڪاٺ جو نه ڪوئي علاج آهي ۽ نه ڪوئي بچاءُ!

اورنگزيب جي حڪومت جي وقت ۾ ئي مغل سلطنت جي عمارت جو پلستر ڪئين جڳهين کان اُکڙجڻ شروع ٿي ويو هو. ان وقت هرهنڌ اهڙيون طاقتون پيدا ٿي چڪيون هيون جيڪي مغليه سلطنت کي نيست نابود ڪرڻ جي طاقت ته رکن پيون پر انهن طاقتن ۾ نومارڻ ڪرڻ جي به لياقت هئي يا نه ان ۾ شڪ آهي. عمارت ڊاهڻ لاءِ ڪائي خاص لياقت يـــا سمجهداري نه گهرجي پر نونرماڻ ڪرڻ سؤلو ناهي.

سچ پڇو وجي ته اُنهن طاقتن کي موقعو ئي ڪو نه مليو. وچ ۾ ئي ٽپڪي پئي برطانيه جي طاقت! اديوگ جي ميدان ۾ ان وقت برطانيه سڀني ملڪن کان اڳتي هئي. دنيا جو ڪوئي به ملڪ ان وقت جي برطانيه جي اديوگ شڪتيءَ جي برابري نه ٿي ڪري سگهيو. برطانيه سرڪار وٽ ترقي يافته هٿيار هئا ۽ وڪاس ڪيل پونجيواد جو سنگٺن هو جنهن جي مقابلي ۾ هندستاني ڪٺ لڳل هٿيار ۽ سامنتوادي سنگٺن ڪنهن ڳڻپ ۾ ئي ڪو نه هئا. سڀ کان وڌيڪ ڳالهه نه انگريزن جي دلين ۾ نئين راشٽريه ڀاونائن جو اُدڀ ۽ وڪاس ٿي چڪو هو ۽ انهن ڀاونائن جي سامهون ٽٽڻ ۽ ڪٺو ڪٺو ٿي وڃڻ جو مسئلو نه

خوشيون ملهائيندڙ ماڻهن سان ڀري پئي آهي. خوشين جا آواز، ٺهڪ ۽ ڦٽاڪن جي ٺڪاٺڪ اوورلئپ ڪري رهيا آهن. ماڻهو اڳتي وڌندا ٿا وڃن. ڪي ٽوليون جهومي رهيون آهن ۽ ڪي نچي رهيون آهن. سڙڪ جي ٻنهي پاسن کان دوڪان آهن جيڪي خوب سينگاريا ويا آهن. ماڻهو دوڪانن جي ڀرسان ٻهي سرڪس ڏسي رهيا آهن. دوڪانن جي مٿان عمارتون آهن ۽ ڪڙڪين مان عورتون، مرد ۽ ٻار ليئا پائي تماشو ڏسي رهيا آهن.

ڪلوز شاٽ. ٻه انگريز آفيسر فوجي وردين ۾ نظر اچن ٿا. هو جهومي رهيا آهن. تمام ڏاڍو خوش آهن. ڪئميرا ڪين ڇاتيءَ تائين ڪور ڪري ٿي. ٻئي هلي به رهيا آهن ۽ ڳالهيون به ڪري رهيا آهن. انهن مان هڪ مسٽر رئنڊ آهي ۽ ٻيو ليفٽيننٽ اِئرسٽ.

رئنڊ: مسٽر اِئرسٽ، واٽ اي شو آف سنسارٽي ائنڊ فيسٽفلنيس!

اِئرسٽ: ناٽ اي شو مسٽر رئنڊ، اي پروف - اي سالڊ پروف، اَئن ان - شيڪيبل ايويڊنس!

رئنڊ: فرام ڪئيش ڪنڊ اپ ٽو دس پئائنٽ هر جگا خوشي خوشي، آنند آنند.

اِئرسٽ: فورٽي اِئرس اگو، غدر ٿيو. اسان ان کي دٻايو ڪچليو. ٽڊي وي آر ان ڪمانڊنگ پوزيشن.

رئنڊ: ناٽ اي سنگل سول ٽه چئلينج دي المائيٽي برٽش گورنمينٽ! وي آر آن د ٽاپ آف دي ورلڊ.

اِئرسٽ: ورلڊ ان آور پاڪيٽ.

(ٻئي آفيسر نشي ۾ جهومندا جهومندا فوڪس کان ٻاهر نڪري ٿا وڃن. ڪئميرا هڪ سوڊا واٽر جي دوڪان جي ڀرسان بيٺل ٻن شرابين کي ڪور ڪري ٿي. هڪ شرابيءَ جي

شايد انگريز ڀارت تي سؤ سال راڄ نه ڪن ها.

سنه ١٨٥٧ع واري بلوي کي جهڙي نرديتا ۽ حيوانيت سان دٻايو ويو ان جي سامهون چين واسين تي ڪيل جاپانين ۽ روس تي ڪيل جرمنن جا اتياچار ۽ ظلم بلڪل ڦڪا ٿا لڳن! اڳتي هلي انگريزن جي شطرنجي نيتين جو ڦل اهو نڪتو جو ڀارت جي رياستن جي حاڪمن ۽ برطانوي سلطنتشاهيءَ ۾ دوستي ٿي وئي! اها هڪ عجيب ڳالهه ٿي!

بلوو برابر دٻجي ويو. پر ڀارتواسي ڪونه دٻيا! ظلمن ۽ اتياچارن ڀارتواسين کي ڀارتواسي بڻائي ڇڏيو! اول هو پنهنجن نعيڙن سوارٿن، فرقن، مذهبن ۽ وڏ ۾ وڏ پرانتن کي سامهون رکي سوچيندا هئا. پر هاڻي هو ڪنهن حد تائين اکل ڀارتيه نظرئي سان سوچڻ لڳا! سڀني ڀارت جو هڪ ئي دشمن ٿي پيو: انگريز! اتان ئي ان جذبي جي شروعات ٿي ٿي جنهنکي اڄ اسان ڀارتيتا يا ديش ڀڳتي چئون ٿا!

ديش ڀڳتيءَ جي لهر پرانت پرانت ۾ لهرائڻ لڳي! سر سان ڪفن ٻڌي ۽ سر تريءَ تي کڻي نؤجوان آزاديءَ جي مهايگيه ۾ پراڻن جي آهوتي ڏيڻ لاءِ بيقرار رهڻ لڳا.

٢٢ جون تي پٽني شهر ۾ جيڪا گهٽنا ٿي اُن انگريزن جي آتم - وشواس کي ڀوري ڇڏيو ۽ سڄي راڄ ۾ کلبلي مچي وئي...

(ڪٽ)

درشيه -٢ پٽني جي سڙڪ (ٻاهر) رات

(ڪئميرا آسمان کي ڪوَر ڪري رهي آهي. رنگبرنگيون ۽ جدا جدا قسمن جون آتشبازيون آسمان کي روشن ڪري رهيون آهن. عجيب عجيب قسم جا ڦٽون آسمان ۾ ڦهن ۽ ڌهن ٿا. ڦٽاڪن ۽ آتشبازين جي اُڏامڻ جا آواز ماحول کي ڏياريءَ جهڙي رونق بخشي رهيا آهن. فل شاٽ. سڄي سڙڪ

پيل شيءِ کي ٽپتپائي ٿو.

ڪئميرا ٻنهي انگريزن کي ڪوَر ڪري رهي آهي. هو ڪلندا ڪلندا اڳتي وڌندا ٿا وڃن. آتشبازيءَ جي ڇڙڻ جو آواز، اوچتو بن گولين ڇٽڻ جا آواز اوورليپ ڪن ٿا ۽ آتشبازيءَ جي ڌماڪن جي وچ ۾ اسان ڏسون ٿا ته گوليون ٻنهي انگريزن کي نيڪ دل وٽ لڳيون آهن ۽ هنن جو فوجي لباس رت سان رڱجي ويو آهي. ٻئي ڪجهه پل هڪ ٻئي جو سهارو وٺڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ۽ پوءِ اُتي جو اُتي ئي سوگس جي وچ ۾ هيٺ زمين تي ڪري ٿا پون. اوچتو سوگس رڪجي تي وڃي. نہ سمجهه ۾ ايندڙ گوڙ ڇانئجي ٿو وڃي. ڦٽاڪن جي ٺڪ ٺڪ جاري آهي. ڪجهه ماڻهو هيٺ جهڪي انگريزن کي سهارو ڏيڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. پر لڳيتو هو اتي جو اتي مري چڪا آهن.

ڪجهه ماڻهو: خون خون... پڪڙيو... پڪڙيو... بدمعاش جاني نہ پائي...

(ڪلوز شاٽ. ڀڄندڙ ماڻهن جا قدم. ڊڪندڙ پوليس وارن جا قدم.) (ڪٽ)

ڊرشيہ-٣ سڙڪ (ٻاهر) رات

(ميڊيم شاٽ. اونداهيءَ رات ۾ دامودر چاقيڪر سنسان ۽ ويران رستن تان ڊڪندو ٿو وڃي. ڪئميرا هن جي پٺيءَ کي ڪوَر ڪري رهي آهي. چاقيڪر جو چهرو نظر ڪونہ ٿو اچي. ڪئميرا هن کي فالو تي ڪري.

چاقيڪر جو ڊڪڻ جاري آهي ۽ ان سان گڏوگڏ سوترڌار جو آواز اوورليپ ڪري ٿو. سوترڌار جو چهرو نظر ڪونہ ٿو اچي.)

سوترڌار: ڏاڍي آنند سان انگريز سرڪار ۽ اُن جي پڇ- لڳن

ھٿ ۾ بوتل آھي جنھن مان ھو ڪجھ شراب پنھنجي گلاس ۾ ڪجھ پنھنجي ساٿيءَ جي گلاس ۾ وجھي ٿو. ھن جو ساٿي دوڪاندار کي ڪي اشارو ٿو ڪري ۽ دوڪاندار سوڊا جي ھڪ بوتل کولي ھنڪي ڏئي ٿو. بوتل گوليءَ واري آھي. اھو شخص سوڊا پنھنجي ۽ پنھنجي ساٿي شرابيءَ جي گلاس ۾ وجھي ٿو. ٻئي ڪنڊ کان بيٺا آھن. سرگس رستي تان وڃي رھي آھي.)

ھڪ: ڪنھن گوري صاحب جي ميم صاحب سان جڳلبندي ٿي آھي ڇا؟

ٻيو: ٻڪ پر ته ڪجھ سمجھ ۾ اچيئي.

(ٻئي شراب جا ڪجھ ٻڪ پيئن ٿا)

ھڪ: ٻڌاءِ - سمجھ تان ڪٿ لھي وئي.

ٻيو: اڄ اسان جي مھاراڻي وڪٽوريا کي گديءَ تي - ھيءَ - گديءَ تي ويٺي پورا سٺ سال ٿيا سڻيو ن... ڏيھن...

ھڪ: (کلندي) سٺ ڏينھن ۽ اُٺھٺ راتيون! يار، راجائون ته سال ملھائيندا آھن.

ٻيو: بيوقوف، مھاراڻيون ڏينھن ملھائينديون آھن...

ھڪ: (ڪنڌ ڌوڻيندي) مھاراڻين جا ڏينھن ملھائي پوجا ۽ راتيون - ھون؟

(ڪلوز شاٽ. دامودر چاقيڪر جي چھري تي تناءُ آھي. ھو خبرداريءَ سان ڌيري ڌيري اڳتي وڌي رھيو آھي. رستو ماڻھن سان ڀريو پيو آھي. چاقيڪر ھڪ طرف گھوري نھاري ٿو. اسان ھنجي نظر جي نقطي کان ڏسون ٿا ته ٻئي انگريز آفيسر جھومندا جھومندا اڳتي وڌندا پيا وڃن. چاقيڪر ڪجھ تيز قدم کڻي آفيسرن کان اڳتي وڌي ٿو وڃي. رستي جي ھڪ پاسي ھڪ سنھڙي گھٽي آھي. چاقيڪر مڙي ان گھٽيءَ جي منھن وٽ بيھي ٿو رھي ۽ جڪيٽ جي اندرين کيسي ۾

مسٽر رئيڊ ۽ ليفٽيننٽ اِئوسٽ جو خون پوري هوش حواس ۾ جاڻي ٻجهي ڪيو آهي. فقط ايترو ئي نه، مان اِهو به سويڪار ٿو ڪريان ته اهو مان ئي آهيان جنهن ممبئيءَ ۾ مهاراڻي وڪٽوريا جي پتلي جي چهري تي ڏامر مليو هو. ڪورٽ اهو ضرور ڄاڻڻ چاهيندي ته مون ائين ڇو ڪيو. ان جو سبب اهو آهي ته جيئن ڀارتواسين جي دل ۾ اُتساهه جي لهر پيدا ٿئي ۽ اسان جا پائر فخر سان ودروهه جو تلڪ مستڪ تي لڳائين.

(ڪلوز شاٽ: ڪئميرا جج کي پيٽ تائين ڪَوَر ڪري رهي آهي. ڪجهه حصو ميز جو به نظر اچي ٿو. جج لڳاتار جوش ۾ ڪجهه ڳالهائي رهيو آهي پر تکي سنگيت ۾ هن جو آواز ٻڌي ٿو وڃي. سوترڌار جو آواز اچي ٿو. جج ڳالهائيندو رهي ٿو يعني هن جو منهن هلندو رهي ٿو.

سوترڌار: (فقط آواز. چهرو نه. ڪئميرا جج جي چهري تي) برطانيه حڪومت تي ڀروين ڏڪ دامودر چاقيڪر هنيو. پوءِ ته جيڪو ڏڪڻ ۽ ٺوڪڻ جو سلسلو جاري ٿيو ان جو ڪوئي حساب ئي ڪونه آهي.

هر پرانت هر پرڳڻي ۾ انقلابين ٽوليون ٺاهڻ شروع ڪيون. الهندي پارت، مهاراشٽر، راجستان، پنجاب ۽ بنگال جي ڪرانتيڪارين انگريزي حڪومت تي چوٽن مٿان چوٽون هنيون. ڏکڻي ڏيوي پارت جي آزاديءَ جي لهر هندستان جون حدون لتاڙي ٻين ملڪن تائين به وڃي پهتي.

برٽش سامراجيواد جي ظلم ۽ حيوانيت جي اُها چڪي جيڪا بلوي جي ڏيهن کان پوءِ واري عرصي کان وٺي جڙ ته بيڪار پئي هئي اها پوري جوش ۽ خروش سان حرڪت ۾ اچي وئي.

جا ڏينهن گذري رهيا هئا. چوگرد بهار ئي بهار هئي. انگريز سرڪار جي خلاف ڪوئي چون ڪرڻ وارو به ڪونه هو. ائين لڳي رهيو هو ڄڻ سڪ جا اهي ڏينهن ڪڏهن ختم ٿي ڪونه ٿيندا. يعني پارتواسي صدين تائين غلاميءَ جي زنجيرن کي سونا ڳهڻا سمجهي جسم تي پائي خوشين ۾ نچندا جهومندا رهندا.

اوچتو هي ڇاٽي ويو؟ رنگ ۾ ڀنگ ڪٿان اچي وئي؟ ڪجهه به هجي، پنو نشاني جو بلڪل پڪو آهي. مسٽر رئيد ۽ ليفٽيننٽ اِئرسٽ اتي جو اتي ئي ختم ٿي ويا! واه! ڪير آهي اهو جديد زماني جو ارجن؟

(چاپيڪر اونده ۾ غائب ٿي ٿو وڃي)

سوتردار: (فقط آواز ڇهرو نه. ڪئميرا اونده کي ڪَوَر ڪري ٿي) جديد زماني جو ارجن ڏاڍي مشڪل سان پڪڙيو. ان نوجوان جو نالو هو دامودر چاپيڪر. دامودر چاپيڪر اهو نوجوان هو جنهن سنه ١٨٥٧ع واري بلوي کان پوءِ برطانوي سلطنتشاهيءَ جي ڇاتيءَ تي ڀرپور گولي هلائي هئي! هڪ به نه، ٻه گولين ۽ ٻئي ڪامياب!

برطانيه سرڪار جو غصو ستين آسمان تي وڃي پهتو. حڪم ٿيو - پيسي ڇڏيو ان بدمعاش کي! انگريز سرڪار وٽ اهڙن بدمعاشن کي پيسڻ لاءِ هڪ شاهي چڪي هئي ان جو نالو هو: برٽش نياياليه! ڏسڻ ۾ پولي پالي ۽ معصوم پر اندرخاني ظلم ۽ بي انصافيءَ جي زنده تصوير! (ڪٽ)

درشيه-٤   ڪورٽ (اندر)   ڏينهن

(ڪلوز شاٽ. ڪئميرا دامودر چاپيڪر کي جيل ڏانهن ڪَوَر ڪري رهي آهي. هو ڪورٽ جي ڪٽگهڙي ۾ بيٺو آهي ۽ بهادرانا انداز ۾ بيان ڏيئي رهيو آهي.

چاپيڪر: هائو، مان پوريءَ عدالت ۾ قبول ٿو ڪريان ته مون

صفحي ۾ ڪيترين ئي نواڙ سان واڻيل وڏن پاون واريون کٽون پيون آهن. آس پاس ڪجهه مُوڙا ۽ لوهه جون ڪرسيون به رکيل آهن. ٻه - چار مجيون به پيون آهن. مرد، عورتون ۽ ٻار وينا آهن. سڀ هندو آهن. وچ ۾ جڳهه ڇڏيل آهي ۽ اُتي ڪدڙا نچي ڳائي رهيا آهن. ٻالڪ هيمون هڪڙي ڪدڙي جي هنج ۾ آهي ۽ هيمونءَ جي ماءُ صفحي جي هڪ ڪنڊ ڪان پيل ڪاٺ جي شاهي پلنگ تي ليٽي پئي آهي. هن جي چهري تي ماتاپڻي جي گوُرو جي چمڪ ۽ مهڪ آهي. هيمونءَ جو پتا پيسومل پنهنجيءَ زال جيٺي ٻائيءَ جي پلنگ جي پرسان پنهنجن ڪن مٽن مائٽن ۽ يارن دوستن سان بيٺو آهي. چوڌري خوشيءَ جو ماحول آهي.)

ڪدڙو: لال وڏايو ڪڪو پلي ڪري جائو

ڪورس: لال وڏايو ڪڪو پلي ڪري جائو

ڪدڙو: پلي ڪري جائو هيمون پلي ڪري جائو

ڪورس: پلي ڪري جائو هيمون پلي ڪري جائو

لال وڏايو ڪڪو پلي ڪري جائو.

(ڪدڙا موج مستيءَ ۾ نچندا رهن ٿا. هيمون هڪ ڪدڙي جي هنج ۾ جهولي رهيو آهي. ڪجهه ماڻهو ٻار تان گهورون گهوري ڪدڙن کي ڏين ٿا. اوچتو هڪ ماڻهو صفحي جي ٻاهرئين در کان اندر اچي پيسومل جي ڪن ۾ ڪجهه چوي ٿو. پيسومل تڪڙو تڪڙو ان ماڻهوءَ سان گڏ ٻاهر وڃي ٿو. جشن چالو آهي پر ڪجهه ماڻهو عجب ڀريل نظرن سان پيسومل اڪي ٻاهر ويندو ڏسن ٿا.) (ڪٽ)

درشيه-٦ پيسومل جي گهر جي اڱڻ جي ڪنڊ (اندر) ڏينهن

(ڪئميرا اڱڻ ۾ پيل چئن وڏن مٽڪن تي. ڪئميرا جي پل ٻئڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته اُهي مٽڪا ڪاٺ جي هڪ گهڙامچيءَ تي رکيل آهن ۽ پاسي ۾ گلاس پيا آهن. هڪ

(ڦاسيءَ تي لٽڪيل نوجوان. ڇهبوڪن سان ڪٽيا ويندڙ انقلابي. ٻيڙ مٿان ڊوڙايل گهوڙا. بندوقن ۽ توبن سان اڏايا ويندڙ ماڻهو. لاٺي چارج. جليانوالا باغ جو ڪوس. زمين تي پيل لاوارث لاش. ڊپ ۾ هيڏانهن هوڏانهن پناهه لاءِ ڀڄندڙ عورتون ۽ ٻار ۽ ٻيا. وغيره.)

سوترڌار: (فقط آواز. ڪئميرا انقلابين تي ٿيندڙ ظلم ڪَوَر ڪري ٿي.)

شهيدن جي اتهاس ۾ ڀارت جي اٽڪل روءِ هر پرانت جي انقلابين جو ذڪر آهي. پر الائي ڇو سنڌ جي سپوتن کي جن آزاديءَ جي يگيه ۾ پراڻن جي آهوتي ڏني، نظرانداز ڪيو ويو آهي.

ڀارت ماتا جي مستڪ تي جيڪو آزاديءَ جو مُڪُٽ ڀڄڪي رهيو آهي ان ۾ ڪجهه نگينا سنڌ پرانت جا به آهن... ۽ انهن سڀني نگينن ۾ جيڪو سڀ کان وڌيڪ چمڪي دمڪي رهيو آهي اهو آهي سنڌ جو ڳڀرو؛ عمر جي حساب سان ڀارت ماتا جو ننڍي ۾ ننڍو لاڪيٽو لال شهيد هيمون ڪالاڻي...

(پردي تي سنڌ جي نقشي ۾ هيمون ڪالاڻيءَ جي تصوير پروجيڪٽ ڪئي ٿي وڃي.)

(فيڊ آئوٽ)

فيڊ - اِن

دِرشيه-۵ ڀيسومل ڪالاڻيءَ جي گهر جو صحن (اندر) ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز هڪ ڍولڪ تي. ڪوئي ڍولڪ وڄائي رهيو آهي ۽ لاڏو ڳائي رهيو آهي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا ته هڪ ڪنڊڙو ڍولڪ تي لولي ڳائي رهيو آهي ۽ ٻيا ڪنڊڙا هن کي سُر وٺائي رهيا آهن. سکر جي شهر ۾ ڀيسومل ڪالاڻيءَ جي گهر جو وڏو صحن ماڻهن سان ڀريو پيو آهي.)

درشيہ -٧ سکر ۾ ڪليڪٽر جي بنگلي جو ڊرائينگ روم (اندر) ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز جارج پنجين جي وڏي تصوير تي. ان تصوير ۾ جارج پنجون شهنشاهي لباس ۾ ڪمر تائين نظر اچي رهيو آهي. تصوير جي هيٺان لکيل آهي:

George V King Emperor.

ڪئميرا هيٺيرو ٿي ڪري پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا تہ ديوار تي جارج پنجين جي تصوير کان سواءِ ڪجھ نظارن ۽ پکين پسن جون تصويرون بہ لڳل آهن. ڪليڪٽر جو ڊرائينگ روم ڪافي وڏو ۽ گول آهي جنهن ۾ ٻہ در آهن؛ هڪ ٻاهر لان ۾ کلي ٿو ۽ ٻيو اندر گهر ۾. چوگرد ڪافي دريون بہ آهن. درن ۽ درين تي وڏا ۽ موٽا پردا لٽڪي رهيا آهن. ڇت مان پنج جهاڙ فانوس لٽڪي رهيا آهن. ڊرائينگ روم جي ديوارن سان لڳل گولائيءَ ۾ صوفا پيا آهن. ڪمري جي وچ ۾ هڪ گول ميز بہ پئي آهي جنهن جي آس پاس اڻ صوفا ڪرسيون پيون آهن. صوفي تي ڪليڪٽر صاحب ويٺو آهي ۽ هن جي پاسي ۾ پيسومل ويٺو آهي. ڪليڪٽر ٿري پيس فل سوٽ ۾ ملبوس آهي ۽ پيسومل کي بہ سوٽ ۽ ڪوٽ پيل آهي. سڄي روم جي فرش تي قيمتي ايراني غاليچو وڇايل آهي جنهن تي خوبصورت چٽ ۽ نقش چٽيل آهن. ٻئي ڳالهائي رهيا آهن.)

ڪليڪٽر: فرسٽ آف آل مسٽر پيسُومل، ائڪسيپٽ ماءِ هارٽي ڪانگريچيوليشنس...

(پيسومل ڪليڪٽر ڏانهن نهاري ٿو)

ڪليڪٽر: ... سانگهڙ ۾ هڪ مظبوط جيل ناهڻ جو ٺيڪو توهان کي ڏنو ويو آهي.

پيسومل: (خوشيءَ گاڏڙ عجب مان) سر، سر، ٿو سر...

لوڏي پيٽ سان لڳڪي رهي آهي. ڀيسومل هڪ ماڻهوءَ سان
ڳالهه اُٿي اچي بيهي ٿو.)

ڀيسومل: هاڻي ڇو ڇاتو ڇورڻ چاهين؟

ماڌو: ٺيڪيدار صاحب، ٻيو سڀ سڪ پر ڪليڪٽر صاحب
توهان کي ياد ڪيو آهي.

ڀيسومل: (ڪجهه عجب مان) ڪليڪٽر صاحب! ڇو؟

ماڌو: سائين، مونکي جيڪو نياپو مليو آهي سو توهانکي ڏنم-
هن بعدي ڪي ٻي ڪائي خبر ڪو نہ آهي.

ڀيسومل: ڪليڪٽر صاحب جنهن وقت توکي نياپو ڏنو تہ
موڊ ڪهڙو هوس؟

ماڌو: سائين، موڊ نياپي ڏيڻ جو هوس.

(ڀيسومل شوڪي ان ماڻهوءَ ڏانهن نهاري ٿو. هو ڪجهه
سمجهي وڃي ٿو)

ماڌو: ٺيڪيدار صاحب، توهان پاڻ خود وڏي عقل ۽ علم
وارا آهيو. سڄي عمر وڏن وڏن عملدارن ۽ رئيسن سان اُٿيا
ويٺا آهيو. انهن جي نس نس کي توهان سڃاڻو. پوءِ وڏن
ماڻهن جي موڊ جو بہ ڪو ڀروسو؟ پل ۾ تولو پل ۾ ماسو.

(ڀيسومل ڪجهه گهڙي سوچ ۾ آهي. لاڏي جو جهڪو آواز
اوورلئپ ڪري رهيو آهي)

ڀيسومل: ٻي تہ ڪائي ڳالهه ڪونهي پر گهر ۾ خوشيءَ جو
موقعو آهي- ڪٿي ڪليڪٽر صاحب ڪائي اهڙي ڳالهه نہ
چوي...

ماڌو: (ڀيسومل کي آٿت ڏيندي) ٺيڪيدار صاحب، ڏڻيءَ
چاهيو تہ اُتان خوشيءَ جي هڪ ٻي خبر کڻي ايندؤ...

ڀيسومل: (خوش ٿيندي) سچ ٿو چوين؟

(اهو ماڻهو مرڪي اکيون بند ڪري هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏي
ٿو.) (ڪٽ)

لو ائنڊ هائو ٽ اينجواءِ لائيف...
ڊيسوهل: پر هاڻي آزاديءَ جي ڪجهه هوا هلڻ به لڳڻ شروع ٿي آهي.
ڪليڪٽر: ناميدل! نالي ماتر!... توهان سنڌي نصيب وارا آهيو.
ڊيسوهل: هائو سر؟
ڪليڪٽر: سنڌ ۾ ڪڏهن به جليانوالا باغ نه ٿيندو. ڪڏهن به وڏا قتلام ڪو نه ٿيندا. وڏا انقلاب ڪو نه ايندا. ڇو ته توهان سنڌي شانتي-پريه آهيو. پڙ لو پيس. توهان ٻمن ۽ ٻڌوڦن کان وڌيڪ ٻرهم ۽ انالحق تي سوچيندا آهيو. توهان کي شانتي کپي. راج ڪير به ڪري، توهان جو ان سان مطلب ڪو نه آهي.
ڊيسوهل: سر، آخر به اسين بزنس مين آهيون.
ڪليڪٽر: يس. ڪريڪٽ. بزنس مئن کي هميشه راج جو سهڪار ۽ ماحول ۾ شانتي گهرجي. بزنس ۽ ڪرانتي. ٻنهي ۾ ميل ٿيڻو ئي ناهي- نيوَر...

(ٻئي چانهه پي ختم ڪن ٿا.)

ڪليڪٽر: هي گانڌي به عجيب جيوڙو آهي- عجيب فني فقير آهي. پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ ١٩١٤ کان ١٨ تائين اسان انگريزن جو طرفدار رهيو. نه صرف طرفدار هو پر وڏو مددگار به هو. جنگ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ هو رنگروٽ ڀرتي ڪندو هو... پوءِ الائي ڇا ٿيس. دماغ ڦري ويس. ٻه سال مس گذريا ته وري اسهڪار آندولن شروع ڪيائين. اسڪول بند. ڪاليج بند. ڪورٽون بند. آفيسون بند. نانسينس.
ڊيسوهل: سر، گانڌيءَ کي اميد هئي ته جنگ جي ختم ٿيڻ تي انگريز سرڪار پارت ڇڏي ويندي ۽ اسان کي آزادي ملندي..

(ڪليڪٽر وڏو ٽهڪ ڏئي ٿو)

ڊيسوهل: پر موت ۾ مليو رولٽ ائڪٽ جو مو چڙو...

ڪليڪٽر: (مرڪندي) يس سر، يس سر- ٺيڪ، پڪو پڪو جيل ناهڻ جو ٺيڪو...

پيسومل: سر، سر، مان ڪهڙن لفظن ۾ توهان جو شڪر مڃان! آءِ ائم سمپلي ٽربل...

ڪليڪٽر: انگريز سرڪار غدارن جي لاءِ موت جي تلوار آهي ته راج- ڀڳتن ۽ وفادارن لاءِ خوشحالي ۽ آسودگيءَ جو فرشتو به آهي. اسان کي معلوم آهي ته توهين ڇا آهيو. برٽش ايمپاير لائيڪس فرينڊس لائيڪ يوُ...

پيسومل: ٿئنڪ يوُ سر! مان توهان جي هر آگيا جو پالن ڪرڻ پنهنجو ڌرم سمجهندس.

(اندرئين دروازي مان هڪ نوڪر هٿن ۾ چانهه جي ٽري کڻي ڊرائينگ روم ۾ داخل ٿئي ٿو. ٽري هال جي وچ ۾ پيل گول ميز تي رکي ٿو ۽ ادب سان اتي بيهي ٿو رهي.)

ڪليڪٽر: ڪم آن مسٽر پيسوُمل! اور گريٽ ڪانٽرئڪٽر!

پيسومل: سر، هن تڪليف جي ڪهڙي ضرورت هئي؟

ڪليڪٽر: توهان جو ئي سڌانت آهي- مهمان ڀڳوان...

(ٻئي صوفي تان اٿي گول ميز جي ڀرسان پيل صوفا جيئرس تي اچي ٿا وهن. ڪليڪٽر پنهنجن هٿن سان چانهه ٺاهي هڪ ڪوپ پيسومل جي اڳيان ٿو رکي ۽ هڪ پنهنجي اڳيان. نوڪر کي هٿ سان وڃڻ جو اشارو ڪري ٿو. نوڪر هليو ٿو وڃي.)

ڪليڪٽر: (چانهه سپ ڪندي) سڌ ٻرانت ٻين ٻرانتن جي ڀيٽ ۾ نائيس ٻرانت. سڌي ماٿهو امن پسند، شانت، راج-ڀڳت، وفادار، پنهنجي ۽ راج جي خوشحالي چاهيندڙ! مسٽر پيسومل، ويري سينسيبل پيپل... نه ڪرانتي. نه غداري. نه تباهي. نه تاراج. گهڻي ڀاڱي توهان سڌي چڱيءَ طرح ڄاڻو ته هائو سد

فيڊ - اِن

ڊرشيہ-٨ سکر جي هڪ دربار (اندر) ڏينهن

(ڪئميرا ڪلوز گرو گرنٿ صاحب تي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسين ڏسون ٿا ته بابا گرچرڻ سنگهه گرنٿ صاحب کولي وچن وٺي رهيو آهي. هو رومال لاهي پنيان ڪري ٿو. گرنٿ صاحب جي ٻنهي پاسن جي صفحن کي هٿن سان سهلائي، هٿ جوڙي ۽ پوءِ هٿ اکين سان ڇهائي ٿو. باباجي سامهون نيڪيدار ڀيسومل ويٺو آهي ۽ شرڌا سان گرنٿ صاحب تي چئور لوڏي رهيو آهي. هن جي مٿي تي وڏو رومال رکيل آهي. بابا جي مٿي تي پڳڙي ٻڌل آهي، جنهنجو رنگ پيلو آهي. بدن تي ڪڙتو، اڇي رنگ جو پيو اٿس ۽ هيٺان تنگ پاجامو. ڪمر وٽ ڪرپاڻ لٽڪي رهيو اٿس. هن جي ڏاڙهي سفيد آهي ۽ مڇون وٽيل اٿس. شايد هاڻي هاڻي سنان ڪري آيو آهي ان ڪري ڏاڙهيءَ تي پٽي ٻڌل اٿس جنهن جي ڳنڍ مٿي پڳ وٽ ٻڌل اٿس. چهري تي نور اٿس ۽ اکين ۾ گيان ۽ ڀڳتيءَ جو تيج. بابا گرچرڻ سنگهه گرنٿ صاحب مان وچن وٺي ٿو.)

بابا گرچرڻ سنگهه: (وچن وٺندي)

راڳ گؤڙي پوربي محلا پانچوان ॥

ڪرءُ بينتي سنهه ميري ميتا،
سنت ٽهل کي بيلا ॥
ايها کاٽ چلهه هري لاها
آگي بسن سهيلا ॥۱॥
اؤڌ گهٽي دنس رئڻا ري ॥
من گر مل ڪاج سنواري ॥
اِڪ رهاءُ ॥

(ڪليڪٽر وڏو ٽهڪ ڏئي ٿو)

پيسومل: چڱو سر، ڇڏيو اهي اجايون ڳالهيون. حاڪمن جا داو-پيچ حاڪم ڄاڻن. مون کي اجازت ڏيو.

(ٻئي اٿي ٿا بيهن)

ڪليڪٽر: اڄ ته مون توهان کي اِن-فارمل انفارميشن ڏني. سڀاڻي شام جو ميٽنگ ڪوٺائي اٿم. ڪجهه آفيسر ۽ ڪجهه انجنيئر به ايندا. توهان به اچجو. بلو پرنٽ جي باري ۾ سوچبو. جيل تمام پڪو ۽ مضبوط هجڻ گهرجي.

پيسومل: توهان جيل جي مضبوطيءَ تي ايترو زور ڇو ڏئي رهيا آهيو، سر؟

ڪليڪٽر: ڇو ته ان جيل ۾ سنڌ جا ناميارا چور ۽ ڌاڙيل بند ڪيا ويندا. اڄ ملڪ جي اهڙي اچي حالت ٿي آهي جو چور ۽ ڌاڙيل ۽ ڌاڪو ۽ خوني به انقلابي ۽ وطن پرستي ٿا سڏيا وڃن. گاڊ نوز. هن ملڪ جو آئينده الائي ڇا ٿيندو؟ ٽوٽلي رانگ قسم جا سنسڪار پريا ٿا وڃن نوجوانن ۾!

پيسومل: ته ان جيل ۾ ڪرانتيڪاري به قيد ٿي ٿا سگهن؟

(ٻئي هلي به رهيا آهن ۽ ڳالهائن به ٿا)

ڪليڪٽر: ممڪن آهي. ديئر از پاسيبلٽي...

پيسومل: (هٿ وڌائي) چڱو سر، هاڻي مونکي آگيا ڏيو.

(ڪليڪٽر مرڪي پيسومل سان هٿ ملائي ٿو. پيسومل در کولي ٻاهر نڪري ٿو وڃي. ڪليڪٽر هن ڏانهن ڪجهه دير نهاري ٿو ۽ پوءِ ڪمري ۾ اندرئين طرف مڙي ٿو ۽ ٽيبل ڏانهن وڃڻ لاءِ اڳتي وڌي ٿو. ڪئميرا هن کي بنيارو ڪلوز ڪري ٿي.) (ڪٽ)

بالڪ اُتي ديا درشٽي رهي ڪرپا درشٽي رهي
سورج چاند بڌڪي ساري جڳت پر چمڪي
(پيسومل ڏانهن منهن ڪري)

باباجي: پيسومل، بالڪ جو نالو ڇا رکيو اٿؤ؟
پيسومل: هيمون - هيمون پيسومل ڪالاڻي
باباجي: هيمون- ڪالاڻي...

(باباجي صندل تان هيٺ لهي ٿو اچي. پيسومل به هن جي پوسان ٿو اچي بهي. ٻئي ڪجهه قدم اڳتي وڌي هيٺ دريءَ تي وڇايل غاليچي تي ويهي ٿا رهن. دربار جي ديوارن تي ڏهن پاتشاهين جون وڏيون وڏيون تصويرون ٽنگيل آهن. هڪ طرف امرتسر جي سوني دربار جي وڏي تصوير ٽنگيل آهي. هڪ طرف گرو گوبند سنگهه جي ٻن ننڍن پٽن جي ديوار ۾ چڻائي وڃڻ جي تصوير به ٽنگيل آهي. هڪ ديوار تي ٽنگيل تصوير ۾ گرو گوبندسنگهه کي وير ويش ۾ چنڊي - ديويءَ جي پوڄا ڪندو ڏيکاريو ويو آهي.)

پيسومل: باباجي، منهنجي هيمونءَ جي تقدير ۾ ڇا لکيل آهي؟- هونئن ته بالڪ نصيبن وارو ٿو لڳي. هيڏانهن هن جو جنم ٿيو ۽ هوڏانهن سرڪار مونکي سانگهڙ ۾ پڪو ۽ مضبوط جيل ناهڻ جو ٺيڪو ڏنو...
باباجي: (ڄڻ مستقبل ۾ نهاريندي) پڪو ۽ مضبوط جيل ناهڻ جو ٺيڪو... بالڪ جو جنم...
پيسومل: حڪومت کي قيد ۾ رکڻ لاءِ جيل...
باباجي! حڪومت کي قيد ۾ رکڻ لاءِ جيل يا... يا...
پيسومل: يا ڇا بابا؟ يا ڇا؟
باباجي: ڪجهه به نه پيسومل. ڪجهه به نه- هائو ، هائو، توهان جو بالڪ تمام وڏو تقدير وارو آهي. تقدير جو سڪندر. پيسومل،

اِهُ سنسار بڪار سنسي
مهتڙئو برهم گياني ॥
جسهه جڳاءِ پيئاوئہ اِهُ رس
اَڪت ڪٿا تن جاني ॥ ٢ ॥
جاڪئہ آئي سوئي بها جهه
هري گر تي منهه بسيرا ॥
نج گهر محل پاوهہ سک سهجي
بهر نہ هوئگو ڦيرا ॥ ٣ ॥
انترجامي پوکہ بڌاتي
سر ڏامن ڪي پوري ॥
نانڪ داس اِهي سکہ ماگئہ
موڪئہ ڪر سنتن ڪي ڌوري ॥ ۴ ॥ ۵ ॥
ست سري اَڪال !
بولي سو نهال !
پيسومل: (شرڌا مان) ست سري اڪال!
(بابا گرنٿ صاحب کي هٿ جوڙي، رومال چاڙهي وري هٿ جوڙي اڳين تي رکي ٿو. پيسومل صندل جي هڪ طرف چڌور رکي ٿو ۽ هٿ جوڙي گرنٿ صاحب جي اڳيان بيهي ٿو رهي.)
باباجي: پيسومل گرو بابا جي مهر سان سک آنند تہ آهي؟
پيسومل: بابا، سچي پاتشاهہ گرونانڪ ديو جي ڪرپا سان مونکي لکن جو لال مليو آهي.
باباجي: لک لک واڌايون هجني پيسومل!
(هٿ جوڙي اڳيون بعد ڪري ارداس ڪري ٿو)
باباجي: آئي صورت راضي رهي
تني واءُ نہ لاڳي، وار نہ ونگا هوئي
هي سچي پاتشاهہ بابا نانڪ ديو جي

جي اسٿنيءَ ۾ رچيل شلوڪ وايو منڊل ۾ گونجي رهيو آهي. سلوڪ جي وچ ۾ هنومان جو ڪلوز شاٽ ڏنو ٿو وڃي.

منو جوَم مارُوت تليه ويگم،
جتيندريہ بڌيمتام وَرشٽم!
واتاتمجم وانريوٿ مکيم،
شري رام دوتم شرڻم پرپديي!!

ڪئميرا اچا وڏيڪ پوئتي هٽي ٿي ۽ اسين ڏسون ٿا ته سڄو جي آکاڙي ۾ ڪيترائي نؤجوان لنگوٽي پائي جدا جدا قسمن جون ورزشون ڪري رهيا آهن. ڪي مگدر هلائي رهيا آهن؛ ڪي لٺ ڦيرائي رهيا آهن؛ ڪي بيٺڪون ڪري رهيا آهن؛ ڪي ڏنڊ ڪڍي رهيا آهن ۽ ڪي ملهون وڙهي رهيا آهن. سڄو آکاڙو "هو هو ها ها هلات هون" وغيره جي هلڪن آوازن سان ڀريو پيو آهي. آکاڙي ڪي وڏو شاهي ميدان آهي جتي نؤجوان ورزشون ڪري رهيا آهن. سامهون وڏو ورانڊو آهي جنهن ۾ ٻ- ٽي واڻ واريون سسٽيون کٽون پيون آهن ۽ ڪجهه منجيون ۽ ڳوٺيون به پيون آهن. آس پاس ڪسرت ڪرڻ ۾ ڪم ايندڙ سامان به پيو آهي. ورانڊي جي پٺيان قطار ۾ چار ڪمرا ٺهيل آهن جن مان ٻن جا دروازا بند آهن ۽ ٻن جا کليا پيا آهن. ورانڊي ۾ کٽ تي گرو گجيندرناٿ ـ ننگي بدن فقط سفيد تهمد پائي ويٺو آهي. مٿي تي ننڍا وار ۽ وڏي چوٽي اٿس ۽ ڪلهي تي جڻيو پيو اٿس. پيرَ اگهاڙا اٿس. ڪجهه نؤجوان آس پاس ويٺا اٿس.)

گرو: هي شرير هڪ مندر آهي جنهن ۾ پرماتما جو نواس آهي. پرماتما جي هن امولڪ مندر کي نه فقط صاف سٿرو رکڻو آهي پر مضبوط ۽ تندرست به رکڻو آهي. مهان شير مردو، سوامي وويڪانند جا هي وچن هميشه ياد رکجو ته بلوان شرير ۾ ئي

مونکي لڳي ٿو هيمون سنسار پيو ۾ نالو ڪيندو.

پيسومل: شبد ۾ ڇا نڪتو باباجي؟

باباجي: ڪرڻ بينتي سڻهه ميري ميتا
ستت ٿهل ڪي بيلا.

پيسومل، توهانجو هيمون پرماتما جو چونڊيل مهان پرش آهي. هو هن سنسار ۾ ڪوئي مهان ڪاريه ڪرڻ لاءِ آيو آهي. ستت ٿهل ڪي بيلا!... سنسار ۾ جيڪو به انسان پرو پڪار لاءِ، پر پلي لاءِ ڪجهه به ڪري ٿو ته اهو ڪاريه سنتن جي ٿهل آهي، سيوا آهي!

(پيسومل اُٿي ٿو)

پيسومل: (هٿ جوڙي) چڱو بابا جي ست سري اڪال!

باباجي: ست سري اڪال!

(پيسومل دربار کان ٻاهر وڃي ٿو. ڪئميرا باباجيءَ جي پوٽيل پر گيان ۽ ڀڳتيءَ سان رڱيل اکين تي.)

(فيڊ آئوٽ)

درشيه-٩
فيڊ - اِن

سکر جو آڪاڙو (اندر) صبح

(ڪئميرا ڪلوز مهاوير هنومان جي لال مورتيءَ تي. مورتي پٿر جي ٺهيل آهي ۽ اُن ۾ پوَن - پتر هنومان گدا سميت آڪاش ۾ اُڏامندو ڏيکاريو ويو آهي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسين ڏسون ٿا ته هڪ شاهي پپل جي وڻ جي هيٺان انجلي - پتر هنومان جو هڪ ننڍڙو مندر استاپت ڪيو ويو آهي. پپل جي وڻ ۽ مندر جي چوگرد گول چبوترو آهي جيڪو زمين کان ٻه ڪن فوٽ اونچائيءَ تي آهي. ڪئميرا جي فوڪس ۾ هن وقت پپل جو وڻ، مندر ۽ چبوترو آهي. هنومان

هيمون: (او چتو اچي ڪري) گرو جي نمسڪار...

(گرو هٿ سان آشيرواد ڏئيس ٿو)

هيمون: ... پرتاپ، ڪير اِنَ ڏهن غونڊن بدمعاشن جا خون ڪندو ۽ سنڌ جو هيرو سڏائيندو؟

پرتاب: تون هيمون، ٻيو ورِي ڪير!

گرو: هيمون، مون توکي ان لاءِ سڏايو ته توکان پڇان ته ترڻ ۾ ڪيترو واڌارو ڪيو اٿيئي.

هيمون: گرو جي، توهان جي ڪرپا سان مان لئمس ڊائون پل تان ٽپو ڏيئي، سنڌو نديءَ جي ٻئي ڪناري تائين ترندو وڃي پهچندو آهيان.

ڏيون: ڪوڙ- گرو جي بلڪل ڪوڙ- هيمون ته نالي به ٻيڙيءَ ۾ چڙهي پار ڪندو آهي.

(گرو مرڪي ٿو. هيمون ان نؤجوان ڏانهن مذاق مان شوڪي نهاري ٿو.)

گرو: اڄ شام جو اسان پاڻ تنهنجو اهو ڪمال ڏسنداسين.

هيمون: اها منهنجي خوشنصيبي چئبي. مان تيار آهيان بلڪ مان ته چاهيندس توهان ۽ منهنجا هي ساٿي نديءَ جي ٻئي ڪناري تي منهنجو انتظار ڪجو ۽ مان ترندو ترندو توهان سان اچي اتي گڏبس.

ڏيون: ۽ جي وچ ۾ ڪائي شرارت ڪرين ته؟

هيمون: تون دوربيني کڻي لئمس ڊائون پل تان مونکي ڏسندو رهج.

چوڏون: اڳو پوءِ هن ڪبوتر کي به پاڻ سان تاريندو اچج.

ڏيون: (ڏڪڻ جو مڪر ڪندي) نه بابا، نه! مونکي وچ نديءَ ۾ ٻوڙي ڇڏي. (سڀ کلن ٿا)

گرو: ته پوءِ ٻڌو گرام پڪو؟

بلوان آتما نواس ڪري ٿي. جيڪو مندر طوفان جي هڪ ٽڪ سان ئي ڏڏي وڃي يا ڊهي اچي پٽ پوي ان مندر ۾ نه ڪوئي ديوتا نواس ڪرڻ چاهيندو ۽ نه پرماتما... اهڙي ڪنڌ ۾ فقط ڪمزور ۽ گهٽ دماغي اپراڌي ئي شرڻ وٺندا... منهنجا پيارا بالڪو، ويايام يا ورزش به هڪ قسم جي اُپاسنا آهي، پوڄا آهي، ساڌنا آهي ۽ تپسيا آهي... پر، هيمون ڪٿي آهي؟

هڪ: (اشارو ڪري) اوهيو. سامهون ڏنڊ پيو ڪڍي.

گرو: سڏيندس...

(هڪڙو نوجوان پهي جي ٽڪر تي ڪڇ لڪي پٿر ۾ ويڙهي هيمون ڏانهن اچلي ٿو. ڪئميرا هيمون ۽ کي فوڪس ۾ آڻي ٿي. هو ڏنڊ ڪڍي رهيو آهي. سڄو بدن پسيني سان شل ٿي ويو اٿس. هو قداور ۽ بدن جو سگهارو آهي. او چتو هڪ پٿر اچي ٿو هن جي پرسان ڪري جنهن تي ڪوئي پدو ويڙهيل آهي. هيمون ڏنڊ ڪڍڻ روڪي اٿي بيهي ٿو ۽ پٿر تي ويڙهيل پدو لاهي ۽ کولي پڙهي ٿو.)

هيمون: (پڙهندي) گرو جي توکي ياد ڪري رهيا آهن. جلدي اچ... سيدي ٽيڙن سوڏو... (سامهون نهاري) شيطان - بي ايمان... ڪنهن ڏينهن تنهنجو متو مگدر سان ڦاڙيندس...

(وراندي ڏانهن وڃڻ شروع ڪري ٿو. ڪئميرا گرو ۽ تي.)

هڪ: هيمون اچي رهيو آهي.

گرو: ڏاڍو لائق ۽ گڻوان ڇوڪرو آهي. هيمون ضرور دنيا ۾ ڪوئي مهان ڪاريه ڪندو ۽ نالو ڪيندو...

ٻيو: اڻ ڏهن غونڊن بدمعاشن جا خون ڪندو ۽ سڏ جو هيرو سڏائيندو...

درشيہ-١٠/ب سندو درياہ جو ڪنارو (ٻاهر) شام

ماحول درشيہ ١٠/الف جھڙو. گرو ۽ نؤجوان هيمون جي تري اچڻ جو انتظار ڪري رهيا آهن. ميڊيم شاٽ. درياہ نظر ڪو نہ اچي رهيو آهي.

هڪ: اڃھو پھتو.

ٻيو: آخر هيمون آهي ڪوئي اڳڙين جو ٿھيل گڏو ڪونهي.

ٽيون: منهنجو شير پھچي ويو.

(لانگ شاٽ. ڪئميرا درياہ جو ڪناري وارو ڪجھہ حصو بہ ڪَوَر تي ڪري. هيمون ترندو ڪناري طرف وڌي رهيو آهي. هو ڪناري کان پنج فوٽ ڪن پري آهي. گرو ۽ هيمونءَ جا ساٿي ٻانهون کولي هيمونءَ کي ڀاڪر ۾ ڀرڻ لاءِ تيار ٿيا بيٺا آهن. هيمون ڪناري تائين پھچي ٿو وڃي ۽ گرو هن کي زور سان ڪٽي ٿو گلي لڳائي. هيمونءَ جا دوست هو جمالو جي مڌر ڌن تي نچڻ لڳن ٿا. گرو ۽ هيمون هڪ ٻئي ڏانهن نهارن ٿا. هيمون جي چھري تي وجيہ جي مسڪان آهي ۽ گروءَ جو چھرو گرو ۽ فخر جي پرڪاش سان ٻھڪي رهيو آهي. نؤجوان هيمونءَ کي چڪي پنهنجي دائري ۾ آڻن ٿا. گرو هڪ طرف کان ٻھي هنن جي خوشي ڏسي خوش ٿي رهيو آهي. نؤجوان هيمونءَ جي چوگرد دائرو ٺاهي نچن ۽ ڳائن ٿا.)

نوجوان (ڪورس): هيمون ڪٽي آيو خير سان

هو جمالو

هڪ: لڪ لدگھي آيو خير سان

ڪورس: هو جمالو

هڪ: هيمون ڪٽي آيو خير سان

ڪورس: هوجمالو

هوجمالو - هوجمالو - هوجمالو - هوجمالو

هيمون: پڪو.

(سڀ خوشيءَ ۾ تپا ڏين ٿا ۽ چيڀُون ڪن ٿا. ڪئميرا گروءَ ۽ هيمونءَ جي مرڪندڙ چهري تي.) (ڪٽ)

درشيه-١٠/الف سنڌو درياهه جو ڪنارو (ٻاهر) شام

(ڪئميرا ڪلوز آڪاڙي جي گروءَ تي. هو درياهه طرف نهاري رهيو آهي.

گرو: (ساراهه ڀريل لهجي ۾) ڌنيه آهن اُهي ماتا پتا جن هيمون، او سنڌ جا املڪ لال، توکي جنم ڏنو آهي. ڪير ٿو چوي ته اسلام جي آمد کان پوءِ هندن ۾ هيڻائي گهر ڪري وئي آهي! اُهي اچن ۽ اچي هن لال جو همت ۽ حوصلو ڏسن! وڌاتا وڏي ڪنجوس هوندي آهي. هوءَ روپ، ڌن، وديا، ٻڌي ۽ جوانمردي مشڪل سان ڪنهن هڪ کي گڏ ڏيندي آهي. هيمون تون انهن ورلن ڀاڳيشالين مان هڪ آهين جنهن کي وڌاتا دل کولي سڀ ڪجهه ڏنو آهي... سڀ ڪجهه ڏنو آهي.

(ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسين ڏسون ٿا ته آڪاڙي جو گرو ۽ هيمونءَ جا ڪيترائي ساٿي سنڌو درياهه جي ڪناري تي بيٺا آهن ۽ درياهه ڏانهن نهاري رهيا آهن.)

هڪ: (اشارو ڪري) اوهيو هيمون! ترڻ ۾ ڇا ته شاندار لڳي رهيو آهي!

(گروءَ سوڌا سڀ اِشاري طرف نهارن ٿا)

(ڪٽ اُوي)

درشيه-١٠/ب سنڌو درياهه (ٻاهر) شام

ميڊيم شاٽ. هيمون سنڌو درياهه ۾ ترندو ترندو ٻئي ڪناري ڏانهن وڌندو ٿو وڃي. ڪئميرا ڪجهه دير هيمونءَ کي جدا جدا ڪنڊن کان ڪَوَر ٿي ڪري. هيمون ٿڪل بلڪل ڪونه ٿو لڳي. هو آرام سان تري رهيو آهي. (ڪٽ بئڪ)

اڪبر الائي جو ڏاڏائيءَ جي خيالن ۾ ڪو ٻيل هو، الائي ميدا ٻزار لڳڻ جي تاريخ ياد ڪري رهيو هو...

(اُن وقت ٻه نوجوان اُتي ٿا. هڪڙو ملاح ٻڌجي ٻيڙي هلائڻ جو ڏيکاءُ ٿو ڪري ۽ ٻيو اڪبر جي شان ۽ طومان جو نقل ڪندي ڊبڊبي سان ملاح جي پٺيان ويهي ٿو رهي. هاڻي ڪئميرا جو فوڪس ملاح ۽ اڪبر تي آهي)

ملاح: (رڙ ڪري) حضور...

اڪبر (ڇرڪ ڀري): ڪير آهي؟ ٻيربل! رحيم! ٽوڏرمل! هي ڪهڙي گستاخ اسان کي حرمخاني مان ڇڪي باگلخاني ۾ اچي ڦٽو ڪيو؟ اسان ڪٿي آهيون؟

ملاح: سائين، توهان سنڌو درياه ۾ ٻيڙيءَ جو سئر ڪري رهيا آهيو. توهان جا نوَ ئي رتن دور دهليءَ ۾ دهل وڄائي رهيا آهن.

اڪبر: پر ملاح! تو اسان کي رڙ ڪري ڇو ڇرڪائي ڇڏيو؟

ملاح: حضور جن اڌ ننڊ ۽ اڌ جاڳ ۾ سنڌيءَ ۾ ٻڙ ٻڙ ڪري رهيا هئا. سو سائين عجب مان هن ٻڌندي ڪان رڙ نڪري ويئي!

(اڪبر ڪنڌ ڌوڻي ٿو)

ملاح: حضور ڇا ٽوڏرمل توهان کي سنڌي سيکاريندو آهي؟

اڪبر: اڙي مورک ملاح! توکي خبر ناهي ته اسان جو جنم ئي سنڌ ۾ ٿيو هو. عمرڪوٽ ۾ اسين ڄاوا هئاسين.

(فخر سان ڪنڌ اڪڙائي ٿو.)

ملاح: ماں ٻه ڇوان دهليءَ جا بادشاه ايڏا سياڻا ته ڪونه هوندا آهن. هاڻي وڃي ڪوڙو پڳم. اڇا - اڇا. توهان سنڌي آهيو. نيڪ آهي. نيڪ آهي.

اڪبر: ملاح! ڇا سنڌ جي زمين اهڙي ئي گٽن ڀري آهي؟

ملاح: حضور ڇوٽي آهي ۽ بلڪل سچي آهي ته سنڌو درياه

(ڪجهه دير نؤجوان هيمون ۽ جي چوڌرد نچندا رهن ٿا ۽ پوءِ هيمون ۽ کي به پاڻ سان گڏ نچائن ٿا. آخر گروءَ جي اشاري تي هيٺ زمين تي ويهي ٿا رهن. سنڌيا جو سوڄ سونهري ڪرڻن سان درياه جي لهرن کي ازحد خوبصورت بڻائي رهيو آهي.)

گرو: هيمون، تنهنجن سائين تنهنجي سواگت لاءِ هڪ ننڍڙو ڇهڇٽو تيار ڪيو آهي.

هيمون: واه!

گرو: ڏسڏين ته طبعيت خوش ٿي ويندءِ...

(نؤجوانن ڏانهن نهاري) ڪريو شروع...

هڪ: (اٿي بيهي) دوستو، هيءَ اڪبر جي زماني جي، يعني سورهين صديءَ جي پوئين اڌ جي عرصي جي، هڪ اتهاسڪ گهٽنا آهي جنهنجو ذڪر توهان کي آئين اڪبريءَ جي ڪنهن به صفحي تي ڪو نه ملندو ۽ ان غفلت جو ڪو به سرڪاري بهانو اسان کي يعني توهان کي مغلن سان وابسته ڪنهن به ناياب-ناياب ڪتاب يا ڪتابڙيءَ ۾ ڪو نه ملندو. هن سچيءَ گهٽنا جو واسطو سنڌ سان بلڪ سنڌو درياه سان آهي...

ٻيو: (اوچتو اٿي ڪري) ٿي ٿو سگهي سائين تو ڏرمل سنڌيءَ جي صلاح سان اڪبر اها گهٽنا اڏائي ڇڏي هجي...

هڪ: ويهه يار، ويهه! اهو ته اسان به سمجهون ٿا. جنهن سنـ سنڌي هجي، اٿي ڪجهه به ٿي سگهيٿو.

(ٻيو نؤجوان وهي ٿو، سڀ هلڪي کل کلن ٿا)

هڪ: هڪڙي دفعي اڪبر اڪيلو هن سنڌو درياه ۾ نؤڪا-وهار ڪري رهيو هو. اج جيان ئي شام جو وقت هو. سوڄ آرام ڪرڻ لاءِ اولهندي طرف ڏانهن ترندو ٿي ويو. ميرانهر ذاري ذاري ٻيڙي به هلائي رهيو هو ۽ ٻيڙي به چڪي رهي هئي.

بيڙيءَ ۾ به هڪڙو مسافر ڪو تيلهو وساري ويو. مان به پيءُ وانگر اُهو تيلهو گهر کڻي آيس. جڏهن ان جو مالڪ مون وٽ آيو ته مان بلڪل اَلي ويس ۽ قسم کڻي چيومانس ته مونکي ڪو به تيلهو ڪو نه مليو آهي. هاڻي قبلا، توهان پاڻ ئي فيصلو ڪريو ته راڄ ڪنهنجو سٺو آهي. آخر به توهان سنڌ ۾ ڄاوا آهيو ۽ دهليءَ جي تخت جا والي آهيو.

(ٻئي نؤجوان استيڇو تي ٿا وڃن. ٻيا سڀ زور زور سان کلن ۽ تاڙيون وڄائن ٿا. گروءَ جو ڪلوز اپ.)

گرو: يٿا راجا تٿا پرجا! (ڪٽ)

درشيه -١١ آکاڙو (ٻاهر) صبح

ڪئميرا ڪلوز هيمونءَ جي اُداس چهري تي. هو گنڀير آهي ۽ لڳي ٿو سڄي رات ننڊ ڪو نه ڪئي اٿائين. ڪئميرا ڪجهه پل ٻئڪ ڪري ٿي ته اسين ڏسون ٿا ته هيمونءَ سان گڏ آکاڙي جو گرو جي به ويٺو آهي ۽ ٻئي هنومان جي مندر جي چؤگرد نهيل چبوتري تي ويهي پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا آهن. گرو جي به گنڀير آهي.

هيمون: ڪلهه شام واري ڇهڻي تي منهنجو دماغ ئي ڦيري ڇڏيو آهي. يٿا راجا تٿا پرجا! يعني پرجا راجا جي هر معاملي ۾ پيروي ٿي ڪري؟

گرو: ڪري ٿي. برابر ڪري ٿي. ان لاءِ پٽ، راجا ٿيڻ، وڏو ٿيڻ ڪو سؤلو ڪم ڪو نه آهي. جيڏا اٺ تيڏا لوڏا. جيڏو وڏو پد اوڏيون وڏيون جوابداريون.

هيمون: پر انگريز سرڪار جا ته افعال ئي الٽا آهن. جيڏي وڏي اوڏي جڏي. نه انصاف، نه رحم، نه قدر، نه انسانيت، نه شرافت، نه حياءُ، نه شرم. فقط سوارٿ ئي سوارٿ ؛ فقط خود غرضي ئي خود غرضي.

جو پلو ۽ سنڌيءَ جو ڪلو، جيڪو ڪائي تنهنجو ٽنهي لوڪن ۾ ڀلو. سنڌ جا ڏاهري به ٻين ملڪن جي ڏاهن کي ڏهن ڪوهن تي ڪوسن ڪوهرن وانگر وڪٽي اڇن.

اڪبر: جي ائين آهي ته مونکي هڪ سوال جو جواب ٻڌاءِ.

ملاح: هڪ جو ڇا، مان سؤن سوالن جا جواب ٻڌايانءَ. حضور، جڏهن به دهليءَ ۾ ڪوئي مسئلو درد - سر پيدا ڪريوَ ته هليا اچجو سنڌ ۾. سنڌ جي مٽيءَ جي مشڪ پاڻهي سڀ مسئلا ۽ مشڪلاتون مٽيءَ ۾ ملائي توهان جي دل و دماغ کي ترو تازا ڪري ڇڏيندي.

اڪبر: ملاح، سوچي ٻڌاءِ ته ڪنهنجو راڄ سٺو آهي: منهنجي ڏاڏي بابر جو: منهنجي پيءُ همايونءَ جو يا منهنجو؟

ملاح: (ڪجهه سوچي) جيئندا قبلا! ان جي جواب ۾ مان توهان کي هڪ ڪهاڻي ٿو ٻڌايان. ان ۾ ئي توهان جي سوال جو جواب لڪيل آهي. ٻڌو...

جڏهن توهان جو ڏاڏو بابر بادشاهه راڄ ڪندو هو ان وقت منهنجو ڏاڏو به مون وانگر ٻيڙي هلائيندو هو. هڪ دفعي ڪو مسافر پنهنجي قيمتي ڳنڍڙي ڏاڏي ميان جي ٻيڙيءَ ۾ وساري ويو. منهنجي ڏاڏي تڪليف وٺي ان مسافر کي وڃي ڳولهي لڌو ۽ ڳنڍڙي وڃي گهر پهچائي آيو. بهترين زمانو هو. توهان جي پيءُ همايون بادشاهه جي ايامڪاريءَ ۾ وري منهنجو بابو سائين ٻيڙي هلائيندو هو. سندس ٻيڙيءَ ۾ ڪوئي مسافر پنهنجو ٿيلهو وساري ويو. منهنجو پيءُ چپ چاپ اهو ٿيلهو گهر کڻي آيو. ڪيترن ڏينهن کانپوءِ اهو مسافر پتو پڇندو پڇندو منهنجي ابا جن جي گهر آيو ۽ پنهنجو ٿيلهو وٺي ويو. بهتر نه چوندس پر وري به سٺو زمانو هو. توهان جي راڄ ۾ وري مان ملاح ٻڍو آهيان ۽ ٻيڙي هلايان ٿو. ڪجهه ڏينهن ٿيا ته منهنجيءَ

غلاف هو ۽ پورسپور سهڪار جي اصول ۾ وشواس رکندو هو.
هيمون: سمجهيم. ان ڪري سنڌ جو جن اسهڪار آندولن
سان جذباتي رشتو جڙي ويو.
گرو: بلڪل ٺيڪ. سنڌ ۾ چونڊن جو بهشڪار ٿيو. ووٽون
جي بهشڪار جي معاملي ۾ سنڌ سڄي هندستان ۾ پهريون
نمبر بيٺي جو هتي گهٽ ۾ گهٽ ووٽ داخل ٿيا. شاگردن
اسڪولن ۽ ڪاليجن جو بهشڪار ڪيو. ڪيترن ئي وڪيلن
پڻ مهاتما جو سڏ اونائي وڪالت جو تياڳ ڪيو ۽ قومي
ڪورٽون جاري ڪيون جتي لوڪ اچي پنهنجا تڪرار فيصل
ڪرائڻ لڳا... هيمون، توکي اهو ٻڌي خوشي ٿيندي تہ اسان
جي شهر سکر جي قومي ڪورٽ ان ڏس ۾ خاص نالو ڪڍيو.
هيمون: گروجي، مونکي تہ انهن ڳالهين جي خبر ئي ڪونہ
هئي پر... پتا راجا تتا پرجا جي ليکڪ جي ڳالهہ تہ وچ ۾ ئي
رهجي وئي.
گرو: ٻڌ. ان ڇهڙي جو ليکڪ آهي ليلارام ڦيرواڻي. هو هڪ
اتساهي ۽ پڪو وطن پرست نوجوان آهي. اسهڪار آندولن جي
ڏينهن ۾ هو بامبي جي گرانٽ ميڊيڪل ڪاليج ۾ پڙهندو هو.
مهاتما گانڌيءَ جي اسهڪار آندولن جو هن نوجوان جي دل
تي اهڙو تہ اثر ٿيو جو ميڊيڪل ڪاليج ڇڏي پنهنجي جنم
جنم استان شڪارپور ۾ هليو آيو ۽ قومي هلچل ۾ سرگرم ڀاڱو
وٺڻ لڳو. هن نوجوان جي جوشيلن ڀاشڻن نوجوانن جي دل ۽
دماغ تي اهڙو تہ اثر ڪيو جو ڪيترا نوجوان سڀ ڪجهہ تياڳي
قومي هلچل ۾ ٽپي پيا. ڦيرواڻي آگ جو شعلو آهي شعلو! اڳتي
هلي انهيءَ نوجوان شڪارپور مان "وطن" نالي اخبار ڪڍي ۽
ان اخبار ۾ ئي "پتا راجا تتا پرجا" واري رچنا ڇپي هئي.
سرڪار جي جي- حضورين کي ان ۾ بغاوت جي بوءِ ڏسڻ ۾

گرو: ان ڇهڙتي لکڻ جو مقصد ئي اهو هو ته عام جنتا جي سامهون انگريزن جي سچي پر گهڻوني ۽ بدزيبي تصوير ظاهر ٿئي.

هيمون: پرچيل اشاري ۾ آهي.

گرو: ان اشاري به غضب ڪيو هو. ان ڇهڙتي جي ليکڪ کي سزا ڀوڳڻي پئي هئي.

هيمون: ليکڪ کي سزا؟ پر ڇو؟ ڪهڙو گناه ڪيو سو ليکڪ؟ پر گرو جي، ليکڪ هئو ڪير؟

گرو: هيءَ ان وقت جي ڳالهه آهي جڏهن اڃا تون ڄائو به ڪونه هئين. مهاتما گانڌيءَ ١٩٢٠ جي پوئين اڌ ڌاري اسهڪار آندولن چالو ڪيو. ان اهنسڪ اسهڪار آندولن چالو ڪيو. ان اهنسڪ اسهڪار واري تحرڪ جو سنڌ تي به ڪافي اثر ٿيو. ان جو هڪ وڏو سبب اهو به هو جو انهيءَ سال يعني ١٩٢٠ جي شروع ۾ لوڪمانيه بال گنگاڌر تلڪ جي مهاراج سنڌ جو دورو ڪيو هو. سنڌين تلڪ مهاراج جي شاهاڻي آجيان ڪئي هئي ۽ جنهن ڪٿي کيس جلوس ۾ گهمايو هو. ڪيترن هنڌن تي کيس مان - پتر ڏنا ويا. شهر ۽ بازاريون نئين‌ءَ ڪنوار وانگر سينگاريون ويون. ڪيترن هنڌن تي سرگس ۾ لوڪمانيه تلڪ مهاراج جي گاڏي سنڌين پاڻ ڪاهي...

(گروءَ جو آواز ڪجهه ڀرجي ٿو اچي)

گرو: سنڌ جو دورو لوڪمانيه جو آخرين دورو هو. پهرين آگسٽ ١٩٢٠ تي لوڪمانيه اسان کان سدا لاءِ وڇڙي پرم - ڌام جو وڃي واس ڪيو. مرتيوءَ وقت مهاتما گانڌي لوڪمانيه جي مهاراج جي پاسي ۾ ويٺو هو. لوڪمانيه مهاتما گانڌيءَ کي جڻ ديش جي اڳواڻي سونپيندي چيو: "گانڌي - اسهڪار". يعني لوڪمانيه گانڌيءَ کي جڻ انگريز سرڪار جي خلاف اسهڪار آندولن هلائڻ جي اجازت ڏني جيئن ٺيڪ هو پاڻ اسهڪار جي

ڏک لڳو ۽ ذلت - ڀريا عهدناما ڪرڻا پيا. ان وقت فتح جي نشي ۾ چور سياستدانن کي ايتري ننڍڙي ڳالهه سمجهه ۾ ڪونه آئي ته ڪنهن کي به ايترو نه دبائبو آهي ۽ نه مجبور ڪبو آهي جو هُو پنهنجون سڀ طاقتون ڪٺيون ڪري بغاوت لاءِ تي وڃي ۽ ڇاتي ٺوڪي؛ للڪار ڪري مقابلي لاءِ تيار ٿي وڃي.

سنه ١٩١٩ع ۾ نيست نابود ٿيل ۽ ڪچليل ملڪ جرمنيءَ چوڏهن سالن ڪانپوءِ اَدولف هٽلر جي اڳوانيءَ هيٺ وري طاقتور ٿي ويو ۽ ڏيري ڏيري يورپ جي سڀني جرمن - ڀاشي پرديشن کي ملائي هڪ ڪرڻ لڳو.

جرمنيءَ کي وري طاقت ۾ ايندو ڏسي برطانيه ۽ فرانس سنه ١٩٣٦ع ۾ روس سان جرمنيءَ جي خلاف عهدنامو ڪرڻ چاهيو پر ڪامياب نه ويا. ان جي ابتڙ روس ۽ جرمنيءَ هڪ ٻئي تي ڪاهه نه ڪرڻ جو عهدنامو ڪري ڇڏيو! جرمنيءَ پولنڊ کان پنهنجو ڊانزگ بندرگاهه واپس گهريو. پولنڊ جي انڪار ڪرڻ تي ٢ سيپٽمبر ١٩٣٩ع تي ان تي چڙهائي ڪئي. برطانيه ۽ فرانس جرمنيءَ سان جنگ جو اعلان ڪيو.

ان طرح سنه ١٩٣٩ع ۾ ٻين مهاڀاري لڙائي شروع ٿي ويئي. جيئن ته برطانيه به جنگ جي ميدان ۾ ٽپي پيو ان ڪري اڻسڌي طور ڀارت به جڻ جنگ ۾ گهلجي ويو جيڪا ڳالهه ڀارت لاءِ بلڪل نقصانڪار هئي ۽ ڪوئي به سمجهدار ماڻهو ان جي حق ۾ نه هو.

سنه ١٩٣٥ع ۾ ڀارت ۾ شاسن هلائڻ جو نئون وڌان انگلنڊ جي پارليامينٽ قبول ڪيو هو جنهن جي انوسار ڀارت جا جدا جدا پرانت ۽ رجواڙا پنهنجن اندروني معاملن ۾ آزاد ٿيڻا هئا. جيتوڻيڪ اهو ڏيکاءُ هو، هڪ قسم جو ناٽڪ هو پر برطانيه سرڪار ڏاڍيءَ گنڀيرتا سان نه صرف پنهنجو ڀارت ادا

آئي ۽ ليڪڪ کي جيل اماڻيو ويو... هيمون، انسان پنهنجي سياءُ کان آزاد آهي. جڏهن به ڪائي حڪومت، ڪائي طاقت انسان کي غلام بڻائي ٿي ۽ زنجيرن ۾ جڪڙي ٿي ته هڪ نعيڙي چڻنگ به آگ جو خطرناڪ پنيت بڻجي ان زنجير کي ڳاري سگهي ٿي. ان ڪري ئي حاڪم چاهيندا آهن ته غلامن جي دل و دماغ ۾ آزاديءَ جي روشني جو ترورو اشاري سان به نه وڃي. انگريز سرڪار اينري ته خوفزده آهي جو مذاق جي حد تائين خبردار ٿي وئي آهي. هن ظالم سرڪار جو بنياد ڏڏي چڪو آهي، فقط ديوارن کي هر هنڌان چوٽون هڻيون آهن. هيمون، حڪومت جي ديوارن کي هر هنڌان ۽ هر قسم جون چوٽون هڻيون آهن.

(هيمون دور خلائن ۾ نهاري رهيو آهي. هن جي ڪويل ڪويل اکين ۾ ڪي منصوبا آهن؛ ڪي رٿائون آهن؛ ڪي طريقا آهن ۽ ڪي پختا ارادا آهن)

هيمون: ماں - ماں هنڌدس نوڪر هن ڪچاءُ ۽ ظلم تي بڏل سرڪار جي ڪرنڊڙ ديوار تي! اهو ڏينهن دور ناهي جڏهن غلاميءَ جي هيءَ ڪاري رات ختم ٿي ويندي ۽ آزاديءَ جي سورج جو سواگت ڪرڻ لاءِ پربات جي ديوي اوڀر کي سگلمي پرڪاش سان پوري ڇڏيندي!

گرو: ٿاستوُ؛ هيمون ٿاستوُ!

(ڪئميرا هيمونءَ جي خوابن سان پريل اکين کي ڪجهه دير ڪوَر ڪري ٿي. هيمونءَ ڏانهن نهاريندڙ گروءَ جو ڪلوز اپ.)
(ڪٽ)

درشيه-١٢

سوتردار: سن ١٩١٤ع روس، فرانس ۽ برطانيه جنگي پارٽي "متر راشٽر" سڏيندا هئا انهن جي جرمنيءَ سان جنگ شروع ٿي وئي. انهيءَ بهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ جرمنيءَ کي وڏو

مد-رفت، وڪري ۽ قيمتن تي ڪنٽرول ڪري انهن
ئين کي سستي اگهه ۾ خريد ڪري جنگ جي ڪيترن ڏانهن
وڪلي رهي هئي. جنتا کان ضرورت واريون شيون وڏي انداز
خريدڻ لاءِ سرڪار بي-حساب ڪاغذي نوٽ ڇاپيا! نتيجو
هو نڪتو جو ن قيمتو ن وڌيون وڌنديون ۽ وڌنديون.

ڀارت ۽ ڀارتواسين جي اهڙي دردشا ڏسي مهاتما گانڌيءَ ٨
آگسٽ ١٩٤٢ تي انگريزن کي صاف لفظن ۾ چيو ته
"ڀارت ڇڏي وڃو." مهاتما گانڌيءَ اعلان ڪيو ته جي انگريز
هندستان ۾ رهيا پيا هوندا ته انهن کي ڪيڏ جي ڀهاني جپاني
ڀارت تي ڪاهه ڪري سگهن ٿا.

مکيه مکيه اڳوان ته ٻئي ڏينهن تي نظربند ڪيا ويا ۽ عام
جنتا اُٿي کڙي ٿي. ماڻهن کي گولين جو ڊپ به نه رهيو. جنگي
سامان ۽ اناج جيئن وقت سر مقرر جڳهين تائين نه پهچي سگهي،
ان لاءِ جنتا ريل جا پٽا اُکاڙيا، آمدرفت ۾ طرح طرح جا رخنا
وڌا ۽ جنگي سامان کي برباد ڪرڻ جو رستو اپنايو!

جنگ جو بگل وڄي چڪو هو. سنڌ ۾ به ان جو پڙاڏو ٻڌڻ
۾ آيو "ڀارت ڇڏي وڃو" واريءَ هلچل سنڌ ۾ به جدا جدا
روپ ورتا. هڪڙو روپ هو: ڪليل جلوس، ميڙ ۽ سڌو مقابلو.
ٻيو روپ هو تارون ڪٽڻ، ريل جا پٽا اُکيڙڻ، ٽپال جا ڊبا ساڙڻ،
ڪوُڙا حڪم جاري ڪرڻ وغيره... ۽ ان سلسلي ۾ ئي ڏينهن
سکر جي نوجوانن جي ناهيل "سوراجيه سينا" جي ميٽنگ
خفيه اڏي تي ٿي جتي هيمون ڪالاڻيءَ سان گڏ ڪئين
اتساهي نوجوان اچي ڪٺا ٿيا. (ڪٽ)

ڊرشيه-١٣ سکر ۾ خفيه اڏو رات

(ڪئميرا ڪلوز هيمونءَ جي جوش سان ڀريل چهري تي.
هو سـاٿين کي زوردار لفظن ۾ ڪجهه سمجهائي رهيو آهي.)

ڪيو هو بلڪ پرچار به ڪيو هو!

سنه ١٩٣٧ع جي شروعات ۾ نئين پرانتيه وڌان - سڀائن جون چونڊون ٿيون. ڪانگريس گهڻائيءَ ۾ چونڊجي آئي ۽ ڪيترن ئي پرانتن ۾ ڪانگريس جا منتري منڊل ٺهيا. سنڌ ۾ الاهه بخش منتري منڊل ناهڪ لاءِ ڪانگريس ڪان مدد طلبي پر ڪيس مدد نه ملي.

انگريز سرڪار پنهنجي سوارٿ لاءِ ڀارت کي هروڀرو جنگ ڏانهن گهلي رهي هئي. ڀارت مان هدن ڪي ماڻهو ڪپندا هئا، پئسو ڪپندو هو ۽ جنگ لاءِ گهربل ڪيترو ئي ڪچو مال ڪپندو هو. ڪانگريس کي اها ڳالهه بلڪل پسند ڪو نه هئي. ان ڪري منتري - منڊلن ڪان استعفائون ڏياريون ويون پر ڀارتي نوجوانن جي جيڪا ڀرتي ٿي رهي هئي ان کي هو روڪي نه سگهيا! رنگروٽ ڀرتي ڪرائڻ انگريز سرڪار ڏانهن وفاداريءَ جو هڪ چٽو ثبوت بڻجي پيو. ڪن شاعرن ته هن قسم جا گيت به لکيا ته:

منهن تو چورا ڪو ڀرتي ڪرائي آئي ري!

ان وقت ڀارتواسي چڪيءَ جي ٻن پڙن جي وچ ۾ پيسجي رهيا هئا. هڪ طرف رنگروٽن جي ڀرتي ڏڙا ڏڙ ٿي رهي هئي ۽ ڪارخانا جنگ جو سامان ناهڻ ۾ رات ڏينهن رڌل هئا ته ٻئي طرف انهن ديش ڀريمين تي انگريز سرڪار طرح طرح جا ظلم ڪري رهي هئي جيڪي ان لوٽ مار جي خلاف آواز اٿاري رهيا هئا! انگريز سرڪار جو دمن - چڪر چالو هو ۽ عام جنتا ڪجهه به نه ڪري ٿي سگهي. جنتا جو غصو روز - به روز وڌندو ٿي ويو.

بازارن مان ضرورت جون شيون غائب ٿينديون ٿي ويون. سرڪار سنه ١٩٤٠ ڪان اناج ۽ ٻين ضرورت وارين شين جي

(ان وقت هڪ ٻيو نؤجوان به پنهنجيءَ جڳهه تي اُٿي ٿو ڀي ۽ ڳالهائڻ شروع ٿو ڪري. هن جي آواز ۾ جوش ڪي قدر گهٽ آهي.)

ٻيو نوجوان: انهن مسلمان غونڊن ۽ بدمعاشن جي اهڙيءَ روش کان تنگ اچي اسان سکر جي هندو نؤجوانن ورزشون ڪرڻ شروع ڪيون ۽ مسلم غونڊن جو قدم قدم تي مقابلو ڪيو.

ٽيون نوجوان: جن مسلمانن کي اسان هندو پاڻ کان وڌيڪ طاقتور ۽ همت حؤصلي وارو سمجهندا هئاسين، هڪ ئي لت ڦيرائڻ سان ڪيئن ونٽي ڀڄندا هئا! هيمون. جان ڪنهن کي نه پياري هوندي آهي؟

هيمون: (ڏيرڀائيءَ سان) منهنجا اُتساهي ۽ جانباز پيارو، توهان مهرباني ڪري پنهنجيءَ پنهنجيءَ جڳهه تي وهو ۽ شانت چت سان ٻڌو ته مان ڇا چئي رهيو آهيان.

(ٻئي نؤجوان هيٺ وهن ٿا)

هيمون: ساٿيو، پلؤ چڪڻ پنهنجيءَ جڳهه تي برابر آهي پر وقت جي نزاڪت ۽ ضرورت کي سمجهڻ ازحد سياڻپ جو ڪم آهي. هي وقت جذباتي مسئلا کڙو ڪرڻ جو ناهي بلڪ ڪرم ڪرڻ جو آهي، جنگ ڪرڻ جو آهي، جئن آڱرين ۽ هڪ آڱوٺي کي ڪنو ڪري هڪ ڌارئي دشمن کي لؤنڊڙيءَ ڌارو ذڪ هڻڻ جو آهي...

(چئني طرفن کان مڪمل شانتي. هرڪو ڌيان ۽ دلچسپيءَ سان هيمونءَ کي ٻڌي رهيو آهي. هڪ ڇوڪريءَ جي اکين ۾ عزت ۽ محبت جون ڇوليون مچلي رهيون آهن. هن جي اکين ۾ سپنا ۽ چپن تي هڪ جادوءَ سان جڪڙيل موڪ آهي.)

هيمون:... مان مڃان ٿو ته مسلمان غونڊن اسان سان قدم قدم تي ڪؤنسبازي ڪئي آهي ۽ هميشه اسان جي ملڪيتن، عزتن

هيمون: هن نازڪ وقت ۾ هندو مسلمان جو سوال نه اُٿاريو وڃي ته بهتر ٿيندو، نه فقط اسان جي جاتيءَ لاءِ بلڪ سڄي ديش لاءِ به. ڇا توهان ڏسو نه ٿا ته ڪيئن انگريز هندن ۽ مسمانن کي پاڻ ۾ لڙائي پنهنجو مطلب ۽ مقصد سد ڪري رهيا آهن؟

(ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا ته هڪ وڏي هال ۾ ڪيترائي نوجوان ڇوڪرا ۽ ڪجهه ڇوڪريون موجود آهن. زمين تي هڪ وڏو فراس وڇايل آهي ۽ سڀ ان تي ويٺا آهن. هرڪو پنهنجيءَ جڳهه تان ئي اُٿي بهي ڪري ڳالهائي ٿو. ڪائي به منچ ڪونه آهي. ڀتين تي مشعالون جلي رهيون آهن. ٻه ٽي گولا ۽ ٻه ٽي لالٽين به ٻري رهيا آهن. مشعالن گولن ۽ لالٽينن جي مليل جليل روشنيءَ ۾ نوجوانن جا چهرا عجيب قسم جي تجلي سان ٻهڪي رهيا آهن. هڪ ڪنڊ کان ڪجهه لٺيون، لوڙهون ۽ ڪهاڙيون به پيون آهن. هيمونءَ جو جملو جيئن ئي سوالي انداز ۾ پورو ٿئي ٿو ته هڪ نوجوان جوش مان پنهنجيءَ جڳهه تان اُٿي هيمونءَ ڏانهن منهن ڪري ڳالهائڻ لڳي ٿو. هيمون پاڻ به ويٺو آهي.)

نوجوان: هندو مسلمان جو سوال ڪيئن نه کڻبو؟ هيمون، ڇا تون اُهي ڏينهن وساري ويٺو آهين جڏهن مسلمان غونڊا جاڻي ٻجهي اسان هندن سان ڪوئنس بازي پيا ڪندا هئا جيئن ڳالهه وڏي ۽ کين فساد ڪرڻ جو موقعو ملي؟ ڇا اسان اهو وساري سگهنداسين ته مسلمان هميشهه فسادن لاءِ تيار رهندا آهن؟ ڇا اسان مان ڪوئي اهو وساري سگهندو ته فسادن جو مقصد ئي هوندو هو هندو مردن تي مارڪٽ ڪرڻ ۽ ذالن ۽ ڇوڪرين جي عزت لٽڻ؟ انهن مسلمانن جي ڪري ڇا ڪڏهن اسان هندن جون جانيون، عزتون ۽ ويتون سلامت رهيون آهن؟

هو موڪي رهيا آهن. تعاؤ ختم ٿي چڪو آهي ۽ هرڪو سهڄ-
ڀاءُ سان ويچارن کي گوهڻ ڪرڻ لاءِ بلڪل تيار آهي.)

هيمون:... ڪوئي به ڌرم يا مذهب تيستائين معصوم ۽ پاڪ
پوتر هوندو آهي جيستائين ان ۾ سياست جا جراثيم داخل نه
اچي ٿيندا آهن. ڌرم يا مذهب کي بهانو بڻائي جڏهن انسان
پنهنجي حڪومت برپا ڪرڻ چاهيندو آهي تڏهن ئي ڌرم ۽
مذهب جي نالي تي انساني خون وهندو آهي ۽ انسان شيطان
جو روپ وٺي ننگو ٿي نچندو آهي. شيطان جو اهو به هڪڙو
موڊس آپرنڊي آهي- ڪم ڪرڻ جو طريقو آهي...

(زوردار تاڙيون. ڪئميرا قطارن ۾ ويٺل جدا جدا نوجوانن ۽
نوجوانڙين کي ڪَوَر ڪري ٿي.)

هيمون:... اڄ شيطان جو واسو برٽش سرڪار ۾ آهي. اڄ اُها
هڪ پزيزڊ (Possessed) گورنمينٽ آهي. ان ڪري، سهڻا ساٿيو،
اسان پارٽواسين جو پهريون فرض آهي ان پزيزڊ سرڪار جي
اندر مان ڀُوت - پريت ڪڍي ان کي نارمل حالت ۾ آڻڻ!...

(هال ۾ هلڪي کل. هلڪا واه - واه جا آواز)

هيمون: (ڪجهه مرڪندي)... ۽ توهان کي نه ڄاڻ آهي ته
اوجها ۽ فقير ڀڄن - ڀوت ڪيئن ڪيندا آهن...

ڪيترا آواز: ڏنڊا هڻي، لتون مڪون هڻي، گوم گوم شيخون
هڻي!

هيمون: بس ساٿيو، اسان به ائين ئي ڪنداسين. مهاتما گانڌيءَ
صاف صاف لفظن ۾ انگريزن کي چيو آهي: ڪئٽ انڊيا-
يارت ڇڏي وڃو. اسان انقلابي تتل شيخون هڻي کين چونداسين:
بدروحو، گو بئڪ! يوُ آر ناٽ وانٽيڊ هيئر ايني مور...

هڪ نوجوان: (اُٿي بيهي) پر اسان اڻ - آزمودگار بار هيڏي
راڪاس جيڏي برٽش سرڪار سان ڪيئن پڄي سگهنداسين؟

۽ آسودگين تي بدنظر رکي آهي. پر موڪلي بڌايو غونڊا ۽ بدمعاش
ڪهڙيءَ جاتيءَ ۾ نه ٿيندا آهن؟ ۽ ڪهڙي جاتيءَ جا غونڊا
ٻين جي عزت تي بدنظر نه وجهندا آهن؟ جيڪڏهن سڄو ۾
اسلام نه ڦهليل ها ته ڇا هتي ڪوئي غونڊو يا بدمعاش هجي
ئي نه ها؟ ساٿيو، جيئن شرافت ۽ انسانيت ڪنهن هڪ ڌرم
يا قوم جي خانگي ملڪيت ناهي تيئن غونڊاگردي ڪنهن هڪ
ڌرم مذهب يا قوم جو ناسور ڪو نه آهي. ڪنهن غنڊي بدمعاش
جو ڪوئي ڌرم يا مذهب ڪو نه هوندو آهي. هر غونڊو مذهب
۽ ڌرم کي فقط پنهنجي سوارٿ لاءِ ڪم آڻيندو آهي...

(سيٺي جي چهري مان ائين ٿو لڳي ڄڻ هن کي ڪو
نئون گيان مليو رهيو آهي. هن جا چهرا الؤڪ پرڪاش
سان جرڪي رهيا آهن.)

هيمون:... جن مسلمانن کي توهان ڌاريو ۽ اوپرو ٿا سمجهو،
اُهي اسان جي شرير جا ئي انگ آهن. ويو، وڃي هڪ هڪ
مسلمان ڪان هن جي ونشاولي پڇو ته توهان کي پتو پوندو ته
هن جو ڏاڏو، پر ڏاڏو، ٽڙڏاڏو يا نگر ڏاڏو هندو هو، اسان
وانگر هندو هو. اڄ جن کي توهان مسلمان چئي پاڻ کان جدا
ڪرڻ جي ڪوشش ٿا ڪريو اهي اسانجا پنهنجا آهن. هتان جا
آهن. هن مٽيءَ مان جنميل آهن. اهي عربستان مان پارسل ٿي
ڪري هتي ڪو نه آيا آهن. هن فقط زندگي گذارڻ جو طريقو
بدليو آهي هوندن هو اسان ۾ آهن ۽ اسان هن ۾ آهيون...

(زوردار تاڙيون. هرڪو ائين آزاد محسوس ڪري رهيو آهي
ڄڻ هن جي دل تان ڪوئي بوجهه هٽي ويو آهي.)

هيمون:... اوم ۽ الله جي وچم ڪراس آهي پر ان مان ائين
نه سمجهيو وڃي ته ڪو ڪراس ئي ڪراس پيدا ڪئي آهي...

(هلڪو ٽهڪ. ڪئميرا نوجوان چوڪرن ۽ ڇوڪرين تي.

(ڪئميرا هيمون ۾ جي تيجسوي چهري تي. سڀ ساٿي "انقلاب زنده باد - انقلاب زنده باد" گهگهائيندي دروازي کان ٻاهر نڪرندا ٿا وڃن. هيمون جي گنڀير چهري جو ڪلوز-اپ.)
(ڪٽ)

دڙشيه-١٤ هڪ فقير جو ڏيرو (اندر) شام

(ڪئميرا ڪلوز فقير جي چهري تي. چهرو رڪو ۽ اٿيو، وار ڏگها، ڪارا ۽ اٿيا پر اکين ۾ نوراني چمڪو. ڏاڙهي مڇ صفا چٽ. مٿي تي ڪاري رنگ جي پراٽسي ٽوپي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ته اسان ڏسون ٿا ته پهنجي ڏيري جي اگڻ ۾ فقير صاحب هارمونيم تي سچل سرمست جو ڪلام ڳائي رهيو آهي. هن جي آس پاس ۾ سامهون سندس مريد ويٺا آهن جن جي هٿن ۾ به ڪجهه ساز آهن جيئن ته يڪ تارو، ڪنجري ۽ نڪريون. هو سڀ سازن جي ڌن تي المستن وانگر جهومي رهيا آهن. اگڻ ڪچو آهي جنهن تي ڇيٽي سان ليپو پاتل آهي. سامهون به ڪچا ڪمرا آهن جن کي دروازا به ڪونه آهن. پٽ سان چلهو ٺهيل آهي جيڪو وساميل آهي. ان جي پاسي ۾ هڪ دانگي، به ڪنا، هڪ پاٽيءَ سان پيڙل منڪو ۽ مٽيءَ جا ڪجهه ٿانو پيا آهن. هڪ طرف کان چار پنج وهٽا به پيا آهن.

فقير: (ڳائي ٿو)

وات ڪري وائي، اڄ پڻ ڪانگ قريب جو،
ڪي جو ڇپائين ڇهب سين، تنهن لڃ ڏاڍي لائي،
اندر ڪي آئي، جڻ جر جيري سندي.

●

اڄ لاٽيون ڪانگ لنيون، سي ڪي سڻو سرتيون!
جو کهڻ سان کهيو وڃي، و ٻڙهي منجهه وتيون،
سنديون راز رتيون، ٿو پڻ ڪري پڌريون!

هيمون: جتي پربل چاه آهي، اُتي ڪائي نہ ڪائي راه ضرور نڪري ايندي آهي. ضرورت آهي همت ۽ حوصلي جي! اسان کي هر حال ۾ انگريزن کي هتان ڌڪي ڪڍڻو ئي آهي. نہ تہ بيءِ حالت ۾ جاپان جي ڪاه جو خطرو اسان کي نہ ڏينهن جو بيفڪرو ٿي ڪم ڪرڻ ڏيندو نہ رات جا چار پهر سک سان سمهڻ ڏيندو. اسان کي زنده مردو ٿي ڪري جيئڻ بلڪل قبول ناهي.

ٻيو نوجوان: (اٿي بيهي) برابر اسان کي زنده مردو ٿي ڪري جيئڻ قبول بلڪل ناهي. تہ بہ هڪ سوال رهجي ٿو وڃي تہ اسان برٽش سرڪار کي ڪوئي زبردست ڌڪ هڻون بہ تہ ڪيئن هڻون.

هيمون: ان لاءِ مان چاهيندس تہ "سوراجيہ سينا" جي ٽاسڪ فورس جي هڪ جدا ميٽنگ رکي وڃي جتي ائڪشن جو بلو پرنٽ تيار ڪيو وڃي. ٽاسڪ فورس جيڪو بلو پرنٽ تيار ڪندو ان جي جاڻ توهان کي هن جڳهہ تي ئي هن ڏينهن تي ئي ايندڙ هفتي ڏني ويندي. اچو کي گڏجاڻي سماپت تي ... انقلاب...

ساٿي: زنده آباد!

هيمون: پارس ماتا کي...

ساٿي: جئہ!

هيمون: انگريزي حڪومت...

ساٿي: هاءِ! هاءِ!

هيمون: گورا شاهي...

ساٿي: مرده هو او او او او

هيمون: پارس ماتا کي...

ساٿي: جئہ!

(فقير باجو وڄائيندو رهي ٿو. ساز وڄندا رهن ٿا. مريدن تي مستي طاري ٿي وڃي ٿي ۽ وجد جي حالت ۾ نرتيه ڪندا رهن ٿا ۽ جهومندا رهن ٿا. اوچتو ڏيڙي جي ديوار وٽ بيٺل شخص اڱڻ ۾ اندر گهڙي ٿو اچي. هن جي بوٽ جي چرمر جي آواز تي مريدن جو ناچ بند ٿي وڃي ٿو پر فقير پنهنجيءَ مستيءَ ۾ باجو وڄائيندو رهي ٿو. اهو شخص فقير جي سامهون ويهي ٿو رهي ۽ باجي جي سرن تي ڪٽي ٿو هٿ رکي. باجي مان سريلي سنگيت جي بدران چيخ جو آواز نڪري ٿو. فقير اکيون کولي اُن شخص ڏانهن نهاري ٿو)

شخص: فقير سائين، سلام.

فقير: دعا.

شخص: منهنجو نالو حافظ درازي آهي. توهان جي عقيدت-مندن مان آهيان. هڪ عرض ڪرڻ آيو آهيان.

فقير: چئو ابا! اسان جي وس جيڪو هوندو، ڪنداسين.

حافظ: فقير سائين، زمانو ڏاڍو خراب اچي ويو آهي. پوري-ءَ پلي جي پڇاڻ صفا نڪري وئي آهي.

فقير: اَبا، اسان ته فقير آهيون. اسان جو زماني سان ڪهڙو واسطو؟

حافظ: توهان جو واسطو ڀلي زماني سان نه هجي پر زمانو ته فقيريءَ عظمت کي ڪونه سڃاڻي.

فقير: ابا، اهي ڳجهارتون ڇڏي صاف صاف چئو جيڪو ڪجهه چوڻ ٿو چاهين.

حافظ: (هٿ جوڙي) فقير سائين، خطا معاف ڪجو، گستاخيءَ کي درگذر ڪجو. توهان مهرباني ڪري اهڙو ڪلام نه ڳائيندا ڪريو جنهن ۾ ڪسڻ، ڦاسيءَ، ڪنڌ ڪپجڻ، سر گدوائڻ، صدقي وڃڻ ۽ حب الوطنيءَ جو ذڪر هجي...

(ڏوهيڙا ڳائڻ ڪان پوءِ فقير صاحب ڪجهه دير هارمونيم کي وڄائيندو رهي ٿو. مريد جهومندي رهيا آهن. فقير ڪافي ڳائي ٿو.)

فقير: محبت عشق مؤلا جي
گهٽا سي گهوٽ گهايا هئا،
هزارن ساه سانول تئون
ڪئين گهوري گهمايا هئا!

محبت عشق...

۱- ڪئين سر ساهه ساڄن لئه مٿي سوريءَ سڃايا هئا،
ورهه جي وات تي ويرن، ڪلهن ڪئون ڪند ڪپايا هئا.
محبت عشق...

۲- ٿيو تن ميهڻو مونڻ، ٽڪي ڪدهن تاو تايا هئا،
مٿا مئخاني تي مستن، وٽيءَ جي ڙت ويايا هئا.
محبت عشق...

(ڏيري جي ڪنڊيءَ ديوار جي پرسان هڪ ماڻهو بيٺو آهي ۽ فقير جو ڪلام ٻڌي رهيو آهي. هو سلوار ۽ قميص ۾ ملبوس آهي ۽ مٿي تي جداح ڪئپ پئي اٿس. مڇون ۽ ڏاڙهي ڪونه اٿس.)

فقير: (ڳائي ٿو)

۳- انهيءَ پڙ ۾ پهلوانن؛ جو شئون جيرا جلايا هئا؛
ڪنيا جي مؤج محبت جي؛ اُهي هن پار آيا هئا.
محبت عشق...

۴- ڏسو جي نينهن جي ناتي؛ ڪئين جا سر گهوايا هئا.
"سچو" ڙي! صدق تيءَ تن تئون؛ جنهن هي رنگ رچايا هئا!
محبت عشق...

(حافظ فقير جي پرسان وهي ٿو)

فقير: ٻچا، توکي خبر ناهي ته تو اسان تي ڪيترو وڏو احسان ڪيو آهي. تو اسان کي لفظن کان نجات ڏياري آهي. هاڻي اسان جو عشق هُوڪ ۽ ڪُوڪ جي صورت ۾ محبوب سان وڃي ملندو... ها ها ها ها ها... هاڻي اسان نه ڪنهن ڪلام جا غلام رهنداسين ۽ نه ڪن مرڪب لفظن جا ٻڌا ٻانها... حافظ درازي، تو اسان لاءِ صحيح معنيٰ ۾ در-راز کولي ڇڏيو ...

(فقير هارمونيم مان هڪ مستيءَ پري مٿر ڌن ڪڍي ٿو. لڳي ٿو جڻ ڪو سپيرو بين وڄائي ساري جڳت کي منتر ۾ ٻڌي رهيو آهي. فقير جا مريد به ساز وڄائن ٿا ۽ مستيءَ پريو طواف ڪن ٿا. ان وچ ۾ حافظ اُٿي هليو ٿو وڃي. قلندري طواف چالو آهي. ڪئميرا فقير سائينءَ جي نُوراني چهري تي ڪلوز.) (ڪٽ)

درشيه-١٥ خفيه اڏو (اندر) رات

(ڪئميرا ڪلوز هڪ گولي تي. گولو ٻري رهيو آهي. ڪئميرا جي پل ٻئڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته سوراجيه سيما جي خفيه اڏي جي هال جي وچ ۾ هڪ وڏي مستطيل ميز پئي آهي جنهن جي ٻن وڏن پاسن کان ٻه ٻه ڪرسيون پيون آهن جن تي ڪل چار نؤجوان ويٺا آهن. سامهون واريءَ ڪرسيءَ تي هيمون ويٺو آهي. سڀني جي اڳيان ڪجهه پنا پيا آهن جن تي هنن ڪي نوٽس ورتا آهن. گولي جي جهڪي روشنيءَ ۾ ماحول ڪجهه رهسيه پريو لڳي رهيو آهي.)

هيمون: ٽاسڪ فورس جو آخرين فيصلو اهو ٻڌنو آهي ته في الحال اسان ريل جا پٽا اکيڙي گاڏيون ڪيرائيبداسين. ڪوشش اها رهندي جيئن مال گاڏيون ۽ فوجين سان ڀريل ٽرينون ئي ڪيرايون وڃن. اسان هر ممڪن ڪوشش ڪنداسين

فقير: (انتها عجب مان) ڇو ابا؛ اهڙو ڪو حاڪم جو فرمان نڪتو آهي ڇا؟

حافظ: فقير سائين؛ ائين ئي سمجهو... چغلخورن جي ڪمي ڪونهي. ڪنهن جيڪڏهن سرڪاري ڪنن جا وڃي ڪن ڀريا ته فقير صاحب بغاوت سان ڀريل ڪلام ٿو ڳائي ۽ رعايا کي ڀرغلائي سر ڏيڻ لاءِ تيار ٿو ڪري ته وٺل وهي ويندو. مارئيءَ جو ڪلام ته مور نه ڇڏجو.

فقير: ڇو ابا؟

حافظ: حب الوطنيءَ جي جذبات جي معنيٰ اڄ ڪلهه انگريزن خلاف بغاوت سمجهيو ويندو آهي.

فقير: عجيب زمانو اچي ويو آهي. پر ابا؛ تون ڪندو ڇا آهين؟

حافظ: مان سرڪاري جاسوس آهيان. توهان لاءِ دل ۾ صدق ۽ عقيدت اٿم ان لاءِ خبردار ڪري رهيو آهيان. ورنا...

(ڪلي ٿو) منهنجو ته ڪم آهي چغليون هڻڻ.

فقير: نيڪ آهي ابا؛ اڄ کان اسان ڪلام چونداسين ئي ڪون. فقط...

(فقير باجو وڄائي ان مان مٽر ۽ مستيءَ ڀري ڌن ڪڍي ٿو. حافظ اٿي بيهي ٿو)

حافظ: چڱو فقير سائين؛ سلام.

(فقير دعا ۾ هٿ کڻي ٿو. حافظ ٻه چار قدم ٻنيارو هلي؛ وڃڻ لاءِ مڙي ٿو. او چتو فقير کيس سڏي ٿو)

فقير: ابا حافظ؛ هيڏانهن ته اچ.

(حافظ واپس اچي ٿو)

فقير: ويهه منهنجي ڀرسان.

ھڪ: ائين نہ چؤ ھيمون. سنڌ جي سپوتن بہ جيل ياترائون ڪيون آھن، لٺيون سٺيون آھن، گوليون سان سينا ڇلايا آھن.

ھيمون: اِھو سڀ ٺيڪ آھي پر اسان جي سنڌ ھڪڙو بہ اھڙو سورمو پيدا ڪونہ ڪيو آھي جنھن ڪان انگريز سرڪار ٿر ٿر ڪنبي، جنھن جو نالو ٻڌندي ئي فرنگين ۽ انھن جي خوشامدين جا پتا پاڻي ٿي وڃن. مان ھيمون ڪالاڻي، سنڌ جي سرزمين تي انيڪ ڀڳتسنگھ ۽ انيڪ چندرشيکر آزاد ڏسڻ چاھيان ٿو.

ٻيو: ڀڳتسنگھ جو نالو تہ ٻڌو آھي پر ھي چندرشيکر آزاد ڪير آھي؟

ھيمون: آھي نہ، پر ھو... سنہ ١٩٣١ جي ٢٧ فيبروريءَ جو ڏينھن. صبح جا ڏہ ٿيا ھئا. آزاد پنھنجي دوست سکديو راج سان گڏ اِلاہ آباد جي الفريڊ پارڪ ۾ ھڪ جڳھ تي اچي ويٺو.
(ڪٽ)

درشيہ-١٦ | الفريڊ پارڪ (باھر) | ڏينھن

(ڪئميرا ڪلوز آزاد ۽ سکديو جي چھرن تي. ڪئميرا جي پل ٻئي ڪوڻ تي اسان ڏسون ٿا تہ ٻئي دوست الفريڊ پارڪ ۾ ھيٺ سائي گاھہ تي ھڪ ٻئي جي ڀرسان ويٺا آھن. سکديو ڪجھہ گنگنائي رھيو آھي.)

سکديو: ڪڇ آرزو نھين ھئہ، ھئہ آرزو تو يھہ،
رکدي ڪوئي ذرا سي خاڪ-وطن ڪفن ۾.
جسني ھلا ديا تا دنيا ڪو ايڪ پل ۾،
افسوس ڪيون نھين ھئہ وہ روح اب وطن ۾.
مؤت اؤر زندگي ھئہ دنيا ڪا سب تماشا،
فرمان ڪرشڻ ڪا تا ارجن ڪو بيچ رن ۾.

جيئن عام جنتا کي نه ڪائي تڪليف رسي ۽ نه جان - مال جو نقصان ٿئي.

سڀ: (هڪ آواز ۾) بلڪل ائين.

هيمون: هاڻي اسان جو ڪم ٿيندو سکي ريل روڊ جي چڪاس ڪرڻ ۽ اُهي خاص خاص جڳهيون ڏيان ۾ رکڻ جتي اسان سؤلائيءَ سان ۽ بنا خاص خطري جي پٽا اُکيڙي سگهنداسين.

هڪ: هائو.

هيمون: ريل روڊ جي چڪاس جو ڪم سيتا جي نؤجوانن کي ڏئي سؤنپيو وڃي يا اسان ٽاسڪ فورس وارا پاڻ ڪريون؟

ٻيو: اهو ڪم جي سيتا جي ڪن ٻين نؤجوانن تي رکيو وڃي ته بهتر ٿيندو.

ڏيون: ان ۾ ڪو خاص خطرو به ڪونه آهي.

هيمون: مارشل لا لڳل آهي.

ڏيون: پلي مارشل لا لڳل هجي ته به پٽن جي اڳيان اڳيان لنگهڻ ڪوئي گناهه ڪونه سمجهيو ويندو.

هيمون: او. ڪي.

چوٿون: چڪاس ڪندڙ جوانن کي جي ڳوٺاڻن جهڙن جو ويس ڪرايو ويندو ته شڪ ڪان پري رهندا. جهڙن تي هوندئن به انگريز سرڪار ڪجهه وڏيڪ وشواس ٿي ڪري - انهن کي بيضرر ٿي سمجهي.

هيمون: معقول به.

(سڀ ڪلن ٿا)

هيمون: مونکي اِها ڳالهه ڏهين رات بيچين ۽ بيقرار ڪري رهي آهي ته ڇا اسان جي سنڌو ماتا پڳت سنگهه جهڙو هڪ به لال پيدا نه ڪري سگهندي؟ آزاديءَ جي بتي ۾ اسان سنڌ واسين جو يوگدان ڪيترو نه گهٽ آهي!

هيٺ زمين تي پئي آهي.

هڪ سپاهي: شايد مري ويو.

ٻيو سپاهي: تڪڙ نه ڪر. ويجهو نه وڃينس.

ٽيون سپاهي: ڪجهه گوليون هڻي ڏسونس.

(ڪجهه سپاهي اڳتي وڌڻ چاهن ٿا پر وري رڪجي ٿا وڃن. نات باور آزاد کي به گوليون هڻي ٿو. آزاد ۾ ڪابه چرپر ڪونه آهي.)

هڪ سپاهي: هاڻي وڌون اڳتي.

ٻيو سپاهي: ڪافي دير کان بعد چرپر جي پيو آهي. پڪ مري ويو هوندو.

ٽيون سپاهي: پڪ ڪري وٺون.

(سپاهي آزاد جي پير تي گولي هڻي ٿو. ڪائي چرپر ڪونه آهي. سپاهي سيڌو ٿاڻي ٻهي ٿو.)

سپاهي: بهادرو، وڌو اڳتي. آزاد ختم ٿي چڪو آهي.

(سپاهي ڏڪندا پوري خبرداريءَ سان وڻ طرف وڌن ٿا.) (ڪٽ)

ڊرشيه-١٧ خفيه اڏو (اندر) رات

(واپس ڊرشيه-١٥. هيمون پنهنجن چئن دوستن سان ميز جي سوري وٽ بيٺو آهي ۽ جوش مان ڳالهائي رهيو آهي. ٽاسڪ فورس جا چارئي فرد اکيون ڦاڙي هيمونءَ جي زباني آزاد جو افسانو ٻڌي رهيا آهن.)

هيمون: دوستو، چندرشيکر آزاد صحيح معنيٰ ۾ هڪ آزاد شخص هو. هو زنده به آزاديءَ سان رهيو ۽ هن جو موت به آزادانا هو... آزاد جو لاش جنتا کي ڪونه ڏنو ويو. ماڻهن هندستاني معورتيءَ جي مطابق ان وڻ تي گل ڦل چاڙهي پوڄا ڪرڻ شروع ڪئي جنهن تي آزاد اکيچار گوليون هلايون

(هڪ موٽرڪار باغ جي پاسي واري رستي تي هڪ ديوار جي اوٽ ۾ اچي بيهي ٿي. ان مان پوليس سپرنٽينڊينٽ ناٿ باور هيٺ لهي ٿو ۽ پستول ڪڍي گولي ڇوڙڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو)

•

آزاد: دوست، شاعر هيئن به چيو آهي:

نه ڪوئي انگلش، نه ڪوئي جرمن،
نه ڪوئي رشين؛ نه ڪوئي ترڪي،
مٽاني والـــي هئن ابدي هندي،
جـــو آج همڪو مٽا رهي هئن!

(کڙڪي تي آزاد سامهون نهاري ٿو ۽ ان سان گڏو گڏ ڇيلهه وٽ بدل پستول هٿ ۾ ڪڍي ٿو. ناٿ باور گولي هلائي ٿو ۽ ساڳئي وقت آزاد به گولي ڇوڙي ٿو. ناٿ باور جـــي گولي آزاد کي جنگهه ۾ لڳي ٿي ۽ آزاد جي گولي ناٿ جي هٿ ۾ لڳي ٿي جنهن جي ڪري هن جو پستول ڇڏائجي دور وڃي ٿو پوي. ڪجهه پوليس وارا به اچي ٿا اُتي وارد ٿين ۽ گوليون هلائن. ناٿ باور ۽ آزاد سرڪندا وڻ جي اوٽ وٺي اُتان ٿا گوليون هلائن. آزاد اڪيلو رهجي ٿو وڃي ڇو ته هن جا ساٿي اول ئي پٺتي ٿا وڃن. جيستوڻيڪ آزاد وڻ جي اوٽ ۾ آهي ته به چئني طرفن کان گولين جي برسات هئڻ جي ڪري ڪجهه گوليون هنکي لڳن ٿيون. آزاد جـــي گولين سان به ڪيترائي پوليس وارا زخمي ٿي ٿا وڃن. جنهن وڻ جي اوٽ ۾ ناٿ باور لڪيو بيٺو هو آزاد ان وڻ کي جڙ نيست نابود ڪرڻ ٿي چاهيو. ڏهن مان اٺ گوليون ان وڻ تـــي لڳي رهيون هيون. آزاد کي آخر اهڙيون ته گوليون ٿيون لڳن جو هو زمين تي ڪري ٿو پوي. آزاد جي ديهه وڻ جي اوٽ ۾

۾ ٻڌڻ تي پهچڻي ملڪ پهچن...

(دروازي جي زور سان کلڻ ۽ ڊڪندڙ قدمن جا آواز اوورلئپ ڪن ٿا. هڪ نؤجوان سهڪندو سهڪندو هال ۾ داخل ٿئي ٿو. هيمون ۽ سوڊو سيني جون نظرون اُن نؤجوان ڏانهن کڄي ٿيون وڃن. هو تکڙو تکڙو هلندو هيمون ۽ جي اڳيان اچي ٿو بيهي.)

نوجوان: ٻري خبر آهي، هيمون بري خبر.

هيمون: ڇا اسان جو ڪوئي ساٿي پڪڙجي ويو آهي؟

نوجوان: نہ نہ.

هيمون: ڪنهن کي گولي تہ ڪو نہ لڳي آهي؟

نوجوان: نہ، هيمون نہ.

هيمون: تہ ڇا ڪنهن اسان سان غداري ڪئي آهي؟

نوجوان: غداري ۽ جو تہ... سوال ئي پئدا ڪو نہ ٿو ٿئي. هيمون، بيحد بري خبر آهي.

(ميز جي ارد گرد ويٺل ٽاسڪ فورس جا سڀ ميمبر اچرج ڀريل اکين سان نؤجوان ڏانهن نهاري رهيا آهن. ڪوئي چري پري بہ ڪو نہ ٿو. سڀ پوري ڌيان سان هيمون ۽ نؤجوان جي ڳالهہ ٻولهہ ٻڌي رهيا آهن.)

هيمون: اسان هر قسم جي بري خبر ٻڌڻ لاءِ تيار آهيون. جلدي ٻڌاءِ، ڇا ٿيو آهي؟

نوجوان: دل دهلائيندڙ خبر آهي تہ آزادي ۽ جي ديوانن کي ڪچلڻ لاءِ سڀئي ساري ٽرين هٿيار بند فوجين سان ڀريل بلوچستان وڃي رهي آهي.

هيمون: بلوچستان ۾ ڪٿي؟

نوجوان: ڪوئٽيا.

هيمون: ٽرين ڪٿان رواني ٿيندي؟

نوجوان: روهڙي ۽ مان.

هيون. الفريڊ پارڪ ۾ جنهن مندر تهي ويو هو بلڪ اهو تيرٿ استان ٿي ويو هو. برٽش سرڪار اهو وڻ ئي ڪٽائي ڇڏيو ۽ ان جو نالو نشان مٽائي ڇڏيو. مرڻ کان پوءِ به آزاد برٽش سرڪار کي ڏهلائي ڏڪائي رهيو هو! ...

(ڪجهه پل موت جهڙي خاموشي)

هيمون: (تيز آواز ۾ جذبات سان)... ٿيو آهي سنڌ ۾ ڪوئي اهڙو جانباز پيدا جيڪو ان حد تائين فرنگين کي ڏڪائي ۽ ڏهلائي دل هول پيدا ڪري سگهي؟ جيڪڏهن اسان جي سنڌ ۾ ڪوئي اهڙو جوشيلو جوان پيدا ٿئي ها ته ياد رکو، ڪوئي انگريز سنڌو ديش کي "سنڌ وادي" سڏڻ جي جرئت نه ڪري سگهي ها... اڄ دنيا جا ماڻهو اسان سنڌين کي سنڌ واديءَ ۾ دم - گذر ڪندڙ بيغيرت ۽ بيحس انساني صورت وارا ٻڪرا سمجهي رهيا آهن. اهوئي سبب آهي جو اسان جي هستيءَ کي نڪاريندي هرڪو اڳتي ٿو وڌي وڃي!... ياد رکو، هرڪو اڳتي وڌي ٿو وڃي ۽ اسان ڏانهن نهاري به ڪو نه ٿو. هاڻي اسان ڪجهه ٿي ڪري ڏيکاريندا سين. هاڻي ڪوئي اسان کي نظرانداز ڪرڻ جي نه جرئت ڪري سگهندو ۽ نه همت...

(سڀ چپ. موت جهڙو سناٽو.)

هيمون:... مان بيصبريءَ سان اُن ڏينهن جو انتظار ڪري رهيو آهيان جڏهن اسان جي ڪري - اسان سنڌي جانبازن جي ڪري فرنگين جون ريلون ڪرنديون، عمارتون جلي خاڪ ٿي وينديون، سمنڊ ۾ ترندڙ جهاز غرق ٿي ويندا ۽ آسمان ۾ پرواز ڪندڙ هوائي جهاز آگ جا گولا بڻجي فرنگين جي بستين تي ڪرندا ۽ بستين جون بستيون جلي رک جا ڍير ٿي وينديون... مان چاهيان ٿو ته اهي فريبي، دوکيباز ۽ لٽيرا فرنگي جيڪي سيدو ٽامي اسان جي ملڪ ۾ گهسيا هئا، رک بڻجي لوھ جي ليڪيءَ

فش پليٽون ڪيندا رهندا سين. نصيب ساٿ ڏنو ته هڪ ٻه
فوجي سنتين لڳين سگهه مان ٻاهر نه ويندو.

نوجوان: اهو ٻه ٿي سگهي ٿو ته ڪجهه هشيار اسان جي هٿ لڳي وڃن.

هيمون: اها اُميد مونکي ڪونه آهي. پر وري به قسمت ٻلوان آهي. ڀاڳ جو ساٿ ٿي وڃي ته هر ڪم آسان ٿي وڃي.

(نوجوان ڏانهن اشارو ڪري ٿو)

هيمون: ساٿي، تون ٽاسڪ فورس جو ميمبر ڪونه آهين پر جاسوس ۽ خبررسا جو درجو هر سنسٽا ۾ تمام مکيه رهيٺو. اڄ جي هن سڀا ۾ اسان توکي مکيه مهمان جي روپ ۾ شامل ڪريون ٿا.

نوجوان: ساٿيو، مان توهان جو شڪرگذار آهيان، جو مونکي توهان ايترو سنمان ڏنو ٿا. پر مون تي ڪي ضروري جوابداريون آهن. مون کي اڄا ڪن ڳالهين جو پتو ڪيڻو آهي ۽ ان کان سواءِ ڪائي محفوظ جڳهه به تلاش ڪرڻي آهي جتي پڪڙجڻ جو گهٽ ۾ گهٽ انديشو هجي.

هيمون: نه دوست، اڄ تون اسان سان گڏ هتي ويهه. الائي ڇو منهنجي دل نه ٿي چاهي ته هن وقت تون ٻاهر وڃين.

نوجوان: هيمون، جي تنهنجي اها مرضي آهي ته ائين ئي ٿيندو. مان اڄ رات توهان سان گڏ آهيان.

(نوجوان ڦري خالي ڪرسيءَ تي وهي ٿو)

هيمون: هاڻي ٻڌو منهنجي پلاننگ... فش پليٽ ڪيڻ جو ڪم مان ڪندس...

ٽاسڪ فورس-۱: نه، اهو ڪم مان ڪندس.

ٽاسڪ فورس-۲: اهو جوکم وارو ڪم مون تي ڇڏيو.

هيمون: نه، اهو ڪم مان ڪندس. مون ان ٻاري ۾ ڪجهه

هيمون: يعني سڄو ملڪ لڳندي؟
نوجوان: هائو.
هيمون: ڪڏهن؟
نوجوان: ٢٣ آڪٽوبر رات جو.
(هيمون ڪجهه پل سوچيندو رهي ٿو. ٽاسڪ فورس جا باقي ميمبر هڪ ٻئي ڏانهن نهارن ٿا.)
هيمون: سچپچ بيحد بري خبر آهي... بيحد بري!... پر اسان اهو ظلم هرگز برداشت نه ڪنداسين. دشمن اسان جي پائرن، اسان جي ساٿين، وطن پرستن ۽ ديش پريمين کي ڪچلڻ لاءِ اسان جي اکين جي سامهون ئي سيدو ڏاڍي ڏڙڏڙ ڪندو لڳي وڃي، اِها ذلت اسان هر حال ۾ نه سهنداسين. اسان پنهنجن پائرن سان غداري ڪرڻ جو الزام پنهنجي سر تي ڪڏهن نه کڻنداسين.
ٽاسڪ فورس-١: اسان دشمن جا ناپاڪ ارادا اصل پورا ٿيڻ نه ڏينداسين.
ٽاسڪ فورس-٢: اسان دشمن کي نيست نابود ڪري ڇڏينداسين.
ٽاسڪ فورس-٣: اسان ملٽريءَ جي گاڏيءَ کي سڄو پار ڪرڻ ئي نه ڏينداسين.
ٽاسڪ فورس-٤ اسان پٽا اکيڙينداسين. اسان ٽرين جي ٽرين اڏائي ڇڏينداسين.
نوجوان: رات چانڊوڪي آهي.
هيمون: پلي هجي.
نوجوان: مارشل لا جي ڪري سپاهين جو گشت جاري آهي. خاص ڪري رات جو.
هيمون: پرواهه ناهي. سپاهي پنهنجو گشت ڪندا رهندا ۽ اسان

ڏسڻ ۾ اچڻ لڳيون... هو چاهين ها ته ڀڄي ٿي سگهيا پر هو ڀڄي ڀڳا ڪو نه. اتي ئي ٻهي نعرا هڻڻ لڳا. "انقلاب زنده آباد" "سامراجيواد ناس ٿئي!" هو ٻئي گرفتار ٿي ويا. هنن پاڻ پنهنجو پاڻ کي گرفتار ڪرايو. ٻڌائي سگهندؤ توهان ته ڀڳتسنگهه ائين ڇو ڪيو؟

(هرڪو چپ آهي. سناٽو. ڀاري ماحول.)

هيمون: ڀڳتسنگهه چاهي پيو ته هن تي مقدمو هلي. مقدمي جو احوال اخبارن ۾ اچي. انقلاب جو پرچار ٿئي. ديش ڀڳتن جي سچي تصوير عام جنتا جي اڳيان اچي ۽ برٽش سرڪار جي ڪڌن ڪرتوتن جو پردو فاش ٿئي... ساٿيو، ڀڳتسنگهه انقلاب جي دنيا جو شهنشاهه هو. دنيا کي "انقلاب زنده آباد" جو نعرو ڏيندڙ ٻيو ڪوئي نه پر ڀڳتسنگهه ئي هو. "انقلاب زنده آباد" اسان انقلابين لاءِ گايتري منتر آهي، جنهن مان اسين سدائين پيا ٻل ۽ اُتساهه پراپت ڪندا سين... سردار ڀڳتسنگهه اڪثر چوندو هو:

* اُسي فڪر هئہ هردم نيا طرز- جفا ڪيا هئہ،
همين يهه شؤق ديکين تو ستم ڪي انتها ڪيا هئہ!
* ميري هوا مين رهيگي خيال ڪي بجلي،
يہ مشت- خاڪ هئہ فاني، رهي ڪ يا نہ رهي!
۽ سارا جهان عدو سهي، آئو مقابلا ڪرين.

منهنجا ساٿيو، اهو مهامنتر ڪڏهن نہ وسارجو ته ڀلي سڄو سنسار اسان جو دشمن ٿي وڃي پر مقابلو ضرور ڪرڻو آهي...

(هڪ ٻہ ڄڻو ڪجهه چوڻ ٿو چاهي پر هيمون ڪين هٿ جي اشاري سان چپ ٿو ڪرائي ڇڏي.)

هيمون: اڄ فيصلو اهو ٿيو ته ٢٣ تاريخ رات جو فش پليٽون مان ڪيندس ۽ توهان ۾ منهنجي پوسان بيهي آس پاس جي

لٽريچر پڙهيو به آهي.
ٽاسڪ فورس-٣: تون اسان جو دماغ آهين.
هيمون: ان ڪري ئي اهو ڪم مان ڪندس.
ٽاسڪ فورس-٣: تون اسان جي سنستا جي جان آهين. توکان سواءِ اسان بلڪل اَبالا ۽ لاچار ٿي ويندا سين.
هيمون: ته ڇا توهان کي هاڻي ئي پڪ ٿي وئي آهي ته مان پڪڙيو ويندس. ڪم کي ڏائڻ کان اڳ ئي ان جي اسقلتا جو وشواس هڪ انقلابيءَ کي سونهين ڪو نه ٿو.
ٽاسڪ فورس-٤: اسقلتا جو وشواس ناهي اهو هيمون. تو مونکي غلط سمجهيو. اهو پريم مان پيدا ٿيل امڪان آهي- آشنڪا آهي. جنهن لاءِ دل ۾ اٿاهه پريم هوندو آهي ان لاءِ اٿاهه آشنڪائون هئڻ ڪو اسپاويڪ ڪو نه آهي. اسان توکي سنڌ جو ڀڳتسنگهه ٿا سمجهون.
هيمون: نه پوءِ ساٿيو، مون کي ڀڳتسنگهه ٿيڻ کان نه روڪيو. ڀڳتسنگهه وانگر ئي مون کي ڦاسيءَ جي رسيءَ سان پريم جو ناتو جوڙڻ ڏيو... ياد ڪريو اُها ٨ اپريل ١٩٢٩ واري گهٽنا. اسيمبليءَ ۾ سياڻي پٽيل پبلڪ سيفٽي بل تي پنهنجو فيصلو ٻڌائڻ وارو ئي هو. سڀني جون اکيون پٽيل جي چهري تي ڪتل هيون. اهڙي وقت تي اوچتو ئي اوچتو، اسيمبلي پوَن ۾ وزٽرس گئلريءَ مان هڪ ڀيانڪ بم اچي هيٺ ڪريو. خطرناڪ ڌماڪو ٿيو ۽ سڄو هال دونهين سان ڀرجي ويو. جان مال جو ڪوئي خاص نقصان ڪونه ٿيو. فقط ٻن ڄڻن کي هلڪيون چوٽون لڳيون. بم اُڇليندڙ ٻه نوجوان هئا. هڪ سردار ڀڳتسنگهه ۽ ٻيو بٽڪيشور دت! ان ڏينهن کان پوءِ اهي ٻئي نالا گهريلو ٿي بڻجي پيا. سڄي ڀارتورش ۾! پان جي دوڪان کان وٺي محلن تائين هر هنڌ انهن ٻنهي نوجوانن جون تصويرون

ٽرانسمٽر ڪڍي ڪنهن سان ڳالهائي ٿو. ڪمري ۾ نيم تاريڪي آهي.)

فقير: فنڪي اسپيڪنگ - فنڪي اسپيڪنگ - اوور.

(ڪجهه پل ٻڌي ٿو)

فقير: خبر ملي آهي ته ملٽري ٽرڪن ڪيرائي ويندي. اوور.

(ڪجهه پل ٻڌي ٿو)

فقير: ٢٣ تاريخ رات جو ... شايد فــش پليٽون ڪڍيون وينديون. اوور.

(ڪجهه پل ٻڌي ٿو)

فقير: چانڊوڪي رات آهي. ڪم مشڪل ڪونه ٿيندو. گشت تيز ڪيو ويو آهي. سڀني لائين کي ڪوَر ڪيو ويو آهي. الرٽ هول سند. اوور.

(ڪجهه دير ٻڌي ٿو)

فقير: ٻرابر، ڪي سر ڦريا ڇوڪرا هوندا. ته به اسانکي بيحد خبردار ٿيڻو آهي. وڏن جو قول آهي ته ٽر جي گٽي سؤ ڇوٽون ڪائي. او ڪي. اوور ائنڊ آل.

(فقير ٽرانسمٽر اندرين جيب جي حوالي ڪري ٿو. ڪجهه دير خالي نگاهن سان اونده ۾ گهوريندو رهي ٿو. لڳيٿو ڪجهه سوچي رهيو آهي. اوچتو چٽڪن آڱرين سان پهنجي ٽراڙ کي مهٽي ٿو ۽ سيٽي وڄائي ٿو. ڪجهه ئي دير ۾ ٻيو فقير اندر اچي ٿو.)

فقير: درازيءَ جو ڇا ڪيئه؟

ٻيو فقير: هن تي پوري پوري نظر رکي ٿــي وڃي جيئن صدق ۽ محبت وڃان وتي نه انقلابين کي خبردار ڪندو.

فقير: ڪم لاهي ڇڏيوس. اهڙا ماڻهو حد درجي تائين نقصانڪار ٿيندا آهن. جنهن جي دل ۾ صدق، محبت، عقيدت ۽ قرب

نگهباني ڪندؤ...

(ٽاسڪ فورس جي ٻن ميمبرن ڏانهن اشارو ڪري ٿو.)

هيمون: توهان منهنجي مشابهت ڀڳتسنگهه سان ڪئي آهي. مان توهان جو قول ڪوڙو نه ٿيڻ ڏيندس. مان توهان کي پنجاب جي شير، امر شهيد، سردار ڀڳتسنگهه جي قدمن جي نشانن تي هلي ڏيکاريندس- ٻاءِ د وي، اهو ٻڌائي ڇڏيانو ته منهنجي جنم جي تاريخ ٢٣ آهي ۽ ٢٣ تي ئي مان زندگيءَ جو هڪ وڏو ڪارنامو سرانجام ڏيڻ لاءِ وڃي رهيو آهيان.

(ٽاسڪ فورس جا سڀ ميمبر ۽ خبررسا نؤجوان هيمونءَ ڏانهن عجب ڀريل نظرن سان نهارن ٿا. هيمونءَ جو ڪلوز- اپ. هو مرڪي رهيو آهي- هن جي مرڪ مان سرفروشيءَ واري ديوانگي صاف ظاهر آهي.) (ڪٽ)

درشيه-١٨ فقير جو ڏيرو (اندر) رات

(ڪئميرا ڪلوز فقير جي چهري تي. هو ڪنهن سان ڳالهائي رهيو آهي. ڪئميرا جي پل ٻئڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته هو هڪ ڀاڻ جهڙي فقير سان ئي ڳالهائي رهيو آهي. ٻئي ڪچي ڪمري ۾ اندر ويٺا آهن. ڪمري ۾ رلي، تڏو، گودڙي، ڪشڪول وغيره فقيرن جي ڪم ايندڙ سامان پيو آهي. ڪمرو ۽ ڪمري جون شيون ڏسڻ سان ئي بدبوءِ جو احساس ٿئي ٿو. ڪمري ۾ ڏيئو ٻري رهيو آهي.)

فقير: ڪارائتي خبر آهي. مان سڀو بندوبست ڪريان ٿو. تون ٻاهر وڃي نظر رک.

(ٻيو فقير "او. ڪي. سر" چئي ٻاهر هليو ٿو وڃي. هن جي وڃڻ کان پوءِ فقير ڪوٺڙيءَ ۾ ٺهيل هڪ ننڍڙيءَ دريءَ مان ٻاهر مٿو ڪڍي هيڏانهن هوڏانهن نهاري ٿو. تسڪين ٿيڻ تي مٿو اندر ڪري ۽ ڪنڊ ۾ وڃي اندرينءَ عجب سان

هٿ ۾ پڪڙ. او ڇنو ٻئن جي پروسان ئي ھدن کي شاھي وڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ٽيئي ڄڻا اُتي وڻ جي ھيٺان بھن ٿا. اُتي کي قدر اونده آھي.

ھيمون: ڪٿي آھي اُھو ڪڏو جنھن جو ذڪر موتيءَ ڪيو ھو؟ مونکي تہ آس پاس ڏسڻ ۾ ڪو نہ ٿو اچي.

ھڪ ساٿي: مونکي بہ نہ ڪوئي ڪڏو ٿو ڏسڻ ۾ اچي نہ ڪائي لاھي.

ٻيو ساٿي: (چوڌرد نھاري) دور دور تائين سڌي زمين لڳي پئي آھي ۽ پٿا چانديءَ وانگر پيا ٿا چمڪن.

ھيمون: (واچ ۾ ڏسي) ٽرين اچڻ ۾ گھڻو وقت ڪونھي. منھنجو خيال آھي تہ ڪم کي لڳي وڃون.

(ٻئي ساٿي "او. ڪي" چئي اڳتي وڌن ٿا. ھيمون پنھنجي ساٿيءَ کان پڪڙ وٺي ٿو ۽ پٽن جي جوائنٽ وٽ ويھي ٿو رھي.)

ھڪ ساٿي: ھيمون، ھاڻي بہ اسان جي ڳالھ مڃ. تون ھتي ٻھي نگھباني ڪر، مان ٿو پٽا اُکيڙيان.

ھيمون: (ڪجھ تيز آواز ۾) شٽ اپ...

(ھيمون پڪڙ ۽ پاني جي مدد سان فش پليٽون ڪيڏڻ جي ڪم کي لڳي ٿو وڃي. ٻئي دوست آس پاس نھاري نظرداري ڪري رھيا آھن. ھيمون فش پليٽون ڪيڏي رھيو آھي. رات جي سڏاٽي ۾ پڪڙ ۽ پاني جو آواز دور دور تائين ڦھلجي رھيو آھي.) (ڪٽ)

درشيہ-٢٠/الف ھڪ وڏو وڻ (ٻاھر) چانڊوڪي رات

ڪئميرا ڪلوز خانگي لباس ۾ ھڪ سي. آءِ. ڊي. انسپيڪٽر ٿي. ھو دوربينيءَ سان ڪجھ ڏسي رھيو آھي. ڪجھ دير ھو ڏسندو رھي ٿو ۽ پوءِ اطميمان جي نوع ۾ مٿو لوڏي ٿو ۽ ساڄي

جهڙا ڪمزور جذبا هجن انهيءَ ڪي جاسوسي ۽ جرم جي دنيا ۾ هڪ پل به ساهه کڻڻ جو ڪوئي حق ئي ناهي. ڪل هم. فعش هم...

(ان وچ ۾ ٻيو فقير در کان ٻاهر نهاري ٿو ۽ ڪجهه ڏسي چرڪ نڪري ٿو وڃيس.)

فقير: ڇاهي؟

ٻيو فقير: ڪي مريد اچي رهيا آهن.

(فقير ديوانا وار نچڻ شروع ٿو ڪري. اشارو سمجهي ٻيو فقير به نچي ٿو.)

فقير: الاه هو.

ٻيو فقير: حق.

فقير: الاه هو.

ٻيو فقير: حق.

(ٻئي فقير نيم تاريڪ ڪمري ۾ "الاه هو - حق" جا نعرا هڻندا رهن ٿا ۽ ديوانن وانگر طئف ڪندا رهن ٿا. لڳيٿو ٻئي فقير دين ۽ دنيا وساري الاه سان هڪ ٿي ويا آهن.)

(ڪٽ)

درشيه-١٩ ريل جا پٽا (ٻاهر) چانڊوڪي رات

ميڊيم شاٽ. رات چانڊوڪي آهي. هيمون ۽ هن جا ساٿي ٻانهرا پائيندا پٽن سان گڏو گڏ اڳتي وڌندا ٿا وڃن. چنڊ جي روشنيءَ ۾ لوهه جا پٽا چمڪي رهيا آهن. چوطرف موت جهڙي خاموشي آهي. نُنهي نوجوانن جي گوڏن ۾ هلڻ جي ڪري پٽن جي آس پاس پيل پٿر ڪڙ ڪڙ جو آواز ڪري رهيا آهن. ڪڏهن ڪڏهن دور ڪان ڪتن جي ڀونڪڻ جو آواز اوورلئپ ڪريٿو. ڪنهن ڪنهن وقت سعاٿو ڪافي ڀوائتو لڳي ٿو. هيمونءَ جي همت ۾ ڀانو آهي ۽ هن جي هڪ دوست جي

هڪ پل ۾ چؤڪيءو ٻڌجي ٿو وڃي. پڪڙ ۽ پاڻو ھن ڪان ڪسيو ٿو وڃي ۽ سپاهي ڪيس گهليندا ونڊ جي پاسي ۾ اچي ٿا ڦٽو ڪن ۽ سنگيدون تاڻي چؤگرد ڀهڪي وڃن ٿا.

ان وچ ۾ هيمون جا ٻئي ساٿي غائب ٿي ٿا وڃن. ڪنهن جو به هنن ڏانهن ڌيان ڪونه ٿو وڃي.

ان وقت انسپيڪٽر به اچي ٿو پهچي. هن جي هٿ ۾ پستول آهي ۽ فل وردي ۾ آهي.)

انسپيڪٽر: باقي ٻه ڄڻا ڪٿي آهن؟

سپاهي: سر- سر- سر هي اڪيلو ئي هو.

انسپيڪٽر: نان سينس! ڪل ٽي ڄڻا هئا. هي ٻئي فش پليٽون ڪڍي رهيو هو ۽ باقي ٻه ڄڻا نگهباني ڪري رهيا هئا. وير آر دي؟

سپاهي: جناب - جناب ... اسان جي هٿ فقط هي آيو - باقي ٻه...

انسپيڪٽر: فرار ٿي ويا ڪيئن؟ يوُ ول هئوِ ٽ ايڪسپلين... ٽوٽل ڪيئرليس نيس!... معهنجو معهن ڇا تڪي رهيا آهيو. هن مجرم کي قابو ڪري جهليو ۽ ڏسو ته فش پليٽن سان ڪائي هٿ چراند ته ڪو نه ٿي آهي...

سپاهي: يس سر.

(هڪڙو سپاهي پاڻو ۽ پڪڙ ڪٽي فش پليٽن جي جاچ لاءِ پٽن جي اڳيان وڃي هيٺ اوڪڙون ويهي ٿو رهي ۽ ٽارچ جي روشنيءَ ۾ پٽن کي جاچي ڏسي ٿو. هڪ ٻن هنڌ پڪڙ سان ٺڪ ٺڪ به ڪري ٿو.)

سپاهي: جناب، سڀ ڪجھ ٺيڪ آهي.

انسپيڪٽر: آءِ ائم ناٽ سيٽسفائيڊ - پاڻي سان نٽ - بولٽ ٽائيٽ ڪري ڇڏيو. جلدي. ڪئڪ. ٽرين اچڻ واري ئي آهي...

هٿ سان اِشارو ڪري ٿو ۽ پاڻ وري دوربيني جي مدد سان ڪجهه ڏسڻ لڳي ٿو.
(ڪٽ)

درشيه-٢٠/ب مئدان (ٻاهر) چانڊوڪي رات

ميڊيم شاٽ. خاڪي وردي ۽ لال پڳڙي ۾ ڪجهه سپاهي ڏاڍي خبرداريءَ سان هڪ طرف وڌي رهيا آهن. هنن جي ڪلهن تي بندوقون لٽڪيل آهن. هو اڳتي وڌندا ٿا وڃن.
(ڪٽ)

درشيه-٢١ ريل جا پٽا (ٻاهر) چانڊوڪي رات

(ڪئميرا ڪلوز پٽن جي جوائنٽس تي. پڪڙ ۽ پاني جي مدد سان نٽ بولٽ کولڻ جي ڪوشش تي رهي آهي. ڪئميرا پل بئڪ تي ڪري ۽ اسان ڏسون ٿا ته هيمون پٽا اُکيڙڻ جي ڪم ۾ مشغول آهي. سندس ٻئي ساٿي نگهباني ڪرڻ جي بجاءِ وڻ طرف نهاري رهيا آهن. لڳي ٿو هو پاڻ کي مشڪل سان سجاڳ رکي وينا آهن. هنن جي اکين ۾ ننڊ آهي ۽ چست چالاڪ هئڻ جي بجاءِ موڳا موڳا لڳي رهيا آهن. رات جي سناٽي ۾ ٿورڙو آواز به دور دور تائين وڃي رهيو آهي. هيمون پنهنجي ڪم ۾ مشغول آهي. سندس ٻئي ساٿي هيڏانهن هوڏانهن نهاري رهيا آهن.)

هڪ ساٿي: اڙي، هو ڇا هي؟

ٻيو ساٿي: ڪٿي؟

هڪ ساٿي: مون سامهون واري دڙي جي آس پاس چرپر محسوس ڪئي.

ٻيو ساٿي: مونکي ته ڪجهه به ڏسڻ ۾ ڪو نه ٿو اچي. بلڪل شانتي لڳي پئي آهي.

(نيڪ ان وقت قدمن جا ڪجهه آواز ٻڌڻ ۾ اچن ٿا ۽ پنج ڇهه سپاهي ٻاز وانگر ٿا اچي هيمون تي ڪڙڪن. هيمون

هيمون: ڪهڙا ساٿي؟

انسپيڪٽر: جيڪي فش پليٽس ڪيرڻ ۾ تنهنجو سات ڏيئي رهيا هئا.

هيمون: مان اڪيلو هوس، اڪيلو آهيان ۽ اڪيلو ئي رهندس. منهنجو ڪوئي ساٿي ڪو نه هو.

انسپيڪٽر: مون خود پنهنجن اکين سان ڏٺو هو ته تون پنن سان هٿ چراند ڪري رهيو هئين ۽ تنهنجا ٻه ساٿي آس پاس بهي نظرداري ڪري رهيا هئا، ڪير هئا اُهي؟

هيمون: مان اڪيلو هوس.

انسپيڪٽر: ڪٿي آهن اُهي؟

هيمون: مان اڪيلو هوس.

انسپيڪٽر: تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين.

هيمون: پوءِ تون هڪ ڪوڙي سان ڇو ٿو ڳالهائين؟

انسپيڪٽر: ٻنهي ساٿين جا نالا ٻڌاءِ.

هيمون: مان اڪيلو هوس.

انسپيڪٽر: هي چار سنگينيون تنهنجيءَ ڇاتيءَ ۽ پيٺ جي آرپار وڃي توکي زمين جي هن ٽڪري سان چنبڙائي ڇڏينديون ۽ تنهنجي بدن جو خون ڪتا نه چٽيندا.

هيمون: نو پرابلم. ڪئري آن.

انسپيڪٽر: بلڊي باسٽرڊ...

هيمون: ۽ انهن انگريزن جي تون غلامي ڪري رهيو آهين-

(انسپيڪٽر غصي ۾ اچي هيمونءَ کي ٻن ٽنگن جي جوڙ وٽ لت ٿو هڻي- هيمون ڏند پيڪوڙي سور سهڻ جي پوري ڪوشش ٿو ڪري پر ته به هن جي منهن مان هلڪي درد ڀري چيخ نڪري ٿي وڃي.)

انسپيڪٽر: بيوقوف ڇوڪرا، اجاين وهمن ۽ خيالن ۾ ڦاسي

هي اي اي! اپراڌيءَ کي اصل چرڻ پرڻ ۾ نه ڏيو-
(سپاهي پاڻي جي مدد سان نت بولٽ ٽائيٽ ڪرڻ لڳيٿو.)
انسپيڪٽر: خبرداريءَ سان...
(انسپيڪٽر مڙي ٿو ۽ وڻ طرف وڌي ٿو جتي هيمون سپاهين جي وچ ۾ زمين تي ڪريو پيو آهي ۽ هن جي سيني تي چئني طرفن کان بندوقون چٽيل آهن. هيمونءَ جو چهرو پٿر وانگر ڪٺور آهي، شانت آهي ۽ ڊپ جو نالو نشان به ڪونه آهي هن جي چهري تي.)
هيمون: (انسپيڪٽر کي ڏسي) انقلاب زندهآباد- پارت ماتا کي جئه...
انسپيڪٽر: (هلڪو کلندي) پارت ماتا جي جئه کان اڳ پنهنجيءَ جان جو ته خير مناءِ- تنهنجو نالو ڇا آهي؟
هيمون: ڪرانتيڪاري...
انسپيڪٽر: سو تون پاڻ کي انقلاب جو سمبل ٿو سمجهين؟ باراڻي ٻڌي... محدود سوچ جو دائرو... تڪڙو مشهور ٿيڻ جو يڪدم ۾ مؤثمار رستو...
(ان وقت ٽرين جي وسل جو آواز ڪن تي پوي ٿو. ڪجهه ئي پلن ۾ پٽا ۽ پٽن جي آس پاس جي زمين انجڻ جي هيڊ لائيٽ جي روشنيءَ سان پرجي ٿي وڃي. وسل. ڌڙ ڌڙ. وسل. ٽرين تيز رفتار ۾ اتان گذري ٿي. درين مان ايندڙ روشني زمين تي وچتر وچتر تصويرون ٺاهي ٿي. ڪن ڪن درين جي اڳيان ويٺل فوجي نظر اچن ٿا، روشنيءَ جا ٽڪرا وڻ، پوليس ۽ زمين تي ڪريل هيمونءَ تي پون ٿا ۽ انقلاب جو اتهاس چٽيندا وڃن ٿا. ٽرين جي لنگهي وڃڻ کان پوءِ ٻه ڪي پل مؤت جهڙي خاموشي ڇانئجي ٿي وڃي.)
انسپيڪٽر: تنهنجا ساٿي ڪٿي آهن؟

انسپيڪٽر: ٽارچر روم ۾؟ او. ڪي. سر- اوور انڊ آل...

(انسپيڪٽر ٽرانسمٽر جيب ۾ وجهي ٿو. ڪئميرا هن جي ألا ڪنڌ اکين تي.) (ڪٽ)

درشيه-٢٢ ٽارچر روم (اندر) رات

(ڪئميرا ڪلوز هڪ تيز روشنيءَ واري بلب تي. ڪئميرا جي پل ٻڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته سکر جي ڪنهن حوالات ۾ ناهيل اهو هڪ ٽارچر روم آهي؛ جتي پوليس ۽ سي-آءِ-ڊي- آفيسر اپراڌين ۽ انقلابين تي قسمين قسمين جسماني ۽ مانسڪ ظلم ڪري انهن مان خبرون ڪيڻ جون ڪوششون ڪندا آهن. ۾ گهڻو ڪري اهي چيمبر انقلابين کي پيڙائون ڏيڻ ۽ انهن جي منهن مان ڪوڙا بيان ڏيارڻ لاءِ ئي ڪم آندا ويندا آهن. هن وقت ان ٽارچر چيمبر ۾ هيمون ڪالاڻي ڇوڪنيو لوهي زنجيرن سان ڇت سان ٽنگيو پيو آهي. هن جي جسم تي فقط هڪ نڪر پيل آهي باقي سڄو سرير ننگو اٿس. هن جي سرير تي ڪيترن ئي هنڌ ڇهبوڪن جا نشان آهن. ڪيترن ئي هنڌان خون وهي رهيو آهي. ڪيترن ئي هنڌ خون سڪي ويو آهي. هيمونءَ جي ساڄي کابي ٻه جلادن جهڙا پوليس وارا بيٺا آهن جيڪي هن جي مٿان سٽاسٽ ڏنڊن جو وسڪارو ڪري رهيا آهن. جلادن جي بدن جي لوڏ مان ائين ٿو لڳي جڻ ته هو ڪنهن خاص قسم جو قديم وحشي نرتيه ڪري رهيا آهن ۽ هندن جا ڏنڊا ڪنهن زنده انسان تي نه پر ڪنهن دميءَ تي وسي رهيا آهن. هنن جي منهن مان جانورن جهڙا آواز نڪري رهيا آهن.

ڪمري ۾ سپاهين جهڙا تي جلاد قسم جا چار ڪس آفيسر جدا جدا ڪنڊن وٽ بيهي تماشو ڏسي رهيا آهن. هنن جي چهرن تي وحشي مرڪ آهي. هيمون ازحد پيڙا کان ڪڏهن

پنهنجي زندگي تباهه نه ڪر... حقيقتن جي ڀيانڪ صورت کان تون واقف ڪونه آهين.

هيمون: انسپيڪٽر، مونکي چڱيءَ طرح ڄاڻ آهي ته مان ڇا ڪري رهيو آهيان ۽ توهان ڇا ڪري سگهو ٿا. مونکي ڪنهن به قسم جي خوشخيالي ڪونه آهي...

هڪ سپاهي: سر هن ڇوڪري جو نالو هيمون آهي. هيمون ڪالاڻي...

انسپيڪٽر: پُو مين پيسومل ڪالاڻيءَ جو پٽ؟

سپاهي: يس سر.

انسپيڪٽر: ڇيڪو ٺيڪيدار آهي؟ انگريز سرڪار جو وفادار؟

سپاهي: يس سر، يس سر.

انسپيڪٽر: هيمون، پنهنجي پيءُ جو شان ڏس ۽ پنهنجا هيءُ ڪرتوت ڏس.

هيمون: پنهنجي پتا بابت مان ڪجهه ڪونه چوندس پر مون جو ڪجهه ڪيو آهي ان تي مونکي ناز آهي، فخر آهي.

انسپيڪٽر: هيمون، مارشل لا جو زمانو آهي. تنهنجي جسم مان انفرميشن جو هڪ هڪ ڦڙو ڪيئن اسان لاءِ ڏکيو ڪم ڪونه ٿيندو. تون ڪيترو به سخت ڇو نه هجين. وي آر ٽرينڊ ٽو ڪريڪ د هارڊ نٽس...

هيمون: ٽراءِ اِٽ.

(انسپيڪٽر ڪجهه قدم دور وڃي پنهنجي پتلون جي اندرين جيب مان ٽرانسميٽر ڪڍي رپورٽنگ ڪري ٿو.)

انسپيڪٽر: قيصر رپورٽنگ سر... فش پليٽون ڪيرڻ جي ڪوشش ڪندي هيمون نالي هڪ ڇوڪرو پڪڙيو ويو آهي، به ٻيا ويا. اوور.

(ڪجهه پل بعد ٿو)

ڇھوڪري تي ڪلوز. جنھن تي ٻاهٽيءَ جا ڇنڊا ھنيا ٿا وڃن.)
(ڪٽ)

درشيه-٢٣ رتنا جو ڪمرو (اندر) صبح

(ڪئميرا ڪلوز رتنا جي ڇھوڪري تي. رتنا اُھا ڇوڪري آھي جنھن جو ذڪر درشيه ١٣ ۾ ڪيو ويو آھي. ھوءَ سکر جي خفيہ اڏي ۾ وينل ڏيکاري ويئي آھي ۽ جنھن جي باري ۾ لکيو ويو آھي تہ ھيموءَ جون ڳالھيون ٻڌي ھن جي اکين ۾ عزت ۽ محبت جون ڇوليون مچلي رھيون آھن ۽ ھن جي اکين ۾ ڪي سپنا ۽ ڇپن تي ھڪ جادوءَ ڀري مرڪ آھي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا تہ ھوءَ نواڙ واريءَ کٽ تي پنھنجي ڪمري ۾ سمھي پئي آھي. سورھن سترھن سالن جي ھوءَ ڪومل ڪلي ڪافي بيقرار لڳي رھي آھي. لڳيٿو سڄي رات ھن ننڊ ڪونہ ڪئي آھي. اکيون ڀاري اٿس ۽ ڪجھ ڳاڙھيون بہ. رکي رکي پيڙا کان وھاڻي تي ئي ڪنڌ کي ھيڏانھن ھوڏانھن ڦيري ٿي. رتنا جي کٽ کان ٿورو دور ٻيءَ کٽ تي رتنا جي ماءُ سمھي پيئي آھي ۽ ھن سان گڏ ستن اٺن سالن جو ھڪ ڇوڪرو بہ سمھيو پيو آھي. ڪمرو معاملولي ڍنگ سان سجايل آھي ۽ آس پاس گھر گرھستيءَ ۾ ڪم ايندڙ ڪجھ شيون پيون آھن. ديوارن تي فريمن ۾ جڙيل رام، ڪرشن، ھنومان، گرونانڪ ۽ گرو گوبندسنگھ جون تصويرون ٽنگيل آھن. رتنا جي پيرانديءَ واريءَ ديوار تي ھڪ ئي فريم ۾ جڙيل مھاراڻا پرتاپ ۽ ڇترپتي شيواجيءَ جون تصويرون ٽنگيل آھن. رتنا ڪڙڪي ڪنجھي رھي آھي. لڳيٿو ھوءَ بيحد پيڙا محسوس ڪري رھي آھي.

رتنا جي ڪڙڪڻ ڪنجھڻ جي آواز تي ھن جي ماءُ جي اک کلي ٿي وڃي ۽ واڻڻ وانگر رتنا ڏانھن نھاري ٿي.)

ڏند زور سان پيڪوڙي ٿو ڪڏهن مٺهن کولي درد جو زور ٻاهر ڪيي ٿو ۽ ڪڏهن زور سان ڪٽي ٿو چپ بند ڪري. هن جي شرير جي هڪ هڪ انگ مان درد ۽ پيڙا نمودار ٿي رهي آهي...

— مان اڪيلو هوس. مون سان گڏ ڪوئي ڪو نہ هو. انقلاب زنده آباد.

مان اڪيلو هوس. مون سان گڏ ڪوئي ڪو نہ هو. انقلاب زنده آباد.

هيمون ۽ ٿي ڏنڊا وسندا رهن ٿا. هيمون چپ آهي. پر مٿيان جملا اوورلئپ ڪندا رهن ٿا. ڪڏهن جوش مان، ڪڏهن غصي مان، ڪڏهن ڌيمي آواز ۾، ڪڏهن نروڪار ڀاو سان، ڪڏهن قس قس ڪندي ۽ ڪڏهن لاچاريءَ مان. جملا ساڳيا آهن پر ادا ڪرڻ جو انداز بدلبو ٿو رهي. ڌيري ڌيري هيمون بيهوش ٿي ٿو وڃي. هن جو ڪنڌ هڪ طرف لٽڪي ٿو وڃي. جلادن جا ڏنڊا چالو آهن.)

آفيسر: بس. اسٽاپ اِٽ.

(ڏنڊا رڪجي ٿا وڃن)

آفيسر: هوش ۾ اچڻ ڏيوس. وڏيڪ سبق پوءِ سيکاريوس.

ٻيو آفيسر: (ڪلنديءَ) مئٽرڪ جو ودياٿي آهي.

آفيسر: اسان سڌو گريجوئيٽ بڻائي ڇڏينداسونس.

(سڀ کلن ٿا.)

آفيسر: (ڪجهہ گنڀير ٿي) توهان چيو تہ مئٽرڪ جو ودياٿي آهي. ڪهڙي اسڪول ۾ پڙهندو آهي؟

ٻيو آفيسر: لوڪمانيہ تلڪ هاءِ اسڪول ۾.

آفيسر: لوڪمانيہ تلڪ هاءِ اسڪول... ويري ونڊرفل!

(آفيسر جي اکين ۾ شڪ. ڪئميرا بيهوش هيمون ۽ تي

(ان وقت ٻاهران اخبار واري جو آواز اوورلئپ ٿو ڪري)
آواز : اڄوڪي خاص خبر- تازي خبر! اڄوڪي خاص خبر- تازي خبر! هيمون ڪالاڻي گرفتار- هيمون ڪالاڻي گرفتار- سعدس ۽ ساٿي فرار- ۽ اپراڌي فرار! هيمون گرفتار - هيمون گرفتار!
(آواز ڌيري ڌيري دور ٿيندو ٿو وڃي. هيمون ڪالاڻيءَ جي گرفتاريءَ جي خبر جو رد عمل رتنا تي اهو ٿو ٿئي تہ پهريون تہ هن جون اکيون ڦاٽي ٿيون وڃن ۽ بيجان بت ٿي وڃي ٿي. پوءِ اوچتو زور سان ڪٽ تي اُٿي ٿي وهي ۽ زور سان ڇيڪ ٿي ماري)
رتنا : (ڇيڪ ڪري) هيمون اون اون اون...
(رتنا سڏڪي رهي آهي. ماڻس هن ڏانهن قياس ڀريل نظرن سان نهاري ٿي. اوچتو رتنا سڏڪا ڀري رئڻ ٿي لڳي ۽ رئندي رئندي منهن ڪٽي تي ماءُ جي ڇاتيءَ ۾ لڪائي. ماڻس هن جي پٺيءَ تي آڱت ۽ پريم جي ٿپڪي ٿي ڏئي. سڏڪن جي ڪري رتنا جي پٺيءَ جو ڪنڌو لرزي رهيو آهي.)
(فيڊ آئوٽ)

فيڊ - اِن
صبح مارشل لا ڪورٽ (اندر) ڊرشيپ-٢٤
(ميڊيم شاٽ. سکر جي مارشل لا ڪورٽ جو ڪجهه حصو نظر اچي رهيو آهي. جج ڪرسيءَ تي ويٺو آهي ۽ هن جي اڳيان هڪ وڏي ميز پئي آهي. جج جي ساڄي پاسي اردلي پٺر جي بت وانگر ٻڌا چرپر جي بيٺو آهي. جج جي ميز تي هڪ فائيل، ڪجهه پنا ۽ "آرڊر - آرڊر" چوڻ سان گڏو گڏ ميز تي هٿڙ لاءِ متڙڪو پيو آهي. ڪئميرا ڪجهه پل ٻڪ ڪري ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا تہ جج جي کاٻي پاسي ٿهيل ڪٽهري ۾

ماءُ: رتنا - رتنا - ڪڙڪي ڇو رهي آهين؟
(رتنا جواب ڪو نہ ٿي ڏئي فقط ڪنڌ هيڏانهن هوڏانهن ڦيرائي ٿي.)
ماءُ: ڪٿي سُور اٿيئي ڇا پٽ؟
رتنا: امان، مونکي الائي ڇا ٿي رهيو آهي!
(وري ڪڙڪي ڪنجهي ٿي. ماڻس پنهنجيءَ کٽ تان اُٿي رتنا جي کٽ جي پرسان اچي ٿي بيهي ۽ هٿ سان نراڙ ڇُتا ۽ هٿ ڇهي ٿي ڏسيس.)
ماءُ: لڳہ بہ ڪجھ گرم اٿئي... مٿي ۾ سُور اٿيئي ڇا؟
رتنا: امان، مون کي الائي ڇا ٿي رهيو آهي. سڄي رات مون وڦلندي ڪاٽي آهي. سڄو بدن ٿو ڄڻ ٽٽي.
ماءُ: لڳن جو سور تہ ڪو نہ ٿيو اٿيئي؟ ڪلھ ڪا جهڙيءَ تهڙي وائي باديءَ واري شيءِ کاڌي هُئئہ ڇا؟
رتنا: امان، ڪجھ سمجھ ۾ ڪو نہ ٿو اچي. سڄي رات مون سور سٺا آهن. ڄڻ بدن تي ڪوئي ڏنڊا هڻي رهيو آهي. ڇهبوڪ هڻي رهيو آهي. امان، گرم گرم شيخن سان ڪوئي منهنجو انگ انگ داڳي رهيو آهي. سڄو دماغ ڦاٽي رهيو آهي. مٿو ٿو ڦري. لڳہ ٿا وسامڻ. امان، مان مرانءِ ٿي...
ماءُ: چپ ڪر. ايتريءَ ننڍڙيءَ ڳالھ تي گهبرائجي ويئي آهين سڀ تنهنجا وهم آهن. اجهو ٿي. نٿومل حڪيم ڏي ماڻهو موڪليان. بہ ٽي پڙيون ۽ بہ ٽي ويلا ڏيندءِ تہ شام تائين نيڪ ٿي ويندينءَ. ڏنڊا ٿا لڳنس! ڇهبوڪ ٿا لڳنس! تتل شيخون ٿيون لڳنس! وهم آهين وهم...
(پاسي ۾ ويهي مٿي تي زور ڏئيس ٿي.)
ماءُ: دل اٿئي ڪوئي ڪان بہ ننڍي ۽ هلي آهي ڏيءَ راڻي ديش آزاد ڪرائڻ ۽ مٿن انگريزن کي ڀڄائڻ...

مٿڪو هڻي "آرڊر - آرڊر" جو هوڪو ٿو ڏئي. نتيجو اهو ٿو ٿئي جو ڪورٽ ۾ پارٽ سس پس تيزيءَ شروع ٿي وڃي ٿي. ڪورٽ ۾ رتعا به بن ساهيڙين سان گڏ ويٺي آهي.)

جج: ڪورٽ جي ڪارروائي چالو ڪئي وڃي.

(وڪيلن سان گڏ پر سڀني کان الڳ ويٺل سرڪاري وڪيل اُٿي ٿو ۽ ڪاري گائون کي ٺيڪ ڪندو ۽ هٿ ۾ جهليل فائيل ۽ پين کي سنڀاليندو ڪورٽ روم جي وچ ۾ جج ڏانهن منهن ڪري ڪجهه دير اُٿي بيهي ٿو ۽ پوءِ ڪٽهڙي ۾ بيٺل هيمون ۽ جي اڳيان اچي ٿو بيهي)

سرڪاري وڪيل: تنهنجو نالو؟

هيمون: ڪرانتيڪاري عرف انقلابي.

سرڪاري وڪيل: تنهنجي پيءُ جو نالو؟

هيمون: هندستان.

سرڪاري وڪيل: ڏنڌو؟

هيمون: انقلاب آڻڻ - ڪرانتيون ڪرڻ.

سرڪاري وڪيل: (فاتحانا انداز ۾ - ڪجهه جوش مان) يوئر آنر ڪريڪٽ! عرف - به عرف ڪريڪٽ! هي شڪل ۽ صورت مان معصوم ۽ شريف نظر ايندڙ ڇوڪرو اندرخاني هڪ وڏو اپراڌي آهي، مجرم آهي، خوني آهي، قاتل آهي- هڪ اهڙو بيرحم ۽ بيقياس درندو آهي جنهن جي نظرن ۾ انسان جي جان جي ڪائي قيمت ئي ڪونه آهي... يوئر آنر هن هڪ سنگين ۽ ناقابل - معافي جرم ڪيو آهي. هن پنهنجي ٻين ڪن ساٿين سان گڏجي ٢٣ آڪٽوبر جي رات جو ڪوئيٽا ڏانهن ويندڙ ملٽري ٽرين جي ڪيرائڻ جو ناپاڪ منصوبو سٽيو هو. هيءَ ته هن (آسمان ڏانهن اشارو ڪري) الله تعالى جي ڪرپا آهي ۽ ديا ۽ ڪرپا ٿي جو وقت سر سجاڳ سپاهين هن جي ڪوشش کي ناڪامياب

هيمون ويٺو آهي. هن جي سڄي شرير تي ڏکن جا نشان آهن ۽ هڪ اک ڪجهه سڄيل اٿس. سندس هٿ آزاد آهن پر پيرن ۾ لوهي بيڙيون پيون اٿس. هن جي بدن تي قيدين جهڙو لباس آهي. هيتريون ساريون تڪليفون ۽ پيڙائون به سندس مدوبل ۽ آتم وشواس کي ڏوڏي نه سگهيون آهن، اها حقيقت هن جي جسم جي هڪ هڪ ريشي مان ظاهر آهي. انگريزن ڏانهن دل ۾ سانديل نفرت هن کي بي-انتها همت ۽ حوصلو بخشي رهي آهي. ڪٽهري ۾ بيٺل هيمون جرات، نڊرتا، لاپرواهي ۽ جانبازيءَ جي هڪ زنده تصوير لڳي رهيو آهي. ڪٽهري جي آس پاس چار سپاهي بيٺا آهن ۽ هيمونءَ جي نظرداري ڪري رهيا آهن. پوليس وارن جي ڀرسان ئي هڪ پوليس انسپيڪٽر به ويٺو آهي. هو فل ورديءَ ۾ آهي. جج جي ڪابي پاسي، هن جي ٿلهي کان هيٺيرو ديوار سان لڳل ڪرسين تي ڪجهه وڪيل ويٺا آهن جن جي اڳيان پيل وڏيءَ ميز تي ڪجهه بريف ڪيس ۽ پنا پيا آهن. جج جي سامهون بئنچن تي لائين ۾ هڪ ٻئي جي پٺيان ڪيترائي ماڻهو ويٺا آهن. جج جي مٿان ديوار تي ٽنگيل لڏڪٽي وارو گهڙيال ٻارهن ڏيکاري رهيو آهي. اوچتو گهڙيالي ۾ ٻارهن وڄن ٿا ۽ ٽڪاو شروع ٿي ٿا وڃن. ماڻهن جي سس پس هڪدم بند ٿي وڃي ٿي ۽ سڄي ڪورٽ روم ۾ گهڙيال جي ٽڪاون کانسواءِ موت جهڙي شانتي ڇانئجي وڃي ٿي. گهڙيال ٻارهن ٽڪاءُ هڻي پورا ٿو ڪري ۽ ٽڪ ٽڪ ٽڪ جو آواز صاف ٻڌڻ ۾ ٿو اچي. ان وقت هيمون پنهنجي بدن کي ڪجهه لوڏي ٿو جنهن ڪري هن جي پيرن ۾ پيل زنجيرن جو آواز به گهڙيال جي ٽڪ ٽڪ سان ملي ٿو وڃي. سڄي ڪورٽ ڄڻ ننڊ مان سجاڳ ٿي پئي. جيتوڻيڪ ڪورٽ روم ۾ بلڪل شانتي آهي ان هوندي به جج ميز تي

(سڀيءَ ڪورٽ ۾ مؤت جهڙو سناٽو. هرڪو منهن مگهه تي ڪري سرڪاري وڪيل جو بيان ٻڌي رهيو آهي.)

سرڪاري وڪيل: يوئر آنر، معصوم ۽ ابوجهه نظر ايندڙ هي شيطان جي اپراڌن ۽ ڪڌن ڪرتوتن جي شيت تمام لمبي آهي. هي خطرناڪ اپراڌين جي گئنگ جو رڪن ماڻهو آهي. ڪيترن ئي سنگين اپراڌن جي پنيان ڪم ڪندڙ برين آهي. انگريزن کي ملڪ مان پڃائڻ جي بهاني هن اڪيچار جرم ڪيا آهن ۽ لوٽ مار ڪئي آهي. هن مجرم، سرڪاري آفيسن جا انيڪ مخفي رڪارڊ چورايا آهن ۽ ضروري ڪاغذ ساڙيا آهن. فساد ڪيا آهن، سپاهين جا خون ڪيا آهن ۽ ڪيترين ئي سرڪاري عمارتون جلائي خاڪ ڪيون آهن. هي انسان نه پر حيوان آهي. هن جي آتما مري چڪي آهي، ضمير ختم ٿي چڪو آهي. مان ته چيڪر چوان ته هي حيوان به نه پر ٻريڪلا آهي ٻريڪلا! زنده انسانن جي خون مان پنهنجي پياس ٻجهائيندڙ ٻريڪلا! هن کي ڦاسيءَ تي لٽڪائڻ جي سزا ڏيڻ به جڻ هن سان اُپڪار ٿيندو. هن کي ته مؤت کان به ڪا وڏي سزا ملڻ گهرجي جيئن وري ڪوئي شيطان اهڙي حرڪت ڪرڻ بابت سپني ۾ به نه سوچي. دئٽ از آل، يوئر آنر!

(سرڪاري وڪيل پنهنجيءَ جڳهه تي وڃي ٿو ويهي. ماڻهن ۾ سس - پس شروع ٿي ٿي وڃي. هيمون ننڍڙو پاڻ سان بيٺو آهي. رتعا جي ڇهري جو رنگ اُڏامي ويو آهي. هوءَ ڪافي پريشان، ڏکي ۽ نراس نظر اچي رهي آهي.)

جج: (هيمونءَ ڏانهن منهن ڪري) هيمون، توکي پنهنجي بچاءَ ۾ ڪجهه چوڻو آهي؟ هيءَ ڪورٽ توکي پنهنجو طرف رکڻ جو پورو پورو موقعو ڏيئي رهي آهي. تنهنجو ڪوئي وڪيل آهي؟

ڪري ڇڏيو ۽ ڪيس پڪڙي سوگهو ڪيائون، ورنا هن هتياري خونيءَ ته هزارن انسانن جي خون سان هولي ڪيڏڻ جو پورو پورو ڪاريڪرم ٺاهي ڇڏيو هو!... يوئر آنر، ذرا دل تي هٿ رکي سوچيو ته اُهي فوجي به ڪنهن جا پٽ هوندا، ڪنهن جا پتي هوندا، ڪنهن جا پيءُ هوندا. انهن جا معصوم ۽ ابهم ٻالڪ پل پل هنن جي راهه تڪيندا هوندا ۽ پل پل پڇندا هوندا ته ڊئڊي ڪڏهن ٿو اچي! انهن ابهم ٻالڪن جون مائر هنن کي طرح طرح جا ٿول، قسمن قسمن جا رانديڪا ۽ روز نوان نوان بهانا ڏيئي دلاسا ڏينديون هونديون ته اڄ ٿو اچي، سڀاڻي ٿو اچي ۽ پرهينءَ ٿو اچي! ڇا ان لاءِ ته هڪ ڏينهن انهن وفادار راڄ-پريمي ۽ جانباز فوجين جي گهرن ۾ هنن جون ورديون وڃي پهچن؟ سو به هڪ ڪرمٺل ليوٽنڪ جي ڪري؟ هڪ درندي، خوني پاڳل جي ڪري؟

(سرڪاري وڪيل جي تقرير جو اثر جادوءَ جهڙو ٿئي ٿو ۽ سڄي ڪورٽ روم ۾ مڪمل شانتي ڇانئجي ٿي وڃي. رتنا بيقراريءَ وچان پاسا بدلائي ٿي.)

جج: (چاهه ونندي) پروسيڊ.

سرڪاري وڪيل: ڳاڙيون ڪيرائي انساني خون وهائيندڙ درندا به جيڪڏهن پاڻ کي هندستان جا سپاتر، ڀارت ماتا جا دلارا، ديش جي اڪيتا جا تارا ۽ آزاديءَ جا اُپاسڪ ڪرانتڪاري سمجهڻ شروع ڪندا ته پوءِ هڪ اپراڌيءَ ۽ ديش ڀڳت ۾ فرق ئي ڪهڙو وڃي رهندو؟ پوءِ ته، يوئر آنر، سڀني جا سڀ ئي ڌاڙيل، چور، خوني، ٻاڦاريدار ۽ بدمعاش لفنگا ديش پريمي ۽ وطن پرست ٿي پوندا! ڇا هندستان جي عام جنتا اهو چاهيندي ته آزاديءَ کان پوءِ هو ڌاڙيل ۽ هٿيارا هنن تي راڄ ڪن؟ ملڪ جون واڳون سنڀالن؟

(او چتو ڪورٽ ۾ ٺهڪڙو مچي ٿو وڃي. ڪيترا ماڻهو تاڙيون وڄائن ٿا. رتنا جي دل جو بوجهه لهي ٿو وڃي. هن جي چهري تي مرڪ آهي ۽ هوءَ زور زور سان تاڙيون وڄائي رهي آهي.)

جج: (ميز تي متوڪو هڻي) آرڊر. آرڊر... هيمون، يوُ آر گلٽي فار نٿنگ.

هيمون: (سر جهڪائي) ٿئنڪ يوُ سر!

(ڪورٽ ۾ هلڪي ڪل.)

جج: (پوليس انسپيڪٽر ڏانهن نهاري) جن اوزارن سان اپراڌي فش پليٽون ڪڍي رهيو هو، اهي ڪورٽ ۾ حاضر ڪيا وڃن.

(انسپيڪٽر هڪ پوليس واري کان چمڙي جي بئگ ورتي اها کولي ٿو ۽ ان مان ڪپڙي ۾ ويڙهيل پڪڙ ۽ پانو ڪڍي اردليءَ کي ڏئي ٿو جيڪو انهن کي جج جي سامهون ميز تي رکي ٿو. جج ڪجهه دير اوزارن جو معائنو ڪري ٿو ۽ پوءِ هيمونءَ سان مخاطب ٿئي ٿو.)

جج: هيمون، ڇا هي اهي ئي اوزار آهن جيڪي تو پٽا اکيڙڻ لاءِ ڪم آندا هئا؟

هيمون: هائو جج صاحب، اهي ئي آهن. بلڪل اهي ئي.

جج: پڪڙ ۽ پانو مجرم کي ڏيکاريا وڃن.

هيمون: ڪائي ضرورت ڪونه آهي. مهنجن ساٿين کي بدلي جي همت چاهي حماقت پوليس به ڪانه ڪندي.

(ڪورٽ ۾ هلڪي ڪل)

هيمون: ميلن جي مفاصلي تان به مان پنهنجن ساٿين کي سڃاڻڻ جي نظر رکان ٿو جج صاحب!... هيءَ شبد. پيدي باڻ هٿندڙن جو ديش آهي سرڪار!

رتنا: (ڌيمي آواز ۾) ارجن ڏانهن اشارو اٿئي يا پرٿوي‌راج

(وڪيلن ۽ عام ماڻهن ڏانهن نهاري) جوابدار جي طرفان ڪوئي وڪالت ڪرڻ لاءِ تيار آهي؟

(هر طرف خاموشي - ڪٿان به ڪوئي جواب ڪو نه ٿو اچي. جج هيمون ڏانهن نهاري ٿو.)

هيمون: مان پنهنجو وڪيل پاڻ آهيان. آخر به مونکان وڌيڪ منهنجي باري ۾ ڪير ڄاڻي سگهندو؟ مان هر سوال جو جواب پاڻ ڏيندس جج صاحب.

جج: سڀ کان اول ته اهو ٻڌاءِ فش پليٽون ڪيڻ وقت توسان گڏ ڪي ساٿي هئا؟

هيمون: ضرور هئا. اڪيلو، انهن ساٿين جي مدد کان سواءِ مان ڪيئن ٿي پٽا اُکيڙي سگهيس؟

(ڪورٽ ۾ ڇڻڀلو مچي ٿو وڃي. رلدا جون اکيون عجب ۾ ڦاٽي ٽيون ٿيون وڃن.)

رلدا: (ڌيمي آواز ۾) اڙي هيمون، هي تون ڇا ڪري رهيو آهين؟ آخر ٿئي پئين تون به!

جج: (ميز تي ٺڪو هڻي) آرڊر. آرڊر... ها ته مسٽر ڪالاڻي، توسان گڏ ٻيا گهڻا ساٿي هئا؟

هيمون: (ڪجهه سوچي ۽ ٻه آڱريون ڏيکاريندي) ٻه - جج صاحب ٻه.

جج: هن وقت اُهي ڪٿي آهن؟

هيمون: پوليس جي حراست ۾.

(جج عجب وچان پوليس وارن ڏانهن نهاري ٿو. خود پوليس وارا ۽ انسپيڪٽر عجب ۾ آهن. ڪورٽ ۾ مڪمل شانتي آهي.)

جج: اُنهن جا نالا؟

هيمون: هڪ ٻڪرُ ۽ ٻيو پانو. ٻئي ئي ديش جو ديوانو!

مان هوندو آهي، سو ايمان هوندو آهي ۽ وويڪ هوندو آهي... ۽ جيڪي زنده هوندا آهن...

جج: (غصي مان) شٽ اپ! يُو...

هيمون: (وچ ۾ ڪٽي)... پر انگريزي حڪومت انهن گڻن کان آجي آهي!... انگريزن جون ڪورٽون ته ڪوڙ ويساهه-گهاتي، رشوتخوري ۽ ٺڳلبازيءَ جون زنده تصويرون آهن.

جج: اي زبان - دراز مجرم! تنهنجي ڪجهه ڪجهه پلائي ان ۾ ئي آهي ته ڪورٽ جي بي - ادبيءَ جي معافي وٺ- ورنا...

هيمون: ورنا توهان مون کي ڦاسيءَ تي لٽڪائيندا - ائين؟

جج: تون نه صرف گستاخ آهين بلڪ بيوقوف به آهين- ديش کي آزادي وٺي ڏيڻ وارن ۽ انگريزن سان نفرت ڪندڙن کي ڳالهائڻ جو به عقل ناهي! مان ته اهو سوچي سوچي حيران ٿي رهيو آهيان ته جي انگريز هن ملڪ مان هليا ويا ته هن ديش جو حال ڇا ٿيندو! جڏهن ديش جا رهبر ۽ رهنما (هيمونءَ ڏانهن اشارو ڪري) هن جهڙا هوندا ان ديش جي ڪشتي ته ڪناري وٽ ئي ٻڏندي! افسوس! صد افسوس!

هيمون: (جوش ۾) آزاديءَ ڪانپوءِ هن ديش جو ڇا ٿيندو، اهو سوچڻ جو توهان جهڙن وويڪ - وڪيلن کي نه ضرورت آهي ۽ نه حق آهي! مان وڏي واڪي سڀنيءَ دنيا کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته اسان کي فقط آزاد ٿيڻ ڏيو پوءِ ته سڄي دنيا ڀارت کي سلام ڪندي ۽ هر ملڪ جو باشندو اِها دعا پڙهندو پڙهنجي پروردگار کان ته ڪاش، مان ڀارت ۾ پيدا ٿيان!...

(سرڪاري وڪيل تاڙيون ٿو وڄائي پر مذاق اڏائڻ جي مطلب سان. باقي ماڻهو عجب مان هن ڏانهن نهارن ٿا)

سرڪاري وڪيل: (پنهنجيءَ جڳهه تي بيهي) يُو آر! ان ۾ بلڪل شڪ ناهي ته پوءِ پکوان وٽ درخواستن جا ڍير لڳي

چؤهاڻ ڏانهن، هيمون؟

(هيمون ۽ رتنا جون نظرون ملن ٿيون)

ساهيڙي: اشارو توڏانهن اٿس- سڌو ۽ صاف.

(رتنا جي منهن تي شرميلي مرڪ نمودار ٿئي ٿي.)

جج: هيمون، پنهنجن ساٿين جا نالا ٻڌاءِ ۽ اپراڌين کي سزا ڏيارڻ ۾ ۽ پورو پورو انصاف ڪرڻ ۾ هن پوليس استان جي مدد ڪر.

هيمون: يعني ڪوس - گهر ۾ قتل ٿيڻ لاءِ ٻيا ڳڳدام جيو ڪاساين جي حوالي ڪريان؟

جج: (ڪجهه غصي مان) هيمون، خبر پوئي ٿي ته تون ڪٿي بيٺو آهين ۽ ڪنهن سان ڳالهائي رهيو آهين؟

هيمون: جج صاحب، مان ڄاڻان ٿو ته مان ان جڳهه تي بيٺو آهيان جنهن کي سڏيو ته انصاف جو گهر ۽ نياءُ جو مندر ويندو آهي پر حقيقت ۾ گهٽيون ۾ گهٽيون بي انصافيون ۽ وڏي ۾ وڏا ڪڌا ڪم اتي ئي ٿيندا آهن- مان ان ناپاڪ ۽ گندي قتلگاهه ۾ بيٺو آهيان جتي نردوش ديش ڀڳتن ۽ وطن پرستن کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويندو آهي ۽ اپراڌين، مجرمن ۽ غدارن کي انعامن اڪرامن سان نوازيو ويندو آهي. هيءَ جڳهه ڳرب- استان آهي ان ڏائڻ پشاچڻيءَ جو جيڪا هر روز ديش دروهي ۽ غدار پيدا ڪندي آهي جيڪي معمولي سکن سهنجن جي عيوض پنهنجن ئي ڀائرن جا ڳلا ڪٽيندا آهن... باقي رهيو سوال جو بيون ڪنهن ته مان ڪنهن سان ڳالهائي رهيو آهيان... مان اتياچاري ۽ دوکيباز انگريزن جي هڪ دلال سان ڳالهائي رهيو آهيان...

جج: (ڪجهه تيز آواز ۾) هيمون، زبان سنڀال. تون ڪورٽ جو اپمان ڪري رهيو آهين...

هيمون: (وچ ۾ ڪٽي) اپمان انهن جو ٿيندو آهي جن کي

ڇاهيندا رکندڙ هڪ پاڳل اپراڌي جنهن ملڪ جي آن بان ۽ شان لاءِ جان ڏيندڙ جوانن کي خبيث ٿو سمجهي ۽ سڏي ته دل ۾ هڪ سوال ٿو اُٿي ته خود اهڙي انسان جو ويڪ کهڙي قسم جو آهي! هيمون، اهو نه ڀلاءِ ته تو بيجان ڌرين ڪونه ٿي ڪيرائي پر هزارن انسانن جو خون ٿي ڪرڻ چاهيو- هيمون، انصاف- پسند ۽ ويڪ شيل انسان صدين تائين توتي لعنتون وجهندا رهندا- اهو ياد رکجانءِ.

هيمون: (بيحد گنڀير آواز ۾) مون فوجي ڌرين ڪيرائڻ ٿي چاهي اها ڳالهه مون اول به قبول ڪئي آهي ۽ هاڻي به قبول ڪري رهيو آهيان. منهنجو ويڪ کهڙي قسم جو آهي ان جي چنتا يا پرواهه ڪرڻ جي جج صاحب ۽ سندس ساٿين کي ڪائي ضرورت ناهي. ايندڙ پيڙهيون مونتي لعنتون وجهنديون يا منهنجيءَ تصوير تي ڦول- مالهائون چاڙهينديون ان جي پرواهه ڪرم ڪٿي ڌرم ميندڙ ڪڏهن به نه ڪندا آهن... فرنگين جون ڪڙيون ڪيل هي نانڪي ڪورٽون، هي ڪوڙيون ڪورٽون جتي ڀارت ماتا جي ديش ڀڳت سپاٽن کي هزارن جي تعداد ۾ ڦاسيون ۽ ڪاري پاڻيءَ جون حيواني سزائون ڏنيون ٿيون وڃن، ڪهڙو منهن کڻي آئينده جي پيڙهين جي اڳيان ساڃاهه ملائي ڳالهائي سگهنديون؟ مون ته فقط اُنهن حيوانن جو خون ٿي وهائڻ چاهيو جيڪي ديش ڀڳتن ۽ وطن- پرستن جي خون سان روز هوليون ٿا کيڏن. منهنجي پالتو ڪتن جو ڪيڏو سيڪ ٿو اچي توهان کي جج صاحب! جڏهن اسان انقلابين جو خون ٿو وهي تڏهن ته توهان جي ويڪ جا دروازا بلڪل بند ٿي ٿا وڃن!... مون راڪاسڪي ۽ پشاچي طاقت کان هڪ نعيڙو بدلو وٺڻ ٿي چاهيو، هڪ نعيڙو ڏڪ هڻڻ ٿي چاهيو جيڪو اسان جي هستيءَ جو شاهد ٿئي ها...

ويندا ته سائين، اسان کي پارت ۾ موڪليو- پارت ۾ موڪليو؛ پارت ۾ موڪليو ...

(درشڪ بلڪل چپ آهن. جج ڪجھ مرڪي ٿو ۽ وڪيل هلڪو ٽهڪ ڏين ٿا. سرڪاري وڪيل فاتحانا نوع ۾ هيڏانهن هوڏانهن نهاري پنهنجي ڪرسيءَ تي وهي ٿو.)

هيمون: هن ڪورٽ ۾ بالڪ مان آهيان پر ته به مون سرڪاري وڪيل مان اهڙيءَ ٻاراڻيءَ هلت جي اُميد ڪونه رکي هئي. ڏسو؛ توهان خود ڏسو ته انگريزن اسان جي ڪهڙي حالت ڪري ڇڏي آهي جو ويد وياس؛ ڪاليداس؛ پوپوتي ۽ ودياپتيءَ جي ديش جي ماڻهن ۾ مذاق ڪرڻ جي تميز به ڪونه رهي آهي... (ڪورٽ ۾ ڪجھ گوڙ)

جج: (اوچتو ميز تي ٺڪو هڻي) آرڊر- آرڊر! هيمون؛ مان تنهنجيءَ عمر ۽ جوانيءَ تي ترس کائيندي هڪ دفعو پيو به ٿو صلاح ڏيانءِ ته هڪدم ٻڌا ڏي جي ڪورٽ جي بي ادبيءَ جي معافي وٺ ۽ وڌيڪ ناٽڪبازي ڇڏي اُنهن اپراڌين جا نالا ٻڌاءِ جيڪي فش پليٽون ڪيڻ جي جرم ۾ توسان شامل هئا. مان توسان واعدو ٿو ڪريان ته توکي سرڪاري گواهه بڻايو ويندو ۽ هر ممڪن سهوليت ۽ حفاظت مهيا ڪئي ويندي... ٻيءَ حالت ۾ توکي موت کان پوءِ به افسوس ڪرڻو پوندو ته...

هيمون: (چيخ ڪري) جج صاحب؛ مونکي موت کان پوءِ به فقط اهو افسوس رهندو ته مان ٽرين ڪيرائڻ ۾ ناڪامياب ويس ۽ اُنهن خبيثن جي خون سان سندو ماتا جي ڌرتي ڌوئي نه سگهيس جيڪي منهنجن پائرن جا خوني ۽ منهنجين ڀينرن جي عزت جا لٽيرا آهن... ان کان سواءِ ٻئي ڪنهن به قسم جو افسوس نه زندگيءَ ۾ رهندو نه موت کان پوءِ!

جج: سوَن هزارن انسانن جي خون سان ڌرتيءَ کي ڌوئڻ جي

ڪجهه گوڙ ٿي ٿو وڃي. 'عمر قيد' 'ويچارو' 'جان ته بچيس' 'ڪياءُ آهي ڪياءُ' وغيره جملا ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. رتنا ڪرسيءَ تان اُٿي ڪليل جڳهه تي اچي بيهي ٿي. بيڙين ۾ ٻڌل هيمون هن جي اڳيان ڌيري ڌيري لنگهي ٿو. هن جـي آس پاس سپاهي آهن. هيمون رتنا ڏانهن نهاري ٿو. رتنا هيمونءَ ڏانهن نهاري ٿي. ٻنهي جون اکيون ملن ٿيون. ٻنهي جي چپن تي مرڪ اچي ٿي.)

رتنا: هيمون...

هيمون: هيمون هڪ شخص جو نالو ڪونه آهي- هيمون پورو انقلاب آهي انقلاب...

رتنا: (ڌيري) زنده آباد...

(پوليس وارا هلڪو ڌڪو ڏيئي هيمونءَ کي اڳتي گهلي ٿا وڃن. رتنا هيمونءَ جي پٺيءَ ڏانهن نهاريندي ئي رهي. ڪئميرا رتنا کي هڪ سائيڊ کان ڪوَر ڪري رهي آهي. ان ڪئب کان اسان ڏسون ٿا ته هيمون ڌيري ڌيري هلندو هلندو ڪورٽ جي دروازي وٽ پهچي ٿو وڃي. هو ٻاهر وڃڻ وارو ئي آهي...)

رتنا: (تمام ڌيري) هڪ دفعو پوئتي ته نهاريندو وڃ...

(ٺيڪ ان وقت هيمون پوئتي نهاري ٿو. ٻنهي جون نظرون ملن ٿيون. رتنا مرڪي. اکيون بند ڪري ڇڏ هيمونءَ کـي وڃڻ جي موڪل ڏيئي رهي آهي. بيڙين سان ٻـڌل ۽ ڌيري ڌيري اڳتي وڌندڙ هيمونءَ جي قدمن جو ڪلوز شاٽ.)

(ڪٽ)

درشيه-٢٥ جيل جي ڪوٺڙي (اندر) رات

(ڪئميرا ڪلوز جيل جي ڪوٺڙيءَ جي تالي تـي. ڪٿان مڌر آلاپ اچي رهيو آهي. شايد ڪوئي قيدي رات جي ماحول کان متاثر ٿي ظفر جو هڪ درديلو غزل ڳائي رهيو آهي. ڪئميرا

(ڪورٽ ۾ مڪمل خاموشي.)

هيمون: جج صاحب، هڪ ديش جنهن کي ودیشي، بندوقن ۽ سنگينن سان دٻائي رکيو ويٺا آهن؛ سمجهڻ گهرجي تہ اُهو ديش هر پل لڳاتار لڙائي ڪري رهيو آهي. اُها قوم ڇو ويهہ اُني ڪلاڪ ۽ تيهہ اُني ڏينهن ڪرُوڪشيتر ۾ لڙي رهي آهي! هڪ بي-هٿيار ۽ "اهمسا پرمو ڌرمه" ۾ وشواس رکندڙ جاتيءَ جي لاءِ کليل جنگ تہ ممڪن آهي اُني ڪونہ. مان هڪ هندو آهيان ۽ هندو هئڻ جي حيثيت ۾ سمجهان ٿو تہ جيڪڏهن منهنجي ماتريوميءَ جي خلاف ڪوئي ظلم ڪري ٿو يا ڏاڍ ڪري ٿو تہ هوُ جڻ ايشور جو اپمان ٿو ڪري... ۽ اسان نربل، نردن ۽ ڀولا ڀالا پارتواسي پنهنجي ماتا جي پگهہ-ويديءَ ۾ پنهنجو رت ارپڻ کانسواءِ ٻيو ڪري اُني ٿا سگهون!... اسان پارتواسي هن وقت فقط اهو اُني ڪري ٿا سگهون تہ اسان مرڪي مرڻ سکون. ۽ مرڻ سکڻ جو هڪ اُني طريقو آهي-اسان پاڻ مري وڃون! اسان ڀارت ماتا تي قربان ٿي وڃون!

(ڪورٽ ۾ تاڙيون. ڄڻ زور زور سان تاڙيون وڄائي رهي آهي. هيمون جي ڇهري تي فخر ۽ چان چمڪ آهي. جج ۽ وڪيلن جي چهري جا رنگ اُڏامي ويا آهن. هن وقت هيمون جڻ سيني کان اونچو لڳي رهيو آهي.)

جج: ڏينهن جي روشنيءَ ۾ ماڻهن جي وچ ۾ ٻهي ٻناڪون هڻڻ هڪڙي ڳالهہ آهي، اڪيلو موُت جي اونڌيري غفا ۾ داخل ٿيڻ ٻي ڳالهہ آهي... هيمون؛ تنهنجيءَ جوانيءَ تي ترس کائيندي ۽ ان ڳالهہ جو ڌيان رکندي تہ تون پنهنجي خوني منصوبي ۾ ڪامياب ڪونہ ٿئين هيءَ مارشل لا ڪورٽ توکي بامشقت عمر-قيد جي سزا ڏئي ٿي.

(جج اُٿي ٿو. وڪيل ۽ دزشڪ بہ اُٿن ٿا. ڪورٽ ۾ ڪجهہ

جيلر: مونکي ته سڄو جهڃم مان آيل لڳي رهيو آهي. دير نه ڪر، جلدي هل.

هيمون: پر تو ٿيئي پيا ته توکي به نه ڪٺي مون سان گڏ قيد ڪن؟

جيلر: (بلڪل ويجهو اچي ڦس ڦس ڪندي) شايد مونکي تنهنجي بي فرار ساٿين مان هڪ سمجهي ڪنڪي تي نه چاڙهي ڇڏن... هن سرڪار جو نه دين آهي نه ايمان. پيرو سو ڏوڙ جو ڪجي.

(هيمون ڪلڙ تي آهي ته جيلر ڪٺي تو هن جو مدهن بعد ڪري.)

جيلر: ڪلڄاڻ نه. ڪلڻدين تون ۽ ڪل ڪنهن ٻئي جي لهندي.

(هيمون اُٿي جيلر سان گڏ ڪوٺڙيءَ کان ٻاهر نڪري ٿو. ڪئميرا هنن کي جدا جدا ڪعبن کان فالو ڪري ٿي. ڪڏهن ڪڏهن فرنٽ کان به ڪور ڪري ٿي. جيلر ۽ هيمون جيل جا جدا جدا گليارا پار ڪندا ٿا وڃن.

(ڪئميرا هڪ ڪمري جي دروازي کي ڪور تي ڪري جنهن تي نيم پليٽ لڳل آهي ۽ لکيل آهي JAILER. هيمون ۽ جيلر اُتي اچي پهچن ٿا. ڪمري ۾ اندر پهريون جيلر ۽ هن جي پٺيان پٺيان هيمون داخل ٿئي ٿو. ڪئميرا هنن جي اندر تائين فالو ڪري ٿي. هڪ آواز اوور لئپ ڪري ٿو.)

آواز: ويل ڪم هيمون ويل ڪم! جيلر جي ڪمري ۾ مان تنهنجو سواگت ٿو ڪريان.

(ڪئميرا ڳالهائيندڙ کي ميڊيم شاٽ تان ڪور تي ڪري. اسان ڏسون ٿا ته جيلر جي وڏي ميز جي پٺيان رکيل عمدي ڪرسيءَ تي فدڪي فقير ويٺو آهي. هي اُهوئي فدڪي فقير آهي جنهن جو ذڪر درشيه ١٤ ۽ ١٨ ۾ ڪيو ويو آهي. پر هن

پل ٻڪ ڪري ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا ته قيد جي ڪوٺڙيءَ جي هڪ ڪنڊ ۾ هيمون ويٺو آهي. هن وقت هن جي پيرن ۾ بيڙيون ڪونه آهن. هو پنهنجن ئي خيالن ۾ گم آهي. غزل جا ٻول اوور لئپ ڪن ٿا. هيمونءَ جي ڪوٺڙيءَ جي ٻاهران ٻه سپاهي پهري تي بيٺا آهن.)

غزل: همدمو، جس دن محبت ۾ قدم رکينگي هم،
ديکه ليناِ اُس ڪو ڀي اپنا ـسا ڪر رکينگي هم.
همدمو ...

۱- جان و دل، تاب و توان، لو تم هي رکو اپني پاس،
يان هجوم- غم ۾ ڪس ڪس ڪي خبر رکينگي هم.
همدمو ...

۲- گذري هم اِس سر سي قاتل ڪيا ڪرينگي رکڪي سر،
ايڪ سر ڪي سات سؤ ڪيون درد- سر رکينگي هم.
همدمو ...

(ان وقت جيلر هيمونءَ جي ڪوٺڙيءَ جي اڳيان اچي ٿو بيهي. ٻئي سپاهي ساوڌان ٿي ٿا وڃن.)

جيلر: (هڪ سپاهيءَ کي چابي ڏيندي) ڪمرو کول.

(سپاهي ڪمري جو تالو کولي شيخن وارو لوهي دروازو به کولي ٿو. جيلر ڪمري ۾ اندر وڃي ٿو. هيمون هن ڏانهن نروڪار ڀاوَ سان نهاري ٿو)

جيلر: هيمون اٿ. هل مون سان گڏ.

هيمون: ڪيڏانهن؟

جيلر: مهنجيءَ آفيس تائين.

هيمون: ڇو؟

جيلر: ڪرني سي. آءِ. ڊي آفيسر توسان ملڻ ٿو چاهي.

هيمون: حيدرآباد مان آيو آهي يا لاهور مان؟

ڪٽي ٿو اڪيون اٿڪائي. موت ۾ هيمون ۽ هن جي اکين سان اکين رستي جدبجي ٿو وڃي. لڳيتو ۽ شعلا نڪرائجي رهيا آهن)

هيمون: (اکيون اٿڪيل ۾ طنزيہ مرڪ سان) ڏيان ۽ يوڳ جا هندو جڳت گرو رهيا آهن مسٽر سي. آء. ڊي. گهڻو وقت مون سان اکيون ملائيندين ته اهي ٻئي دوڙا پاٽي ٿي وهي ويندء...

(فنڪي ۽ چار پيرا اکيون ڇپيي نظرون ڪٽي ٿو ٻئي پاسي ڦيري. هيمون ۽ اکيون جهڪائي ٿو. لڳيتو هيمون ء سان ڪاڏل پهرئين نڪرئي فنڪيء جي هوا ڪڍي ڇڏي آهي.)

فنڪي: پنهنجيء جوانيء تي رحم ڪاءِ. ساٿين جا نالا ٻڌاءِ.

هيمون: پراٺو راڳ آهي- ڪائي نئين ڳالهہ ڪر.

فنڪي: هاڻي ۽ ڪجهہ بگڙيو ڪونہ آهي. ساٿين جا نالا ظاهر ڪر تہ هاڻي ۽ سرڪار تنهنجي جرم ٽيپ جي سزا رد ڪري توکي سرڪاري گواهہ بڻائي سگهي ٿي... هيمون، اهو منهنجو توسان واعدو آهي تہ مان پوري پوري ڪوشش ڪندس تہ جيئن تون مالا مال ٿي وڃين، انعام اڪرام ۽ عهدا حاصل ڪرين، سر جو خطاب ملي ئي، راءِ صاحب ٿي وڃين. هيمون، فقط ساٿين جا نالا ٻڌاءِ ۽ ٻنهي هٿن سان حڪومت جا خزانا لٽاءِ ۽ زندگيء ۾ عيش ڪر، مزا ڪر.

هيمون: يعني پهريون ڪتو ٿيان ۽ پوءِ گلي ۾ هيرن موتين جو قيمتي پٽو ٻڌايان؟ هن وقت مان اهڙي موڊ ۾ ڪونہ آهيان... پر مسٽر سي. آء. ڊي! تنهنجا مالڪ انگريز تہ پنهنجو پاڻ کي سڄيء دنيا جا شهنشاهہ سمجهندا آهن. هنن جي حڪومت تان سج ڪڏهن لهندو ئي ڪونہ آهي. ڪنهنجي نظر لڳي وئي جو ٻن ڇڙن غدارن کي ڪونہ ٿا پڪڙي سگهن؟ تعجب آهي!

فنڪي: تون پاڳل ٿي ويو آهين هيمون! مشهور ٽيڙ جي چاهنا توکي اڌ پاڳل بڻايو. باقي اڌ پاڳل توکي بڻايو حوالات

وقت هو فقيراڻي لباس ۾ ڪونہ آهي. سوٽ ڪوٽ ۽ بوٽ ۾ هو ڪافي شاندار لڳي رهيو آهي. ڏاڙهي اٿس پر ڍنگ سان سنواريل. اکين تي ڪارو چشمو ۽ مٿي تي پيل فيض ڪئپ هن کي ڪجهہ ڪجهہ پراسرار بڻائي رهيا آهن.)

فنڪي: هيمون، پليز ڪم آن - ٽيڪ سيٽ.

(هٿ سان سامهون پيل ڪرسيءَ ڏانهن اشارو ڪريٿو. هيمون بي - جهجهڪ ڪرسيءَ کي سيري ان تي ٿهي ٽڪي وهي ٿو. جيلر اڃا بيٺو ئي آهي.)

فنڪي: جيلر صاحب، توهان جي بروَ نہ مڃو تہ مان هيمونءَ سان اڪيلائيءَ ۾ ڳالهائڻ پسند ڪندس. توهان مهرباني ڪري دروازو بند ڪري ٻاهر نظرداري ڪريو جئين اسان جي گفتگو ڪنهن جي ڪن نہ پوي.

جيلر: يس سر...

(جيلر ڪجهہ توهين محسوس ڪندو ڪمري کان ٻاهر نڪري ٿو وڃي ۽ دروازو بند ڪري ٿو ڇڏي.)

فنڪي: (مرڪندي) اسان ڪوئي ملٽري آپريشن جو پلان ڪونہ ٺاهي رهيا آهيون. پر ناٽڪ بازي تہ ڪرڻي ئي پوندي آهي.

(هيمونءَ تي ڪوئي اثر نظر ڪونہ ٿو اچي. هو چپچاپ ويٺو آهي.)

فنڪي: مان اهوئي آهيان جنهن جي ڪري توهان انقلابين جو منصوبو ناڪامياب ويو.

هيمون: ٿئنڪ يوُ - پر اهو منصوبو فقط مون ٺاهيو هو، انقلابين نہ...

فنڪي: ون اينڊ سيم ٿنگ.

هيمون: نو - اٽ ميڪس اي لاٽ آف ڊفرنس.

(ڪجهہ دير فنڪي چپ رهي ٿو ۽ هيمونءَ جي اکين ۾

هيمون: هاڻي پاڻ ئي فيصلو ڪر ته پاڳل ڪير آهي.

(هيمون ڪرسيءَ تي وهي ٿو. فدڪي به ششدر ٿي ڪري وڃي ٿو ڪرسي والاري)

فدڪي: تنهنجي فيصلي جا ڪاغذ اپروول لاءِ حيدرآباد ڪورٽ مارشل جي پريزائيڊنگ آفيسر ڏانهن موڪليا ويا آهن...

(فدڪي ان سوچ جو رد عمل هيمونءَ جي چهري تي يا اکين ۾ ڏسڻ لاءِ ڪجهه رڪجي ٿو. پر هيمون ڪنهن به قسم جو رد عمل ظاهر نه ٿو ڪري.)

فدڪي: ڪرنل رچرڊسن تمام سخت ملٽري آفيسر آهي- انقلابين ۽ غدارن جو جاني دشمن...

(ڪئميرا فدڪيءَ جي چهري تي ڪلوز. هن جي چهري تي شيطاني مرڪ آهي ۽ اکين ۾ زهريلي چمڪ.) (ڪٽ)

درشيه-٢٦ ڪرنل رچرڊسن جي آفيس (اندر) ڏينهن

ڪئميرا ڪلوز ڪرنل رچرڊسن جي چهري تي. چهري مان هو سخت ۽ پٿر دل فوجي لڳي رهيو آهي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا ته هو هڪ شاهي بيضوي شڪل جي ميز جي پنيان هڪ شاندار ڪرسيءَ تي ويٺو آهي. هو ڪرنل جي فل ورديءَ ۾ آهي ۽ سندس ڇاتيءَ تي اڪيچار بلا لٽڪي رهيا آهن. لڳيتو ڪنهن جهنگل مان ڪوئي خونخوار چيتو انساني ڪپڙا پائي اچي ڪرسيءَ تي ويٺو آهي. هن جي سامهون هن جي قدقامت ۽ شڪل صورت جمي بلڪل اُبتڙ هڪ گوري نسل جي نوجوان ڇوڪري ويٺي آهي جيڪا ڪرنل جي پرسنل اسسٽنٽ - ڪم - اِسٽينوگرافر آهي. ڪرنل جي سامهون هڪ فائيل کليل پئي آهي. ڇوڪريءَ جا وار ڪٽيل آهن ۽ جسم تي گلابي رنگ جي چست اسڪرٽ پئي اٿس جنهن مان هن جو جوڀن هرهر ليئا پائي ٻاهر نهاري رهيو

جي ڇهبوڪن، هنڱرن، ڏندن ۽ مڪن ڏڪن. هن وقت تون
هوش ۾ ڪو نہ آهين.

هيمون: مان تہ بلڪل هوش ۾ آهيان. شڪ مونکي تنهنجيءَ
دماغي حالت تي آهي. تون هندو آهين الائي مسلمان، پر
آهين هندستاني. تون آهين هن مٽيءَ مان گهڙيل. آفيسر،
جيڪڏهن تنهنجو دماغ سالم هجي ها تہ اُنهن جي چاڪري نہ
ڪرين ها جيڪي تنهنجن پائرن جا خوني ۽ پيءُرن جي عزت
جا لٽيرا آهن. جيڪڏهن تنهنجو دماغ سالم هجي ها تہ تون
بہ مون وانگر هٿ ۾ ڪڙ ۽ پانو ڪٽي نڪري پوين ها. اڪيلو
گاڏي ڪيرائڻ!... تون خود پاڳل آهين، بي دماغ آهين، ڇريو
آهين ۽ زنده مردو آهين...

(هيمون جيئن ئي فنڪيءَ کي پاڳل چوڻ ٿو هو ڪرسيءَ
تان اُٿڻ شروع ڪري ٿو ۽ آخرين لفظ وقت هو بلڪل هيمونءَ
جي پرسان اچي ٿو بيهي. فنڪي غصي ۾ آهي ۽ لڳي ٿو تہ
اجهو ٿو هيمونءَ کي ٺونشو هڻي. پر پوءِ ڪجهہ سوچي رکجي
ٿو وڃي.)

هيمون: ... مون کي توتي رحم ٿو اچي. ڪاش، مان ڪنهن
سٺي ڊاڪٽر کان تنهنجي دماغ جي چڪاس ڪرائي سگهان!
مسٽر سي. آءِ. ڊي! يوُ آر سڪ.

فنڪي: (غصي ۾) هيمون زبان کي لغام ڏي.

هيمون: (مرڪي) ڪتو مون کي ٻڌائڻ هليو هئين، پوُنڪي
پاڻ رهيو آهين!

(فنڪي هيمونءَ کي ٺونشو هڻڻ چاهي ٿو پر هيمون هڪدم
ڪرسيءَ تان اُٿي هن جي ٻانهن پڪڙي ٿو وٺي ۽ مروڙيس ٿو.
فنڪيءَ جون اڪيون ٻاهر نڪري ٿيون اچن. هيمون هن جي
ٻانهن ڇڏي ٿو.)

طرح اِنجواء ڪري رهيو آهي.)

Colonel Richardson :

But it is you baby who has hooked me from the start and is going to stay suspenseful to the end. Miss Eleanor, you are a hell of a story with blood and bones

(ٻئي ڪلن تا. ٻنهي جون اکيون ملن ٿيون ۽ سعديشن جي ڏي - وٺ ٿئي ٿي. ڪرنل مس ايلينر کي هلڪو اشارو ڪريٿو ۽ هوءَ پنهنجيءَ ڪرسيءَ تان اُٿي ڪرنل جي ڀرسان اچي بيهي ٿي. ڪرنل هن جي ڪمر ۾ هٿ وجهي ڀاڪر ڏانهن ڇڪي ٿو ۽ هن جي چپن تي پنهنجا چپ رکڻ وارو ئي آهي جو ان وقت ڪنهن جيپ جي هارن ۽ اسٽارٽ ٿيڻ جو آواز اوورلئپ ڪريٿو. ان سان گڏ ڪن قدمن جا آواز به اچن ٿـــا. ڪرنل رچرڊسن جي دلي مراد جي ڏور ڪٽجي ٿي وڃي ۽ هو مس ايلينر کي ڇڏي فائيل کولي پڙهڻ ۽ ڏسڻ جي ڪم ۾ لڳي ٿو وڃي. مس ايلينر پنهنجيءَ جڳهه تي وڃي ٿي وهي.)

Col. Richardson :

Bastards, Bloody bastards:

Miss Eleanor :

Them or us ?

(ڪرنل، ايلينر ڏانهن شڪي نهاريٿو. نهار مان صاف ظاهر آهي ته هو ايلينر کي ڇئي رهيو آهي ته دوغلا اسان انگريز ڪيئن ٿا ٿي سگهون. دوغلا ته اهي هندستاني ڪرانتيڪاري آهن.)

Miss Eleanor :

I am sorry Sir, so sorry.

(ڪرنل فائيل بعد ڪري ايلينر ڏانهن مرڪي نهاري ٿو. فائيل جي ڪور جو ڪلوز شاٽ. ان تي لکيل آهي:

آهي. ڪرنل رچرڊسن جون نظرون به ڪڏهن ڪڏهن ڇوڪريءَ جي جسم جو سڳر ڪن ٿيون- ڳالهين جي وچ ۾. ڇوڪريءَ جي هٿ ۾ پينسل آهي ۽ شارٽ هئنڊ نوٽ بوڪ اڳيان کليو پيو اٿس. ڪرنل جي سامهون واريءَ ديوار تي يعني هن وقت جيڏانهن ڇوڪريءَ جي پٺي آهي، هڪ شاهي پينٽنگ ٽنگيل آهي جنهن ۾ ڪلاتمڪ نموني هڪ ننگي عورت ڏيکاريل آهي ۽ ان چتر جي هيٺان لکيل آهي:

"The crotch on Canvas"

ڪرنل ان چتر ڏانهن نهاري وري ڇوڪريءَ ڏانهن نهاري ٿو. ڇوڪري هن جو اڻ ڇيل پر بخوبي اظهاريل مطلب سمجهي ٿي وڃي ۽ مرڪي ٿي. ڇوڪريءَ جو نالو ايليئنر آهي- مس ايليئنر (Eleanor)

Miss Eleanor :

Some times I get that bloody feeling that you are a bastard hero of a deft, fast-paced, Spiced with romance and mystery, enthrawlling, intriguing, Sturdy, Vivid, Credible unhackneyed, full of unexpected twists and turns, edge-of-the-seat- reading, spy-cum-war novel written in the hell with a solid gun.

(مس ايليئنر مٿيون لمبو جملو اهڙي نموني ادا ٿي ڪري جو ان جو هڪ هڪ لفظ چڱيءَ طرح سمجهه ۾ به اچي ٿو ۽ پڙهندڙ مذاق جي ڇاپ به ڇڏي ٿو وڃي. مس ايليئنر جي اکين جي چمڪ ۽ مرڪ ادائگيءَ کي وڌيڪ جاندار بڻائي ٿي ڇڏي. ڪرنل رچرڊسن جي چهري تي آنند ۽ سنتوش جو ڀاو آهي جڻ هو هڪ هڪ لفظ، هڪ هڪ صفت پوريءَ پوريءَ

ڊسمبر-٢٧ جيل جي ڪوٺڙي (اندر) ڏينهن

ڪئميرا ڪلوز جيل جي ڪوٺڙيءَ جي تالي تي. ڪوئي چابيءَ سان تالو کولي رهيو آهي. تالو کلي ٿو ۽ ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي. اسان ڏسون ٿا ته اندر ڪوٺڙيءَ ۾ هيمون قيد آهي- اڪيلو. ٻه سپاهي پهري تي آهن ۽ انهن مان ئي هڪ دروازو کوليو آهي. دروازي وٽ ٿري پيس سوٽ ۾ ملبوس هڪ گورو آفيسر بيٺو آهي. هن جي مٿي تي فلٽ هئٽ پيل آهي ۽ پيرن ۾ چمڪدار بوٽ. پنهنجي وهدوار ۽ شخصيت مان هو ڪو وڏو عهديدار لڳي رهيو آهي جنهن کي سرڪار ڪافي اختياريون ڏيئي ڇڏيون آهن. دروازو کلندي ئي هو ڪوٺڙيءَ ۾ داخل ٿئي ٿو. هيمون هن ڏانهن نهاري به ڪونه ٿو هو پنهنجن ئي خيالن ۾ گم آهي. گورو آفيسر هن جي بلڪل اڳيان اچي بيهي ٿو. چمڪدار بوٽ تي نظر پوندي ئي هيمون وڃي ئي وڃي اکيون مٿي کڻي ٿو ۽ پهريون دفعو گوري آفيسر تي هن جي نظر پوي ٿي. پر هيمونءَ تي ڪوئي اثر ڪونه ٿو ٿئي. هو نروڪار ڀاءَ سان چپچاپ ويٺو ئي ٿو رهي.

گورو آفيسر: هيمون.

هيمون: ڇئو.

گورو آفيسر: هاڻي به تون جي پنهنجن ساٿين جا نالا ٻڌائين ۽ معافي وٺين ته مون کي اهو اڌڪار آهي ته مان تنهنجيءَ ڦاسيءَ جي سزا رد ڪري ڇڏيان. سوچ.

(هيمونءَ جو چهرو غصي کان لال ٿي ٿو وڃي. اکين ۾ خون ڀرجي ٿو اچيس. جهٽڪي سان اُٿي بيهي ٿو ۽ گوري آفيسر جي اکين ۾ اکيون اٽڪائي ڪجهه دير چپچاپ هن ڏانهن نهاريندو ٿو رهي. آخر گوري آفيسر کي پنهنجون اکيون جهڪائڻيون ٿيون پون.)

Miss Eleanor :

You approved ?

Col. Richardson :

What ?

Miss Eleanor :

The Judgment. (هيمون ء جي فائيل ڏانهن اشارو)

Col. Richardson :

What are you talking baby ? I don't approve such mild punishments. This Judge is not only ignoramus but imbecile also. Do you call it a judgment ? a punishment ? No, Miss no It is a clear cut example of nonsequitar—a bad Piece of reasoning which does not lead up to the Judgment intended. I hate it where the security of a country is at stake.

Miss Eleanor :

You call Life-imprisonment a mild punishment !

Col Richardson :

In such Cases, yes, we have to eliminate these criminal lunatics during infancy................I love infanticide, you know. (ڇهري تي معنيٰ پوري م رڪ) We don't like to have other Bhagatsinghs and Azads on our hands. We have to finish this madness any how and at any cost. Miss Eleanor, Hemu Kalani Should be hanged-hanged till death. that will be a clear and loud message for others.

(ڪٽ)

درشيه-٢٨ عام رستا (ٻاهر) رات

اونداهي رات ۾ گولين جا آواز. چيخون. ڏڪندڙ جيپون ۽ موٽر سائيڪلون. بمن جا ڌڪا.

هڪ پوليس جي جيپ ڏوڙندي ڪري جلي رهي آهي. هڪ انقلابي گوليون ڇوڙي ٿو ۽ ڪار ۾ ويٺل ٽي آفيسر ۽ اُتي جو اُتي مري ٿا وڃن. آفيسر گورا آهن.

بم اُڇليو وڃي ٿو ۽ گورنمينٽ جي بلڊنگ جلڻ لڳي ٿي. اُڪرايل پنا ۽ سامهون ٽوپين اڇي رهي آهي.

جلندڙ پوسٽ آفيس.

گوليون. گولا. آگ جا شعلا. چيخون ۽ چيخون.

ڏڪندڙ ڪرانتيڪاري گوليون هلائن ٿا.

گورا سپاهي ۽ آفيسر گوليون کائي رستي تي ڪرندا رهن ٿا. چوطرف تباهي ئي تباهي. خون ئي خون. چيخون.

(ڪٽ)

درشيه-٢٩ جيل جي ڪوٺڙي (اندر) ڏينهن

ڪئميرا ڪلوز ڀيسومل ڪالاڻيءَ جي چهري تي. هن جي چهري مان عمر جي وڏي وٿ جا نشان صاف ظاهر آهن. هن جي عمر چاليهن ۽ پنجيتاليهن سالن جي وچ ۾ لڳي رهي آهي. لونڊڙين وٽ وار سفيد ٿي چڪا اٿس. ڪئميرا جي پل ٻئڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا ته هو پنهنجيءَ زال جيٺي ٻائيءَ سان گڏ جيل جي ڪوٺڙيءَ کان ٻاهر ويٺو آهي. شيخن جي پٺيان هيمون قيدين جي لباس ۾ ويٺو آهي. هيمونءَ جي چهري تي ڪنهن به قسم جو نه غم آهي نه غصو نه پڇتاءُ. هو بلڪل شانت ڀاوَ سان ويٺو آهي. ڀيسومل چهري مان دکي ۽ هار کاڌل لڳي رهيو آهي. هيمونءَ جي ماءُ جيٺي ٻائي ڏاڍيءَ مشڪلات سان پنهنجا ڳوڙها روڪي رهي آهي. ازحد ڪوشش

هيمون: گستاخ انگريز، جيڪڏهن معافي وٺڻي ٿي آهي ته توکي اسان کان وٺڻي پوندي ۽ نه مونکي توکان.

گورو آفيسر: هيمون، شايد توکي خبر ناهي ته هئنگنگ ٽل ديٿ ڇاهي. تنهنجي گردن لٽڪي ٿي ويندي، زبان منهن مان ٻاهر نڪري ايندي، اکين جا ٻال ساڪيٽس ۾ ماپي نه سگهندا ۽ جنهن وقت تڙ تڙ ڪري تنهنجي جان جسم مان ٻاهر نڪرندي ان وقت تون تتل ريت تي پيل مڇليءَ وانگر پيو تڙڦندين... يو فول!

هيمون: منهنجي گردن جڏهن لٽڪي ٽيٽي هوندي، ٽيندي. زبان لٽڪي هوندي، لٽڪندي. تتل ريت تي پيل مڇليءَ وانگر منهنجو جسم جڏهن ڦٿڪي هوندو، ڦٿڪندو. اسان هندو ڀاڳيه ۽ ڪرم-ڦل ۾ وشواس رکندا آهيون. پر ڪٿي ان کان اڳ ئي تنهنجو روح جسم مان نڪري آسمان ڏانهن پرواز نه ڪري وڃي. ان ڪري پليز، گيٽ آئوٽ ائنڊ بي لاسٽ!

(هيمون هڪدم منهن ڪٽي ٿو ڦيري جڻ گوري آفيسر جو ڪوئي وجود ئي ڪونه آهي. گورو هن ڏانهن ڪجهه پل شڪي نهاريندو رهي ٻاهر وڃڻ لاءِ در طرف وڌي ٿو. هيمون جو منهن اڃا ديوار طرف آهي. گورو دروازي وٽ رڪجي پوئتي نهاري ٿو.)

گورو آفيسر: مونکي توتي رحم ٿو اچي.

هيمون: (او چتو گوري ڏانهن منهن ڪري) رحم مونتي نه کاءُ، پر ان پاپي حڪومت تي کاءُ جيڪا هر پل موت جي غار ڏانهن طرف قدم قدم ڪري وڌندي ٿي وڃي.

(ڪئميرا هيمون جي شانت پر تيجسوي چهري تي.)

(ڪٽ)

ٻه اڄايون ويون... ڪراچي ڪارپوريشن جي اڳوڻي ميئر جمشيد جي مهتا، سنڌ اسيمبليءَ جي اسپيڪر ڀوڄسنگهه پهلاجاڻيءَ، ساڌو واسواڻيءَ، ساڌ ٻيلي جي مهنت سوامي هرنامداس ۽ ڄيٺمداس گهڻي ئي ڊڪ ڊوڙ ڪئي. هزارن ماڻهن جي صحيح سان عريضا ڏنائون ته جيئن تنهنجيءَ ننڍيءَ عمر کي خيال ۾ رکي ڦاسيءَ جي سزا رد ڪئي وڃي. پر پٽ، دشت ۽ آتتائي ملٽري ڪمانڊر رچرڊسن سڀ ٻڌو اڻٻڌو ڪري ڇڏيو... هرڪا درخواست، هرڪو عريضو ٺڪرائي ڇڏيائين...

هيمون: ڇو نه ٺڪرائيندو؟ هو پنهنجو ڌرم پالي رهيو آهي ۽ مان پنهنجو ڌرم پالي رهيو آهيان. اسان ٻئي هڪ ٻئي جي ڌرم کي بگيڙڻ جي ڪوشش ڪو نه ڪنداسين.

جيٺي ٻائي: پٽ، هي تون ڇا چئي رهيو آهين؟ تون برابر ڌرم پالي رهيو آهين پر هو مٺو ماريو ڪهڙو ڌرم پالي رهيو آهي؟

هيمون: امان، هو به مون جهڙوئي ڌرم پالي رهيو آهي. ديش کي آزاد ڪرائڻ لاءِ جان جي آهوتي ڏيڻ منهنجو ڌرم آهي ۽ وري ڀارت کي آزاد ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندڙن کي پڪڙڻ، سزائون ڏيڻ، ڦاسيءَ تي لٽڪائڻ هن جو ڌرم آهي... امان، موهه جي حدن کان ٻاهر نڪري تصوير جا ٻئي پاسا ڏس ته پوءِ تون به ائين ئي چوندينءَ ته اهو ٺيڪ ٿيو جو پرماتما چاهي ٿو. امان، رب جي رضا تي راضي رهڻ کانسواءِ اسان انسانن جي هٿ ۾ ٻيو ڪجهه به ڪو نه آهي.

(جيٺي ٻائي اچي ٿي رئڻ ۾ ڇٽڪي. جيتوڻيڪ پيسومل پاڻ به پريو بيٺو آهي. منهن رئڻهارڪو اٿس ته به ڙال کي ڪلهي کان پڪڙي آٿت ڏئيس ٿو.)

جيٺي ٻائي: اها رب جي ڏاڍائي آهي هيمل. نسوري ڏاڍائي آهي...

جي باوجود هن جي اکين جون ڪنڊون ڪجهه آليون آهن.
پيسومل: پٽ، سڀ ڪوششون اجايون ويون. ڪوئي سهارو ڪم نه آيو. ڪائي پهچ ڪامياب نه ويئي.
هيمون: بابا، جو ٿيڻو هوندو اوس ٿيندو. دنيا جي ڪائي طاقت، ڪائي دؤلت ۽ ڪائي سفارش هوڻيءَ کي روڪي نه سگهندي. توهان لڪئي کي ٽارڻ لاءِ سرتوڙ ڪوشش ڪري رهيا آهيو. اهڙي ڪوشش اجائي نه ويندي ته بيو ڇا ٿيندو؟ رضا تي راضي رهو ۽ اهو ٿيڻ ڏيو جيڪو پرماتما چاهي ٿو.
(جيٺي بائي پوٽيءَ جي ڪنڌ سان اکيون اُگهي ٿي. پيسومل منهن ٿورڙو پاسيرو ڪري هنيانءَ کي جهلڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.)
جيٺي بائي: پٽ هيمل، تون ڪيترو سؤلائيءَ سان چئي وئين ته اهو ٿيڻ ڏيو جيڪو پرماتما چاهي ٿو. پر مان ٿي پڇان پرماتما اهو چاهي ئي ڇو ٿو؟ جنهن ٻالڪ کي اسين ماتائون نوَ مهينا پيٽ ۾ سانڍي سور سهي پرماتما جي هن سرشٽيءَ ۾ آڻيون ٿيون؛ ڇا ان لاءِ ته هڪ ڏينهن پوريءَ جوانيءَ ۾ ڪوئي جلاد، ڪوئي ڪاسائي، ڪوئي راوڻ...
(جيٺي بائي وڌيڪ ڳالهائي نه ٿي سگهي. گلو پرجي ٿو اچيس ۽ ڪٽي تي منهن هٿن ۾ لڪائي. ٻه ٽي سڏڪا صاف صاف ٻڌڻ ۾ اچن ٿا.)
پيسومل: هيمون، تنهنجي لاءِ سڄيءَ سنڌ ڪوشش ڪئي ته جيئن... ته جيئن...
(گلو پرجي ٿو اچيس. هيمون ٻيءَ ڏانهن نهاري ڪنڌ لوڏي ٿو جڻ چوڻ ٿو چاهي ته اُنهن اڌيرو ٿيڻ توهان لاءِ سٺو ناهي، سهائيندو ناهي. پيسومل پاڻ سنڀالي ٿو.)
پيسومل: هيمون، سنڌ جي وڏن وڏن هستين جون ڪوششون

تي ڪوئي ٻوجهه نه رهي.

(جيني بائي اکيون آليون هونديون به مرڪي ٿي. هيمون به مرڪي ٿو. پيسومل جي چپن تي به اڌوري مرڪ اچي ٿي.)

هيمون: (ٻنهي ڄڻن مخاطب ٿـي) بابا، سڀيءَ سيد پلي مهنجي جان بچائڻ لاءِ درخواستون موڪليون هجن يا ڪوششون ڪيون هجن پر مونکي فخر آهي ته مون خود اهڙي ڪانسي درخواست ڪونه ڪئي آهي... مونکي معافي ڪپي ئي ڪونه. مونکي ڦاسي ڪپي. معافي مون لاءِ موت کان گهڻو وڌيڪ ڏکدائي ٿيندي... بابا، شايد توهان کي خبر ڪونهه آهـي ته رچرڊسن مون ڏانهن پنهنجا عملدار موڪليا هئا ته اچي معلوم ڪن ته مان پنهنجي ڪئي تي پشيمان ٿيو آهيان يا نه. مان جي فقط پشيماني ظاهر ڪندي معافي وٺان ها ته ڦاسيءَ جي سزا هڪدم رد ٿي وڃي ها. هاڻي به ائين ٿي سگهي ٿو. پر مان ائين ڪندس ڪونه. مان ڪجهه سال زنده رهڻ لاءِ سڀئي ڪئي ڪرائي تي پاڻي ڪونه ڦيريندس...

پيسومل: (وچ ۾ ڪٽي) تو انهن عملدارن کي ڇا چيو؟

هيمون: سڌو چيو مان ته جي جيئرو رهيس ته وري به اهڙائي ڪم ڪندس ۽ تيستائين جاري رکندو ايندس جيستائين انگريزن جي حڪومت هندستان مان ختم نه ٿي وئي آهي... پر جي مري ويس ته وري هن پوميءَ تي جنم وٺي پنهنجي اڌوري ڪاره کي پورو ڪندس.

پيسومل: (عجب مان) يعني تو پاڻ...

هيمون: هائو، مان چاهيان ته ڦاسيءَ جي سزا رد ٿي سگهي ٿي. جنم ٽيپ جي سزا رد ٿي سگهي ٿي. مان آزاد ٿي سگهان ٿو. مونکي وڏا عهدا، وڏا خطاب ۽ اڻ ڳڻيا انعام اڪرام ملي سگهن ٿا... پر مان اهو چاهيندس ڪونه، ڇو ته ان جي

هيمون: امان، دل ننڍي نہ ڪر. ٻار کي گهٽ نہ سمجھ. اسان سڀ انقلابي کتري آهيون. يڌ ڪرڻ اسان جو ڌرم آهي. اسان جو جنم ئي اِن لاءِ ٿيو آهي تہ جيئن جنگ جي ميدان ۾ مارِيون، مارِيون ۽ هڪ ڏينهن خود بہ مري وڃون. اسان کي پورو پورو يقين آهي تہ جيڪو انقلابي آزاديءَ جي يگيہ ۾ پراڻن جي آهوتي ڏئي ٿو سو مري نہ ٿو پر سورڳ ۾ وڃي امر آنند پائي ٿو.

(ڀيسومل ۽ جيٺي بائي دکي هوندي بہ هيمونءَ جي مُنهن مان نڪتل گيان جي گفتن کي ٻڌي ٿيرس مان هن ڏانهن نهارن ٿا.)

هيمون: شري ڪرشڻ ڀڳوان يڌ ڀوميءَ ۾ ارجن کي چيو آهي: هي ارجن! جڏهن جڏهن ڌرم جي هاڃي ٿئي ٿي ۽ اڌرم وڌي ٿو وڃي تڏهن تڏهن آءٌ ڌرم جي استاپنا لاءِ ۽ ڀڳتن جي رکيا لاءِ جنم وٺان ٿو... امان، اسان سڀ انقلابي ڀڳوان ڪرشڻ جو ئي سونپيل ڪاريہ ڪري رهيا آهيون ۽ تون. اما تون. اسان مان هڪ وير جي ماتا آهين، جيسي آهين. توکي رئڻ ۽ پڇتائڻ شوڀيا نہ ٿو ڏئي. تون تہ سر اونچو ڪري هل. امان، تون ديش کي اهو ڪجھ ڏيئي رهي آهين جو مرڪڻ تنهنجو اڌڪار ٿي ٿو وڃي.

جيٺي بائي: (هيمونءَ جي ڳٽن تي ٻئي هٿ ڦيريندي، ڪجھ ڀريل آواز ۾) منهنجا لال! منهنجا گل!

هيمون: امان، مرڻ شرير جو ڌرم آهي پر آتما سدائين امر آهي. جهڙيءَ طرح انسان ميرو ڪپڙو لاهي اڇو اُجلو ڪپڙو پائي ٿو، ٺيڪ ان طرح آتما بہ پراڻي ديهہ ڪسي ڇڏي نئينءَ ديهہ کي ڌارڻ ڪري ٿي... ميرن ڪپڙن سان ايڏو موهہ نہ رک. امان، ايڏو موهہ نہ رک. مرڪ، امان مرڪ تہ جيئن منهنجي من

درشيہ-٣٠ جيل جي ڪوٺڙي (اندر) ڏينهن

(پردي تي لکجي ٿو وڃي)

٢١ جنوري ١٩٤٣

(ڪئميرا ڪلوز کير سان پريل هڪ گلاس تي. ڪوئي گلاس کڻي ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي. اوچتو اهو ماٺو هڪ هٿ رکجي ٿو وڃي. ڪئميرا پل بئڪ ڪري ٿي ۽ اسان ڏسون ٿا تہ گلاس هڪ سپاهيءَ جي هٿ ۾ آهي ۽ هو هيمون جي پرسان بيٺو آهي. هيمون زمين تي ويٺو آهي ۽ پدم آسڻ ۾ ويهي گيتا پڙهي رهيو آهي.)

هيمون: آد پرُت، آد ديو ۽ آد يگيہ منهنجا ئي ناالا آهن. انتڪال ۾ مون کي سڃاڻي جيڪو بہ ديهہ ڇڏي ٿو. سو منهنجي اوناشي پد کي پراپت ٿئي ٿو. ديهہ تياڳڻ مهل جو جنهن جو سمرڻ ڪري ٿو سو تنهن کي وڃي پراپت ٿئي ٿو...

سپاهي: هيمون، کير پيءُ.

(هيمون گيتا پڙهڻ بند ڪري ٿو، گيتا کي هٿ جوڙي اکيون مٿي کڻي ڪجهہ دير سپاهيءَ ڏانهن نهاري ٿو. هيمون جي چهري تي ڪوئي ڀاوُ ڪونہ آهي.)

سپاهي: کير - کير پيءُ ادا!

هيمون: اَدا هاڻي تہ وڃي پنهنجيءَ ماتا جو کير پيئندس.

(سپاهي ڪجهہ پل هيمونءَ ڏانهن قرب پريل نظرن سان نهاري ٿو. هن جي اکين جون ڪنڊون آليون آهن. سپاهي ڌيري ڪوٺڙي کان ٻاهر نڪري ٿو وڃي. هيمون وري گيتا پڙهڻ لڳي ٿو.

هيمونءَ جي ڪوٺڙيءَ جي ٻاهران گشت ڪندڙ سپاهين جي قدمن جا شات.

هيمون اکيون پوري ڌيان ۾ ويٺو آهي. چار نوان سپاهي

قيمت منهنجي سچي هستي آهي ۽ پارلواسين لاءِ ڪڏهن به نه مٽجي سگهڻ وارو هڪ ڪلنڪ آهي.

(پيسومل ۽ جيني بائيءَ جا چهرا لهي ويا آهن. اتاهه پيڙا ۽ فخر جي احساس هنن جي حالت عجيب ڪري ڇڏي آهي.)

هيمون: منهنجيءَ ڦاسيءَ ۾ باقي ٽي ڏينهن آهن. ٽن ڏينهن کان پوءِ مان پنهنجن سورويرن ۽ امر ساٿين سان وڃي ملندس. ٽن ڏينهن کان پوءِ پوءِ پتا سان منهنجو مهاملن ٿيندو!

توهان چنتا ڇا جي ٿا ڪريو؟ ڏسو نه ٿا ته مان ڪيترو نه خوش آهيان؟ شايد توهان کي خبر نه هجي ته هنن منهنجي تور پاڻ ڇهه پائونڊ وڌي وئي آهي. اهو ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته انگريزن جا ڏينهن اچي پورا ٿيا آهن... اُنهن کي ڪير غلام بڻائي رکي سگهندو جن جي دلين مان موت جو ڊپ نڪري ويو هجي!

(ٻه سپاهي اچن ٿا.)

هڪ سپاهي: ملاقات کي گهٽوئي وقت ٿي چڪو آهي. هاڻي توهان وڃو.

هيمون: بابا! امان! پرارٿنا هڪ ئي ڪجو ته منهنجو ملڪ جلد آزاد ٿئي- ٽيڪوءَ جي پارت هجيو - منهنجي طرفان پيار ڪجوس.

سپاهي: هاڻي وڃو. وقت تمام گهڻو ٿي ويو آهي.

(پيسومل ۽ جيني بائي هيمونءَ تي هڪ ڀرپور نظر وجهي واپس وڃڻ لاءِ مڙن ٿا. وري مڙي ڪري پوئتي نهارن ٿا. ڪجهه دير رڪجي، ٻاهر وڃڻ لاءِ اڳتي وڌن ٿا. ڪئميرا هيمونءَ جي چهري تي. هو شيخن کي پڪڙي ماتا ۽ پتا کي جيل کان ٻاهر ويندو ڏسندو رهي ٿو. هن جي چهري تي ڇا هي اکين ۾ ڪنهن به قسم جي پاونا ڪونه آهي.)

(ڪٽ)

(گوري ملٽري آفيسر جي اشاري تي هڪ سپاهي اڳتي وڌي هيموءَ جي پيرن ۾ پيل زنجيرون کولي ٿو. گورو ملٽري آفيسر پستول تيار ڪري بيهي ٿو. هن کي ڏسي سپاهي به هر ممڪن گهٽنا لاءِ تيار ٿي ٿا بيهن.

هيمون وڏي شان مان ساه قاسيءَ جي تختي تي چڙهي ٿو. هن جي شرير جي ڪنهن به انگ مان جهجهڪ، هٻڪ يا هڻڪ ظاهر ڪونه ٿي ٿئي. هو دليرانا مرڪ مرڪي رهيو آهي.

جلاد هيموءَ جي ڳچيءَ ۾ قاسيءَ جو ڦندو وجهي ٿو ۽ اجا منهن جي مٿان ڪارو ٽوپ وجهڻ وارو ئي آهي ته گورو ملٽري آفيسر اشاري سان هن کي روڪي ٿو.)

گورو آفيسر: نؤجوان، قانون جي مطابق مونکي توکان پڇڻو آهي ته ڇا تنهنجي ڪا آخرين خواهش آهي جيڪا اسان پوري ڪريون.

هيمون: منهنجي آخرين خواهش اها آهي ته زندگيءَ جي آخرين گهڙين ۾ منهنجي منهن مان جيڪي لفظ نڪرن اهي تون دهرائين... (زور سان)

انقلاب زنده آباد!

ڀارت ماتا ڪي جئه!!

(گوري آفيسر جو منهن رڪ ٿي ٿو وڃي. سڀ قاسي گهر ۾ مؤت جهڙو سناٽو ڇانئجي ٿو وڃي. جلاد هيموءَ جو منهن ڪاري ٽوپ سان ڍڪي ٿو. ان ساه منجهائيندڙ شانتيءَ واري ماحول ۾ جلاد جي ليور ڇڪڻ جو آواز بيحد خوفناڪ لڳيتو.

هيموءَ جو بيجان جسم لٽڪيو پيو آهي.)

(فيڊ آئوٽ)

اندر داخل ٿين ٿا ۽ هيموءَ جي اکيان اچي ٿا بيهن. هيمون ڌيان ۾ آهي.)

سپاهي: هيمون، هلڻ جي تياري ڪر.

(هيمون اکيون کولي ٿو ۽ سپاهين ڏانهن نهاري ٿو.)

هيمون: تيار نه اسين ته مهدن ڪان ويٺا آهيون. ديرو ته هان جي طرفان ئي ٿي آهي.

(هيمون اٿي بيهي ٿو. سپاهي هن کي پڇهجي وچ ۾ ڪري، پيرن ۾ بيڙيون وجهي ڪمري کان ٻاهر وٺي وڃن ٿا. ڪئميرا ڪلوز هيموءَ جي چهري ٿي.)

هيمون: (اڳتي وڌندي - پيرن ۾ پيل بيڙين جا آواز ايندا رهن ٿا.)

مالڪ تيري رضا رهي اؤر تؤ هي تؤ رهي،
باقي نه مئن رهون نه ميري آرزو رهــي.
جب تڪ ڪ تن ۾ جان رگون ۾ لهؤ رهــي،
تيرا هي ذڪر هو تيري هي جستجؤ رهــي.

(ڦاسي گهر جو دروازو. هيمون سپاهين سان گڏ اندر داخل ٿي رهيو آهي.

هيمون: (بلند آواز ۾)

I wish the downfall of British Empire.

(ڦاسي گهر ۾ بيٺل گوري ملٽري آفيسر جو چهرو غصي مان لال ٿي ٿو وڃي. هيمون هن ڏانهن نهاري زهريلي مرڪ مرڪي ٿو. گوري آفيسر جي نڪ جي ناسن مان عجيب قسم جا جانوري آواز نڪرن ٿا.)

هيمون: (پيرن ۾ پيل زنجيرن ڏانهن حقارت سان نهاريندي) انقلابين لاءِ هنن جي ڪائي ضرورت ڪونه آهي. مان تختي تي پاڻ پهنجن پيرن سان چڙهندس.

ويٽا پبلبڪيشن جو ڇپايل

ٻال - ساهتيه

[١] ڇورڪيءَ انڌو ٽڪو - جڳديش لڇاڻي
(اٺن سنڌي لوڪ ڪٿائن ۽ پريَ ڪٿائن جو مجموعو)

[٢] روپ نگر جي راجڪماري - جڳديش لڇاڻي
(سنڌي لوڪ ڪهاڻيءَ تي آڌارت ٻال - اُپنياس)

[٣] گلن ڦلن جي راڻي - جڳديش لڇاڻي
(سنڌي لوڪ ڪهاڻيءَ تي آڌارت ٻال - اپنياس)

[٤] ڪٺي آنڌي ڪنوار - جڳديش لڇاڻي
(سنڌي لوڪ ڪهاڻين جو مجموعو)

[٥] ٻال ڪهاڻيون - جڳديش لڇاڻي
(ڇهن ٻال ڪهاڻين جو مجموعو)

[٦] سنڌي لوڪ ڪهاڻيون جڳديش لڇاڻي
(ڇهن سنڌي لوڪ ڪهاڻين جو مجموعو)

[٧] ڇورمر - منوهر بيدي
(NCERT طرفان انعام حاصل ڪيل ٻال - ڪوتائون)

[٨] رنگبرنگي آکاڻيون - جيوت "جوت"
(ٻال ڪهاڻين جو مجموعو)

[٩] هڪڙو هو ڏاهري - جڳديش لڇاڻي
(سنڌي لوڪ ڪهاڻين جو مجموعو)

١٠- لعل هيري جي ڏلاش - جڳديش لڇاڻي
(هڪ وگياني ٻال اپنياس - اڻڇپيل

ويٽا پبليڪيشن

٧٠١، راجيو اپارٽميٽ، الهاسنگر-٤٢١٠٠١
☎ 70103